


رُوح رہا

روُح رهاڻ

(ڀاڱو ٦)

دادا جشن جينتي (٢.٨.١٩٩١)

٣٠ رپيا دادا جشن واسواڻي



ساڌو واسواڻي

سمرپڻ

منڙي گرديو

جي ڪمل قدمن ۾

Typeset & Printed by: S. P. Shahani at
KIKA LASER PRINTERS, 715, Bhawani Peth,
Pune-411042. Phone : 651635 / 654424.
Published by Sital G. Menghani C/o Sadhu Vaswani
Mission, 10, Sadhu Vaswani Path, Poona-411001.
Phone : 662310

اَندر چا ڏسندا

جيڪي اَئُون، وچون ڏيندا! جي ڏيون ٿا، ندي هلڻ شروع ڪري ٿي. روز ڪجھ نہ ڪجھ ڏيون! رات جو سمهون، تنهن کان اَڳ پاڻ کان پڇون تہ اَڄ اَسان ڪنهن کي ڪجھ نہ ڪجھ ڏنو يا نہ؟ ڪنهن گهرجائوءَ کي روٽيءَ ٽُڪر ڏنوسين؟ ڪنهن پياسيءَ کي پاڻيءَ چُڪو پيئاريوسين؟ ڪنهن کي اَسان پنهنجي مشڪ ڏني؟ ڪنهن دکيءَ دل کي اَسان آٿت ڏنو؟ جي نہ، تہ اَسان جو ڏينهن اَجايو ويو.

صفحہ- ١٠، ١١

❋❋❋

اَسين پنهنجي جيون ٽن ڳالهين ۾ ٻڌُون:- وشواس رکون، اِنڪري سڀ ڪجھ قبول ڪريون. ٻڪ جاڙون، جيڪي ٿئي ٿو، سو پريوءَ جي حڪم ۾ ٿئي ٿو. اِن ۾ ئِي اَسان جو ڀلو آهي!

ڀيو اَچاهہ ٿيون! وچون وڏيڪ اَچاهہ ٿيندا. چاهنا آهي جا اَسانکي ٻڌي ٿي، چاهنا کان آزاد ٿيون!

ٿيون سين کي وچون آٿت ڏيندا! اَتاه آٿت!

باقي پاڻيهي اَچي ڪندو اَللہ!

صفحہ - ٣٢

❋❋❋

اَچو تہ سيني ڪرشن ڀڳتن جي چرنن ۾ سِر جهڪايون. سندن جيون مان اِهو هڪ گڻ ڪڻون. پنهنجا ڪم ڪاريون ڪريون، ڪندا رهون، پنهنجا فرض پالن ڪندا رهون، پر وري وري وقت بچائي هڪ منٽ، ٻہ منٽ بچائي، دل جي اَندر مها منتر اُچاريون. سويل صبح جو اُٿي، ٿورو وقت بچائي، سانت ۾ ويهي، ٻيو ڪجھ نہ ڪريون، فقط ويهي نام اُچاريون:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

صفحہ - ٤٢

جيڪو بہ سک جو آزمودو اَسان وٽ اَچي ٿو، جيڪو بہ ڏک جو آزمودو اَسان وٽ اَچي ٿو، اَسان اُنهن کي نينڊ موڪلي آهي، تڏهن اَسان وٽ اَچي ٿو، نہ تہ جيڪر اَسان وٽ اَچي ئي ڪونہ. سک ۽ ڏک اُهوئي اَچي ٿو، جنهن کي اَسين نينڊ موڪليون ٿا. ڪئن ٿا نينڊ موڪليون؟ پنهنجي ڪرمن دواران. اَسين پوکہ اُهڙي ٿا ڪريون، جنهن پوکہ جو لُڻڻ آهي اِهو. ڪرم آهن ٻج، جيڪي اَسين وڃا پنهنجي جيون جي ٻنيءَ ۾ پوکيون. اُن مان وڻ نڪرن ٿا. وڻن مان يا مٺو ميوو اِيندو يا ڪوڙو ميوو اِيندو. ٻئي اَسان جا آهن. اَسان هنن کي نينڊ موڪلي آهي.

صفحہ - ٨٦

⁂⁂⁂

هن سرير جي اَندر زنده جوت، اَنتر جوت پيئي جڳي، پيئي ٻري. اَسين سانت ۾ ويهون، اَکيون پُوريون، اوُنده ئي اوُنده ڏسون ٿا! سنت ستپرکہ چون ٿا:- ”جوت جڳاءِ!“ ”جوت جڳاءِ“ جي معني اِها ڪونهي تہ ڪا اَسان کي اَندر وچي جوت جڳائڻي آهي. نہ، نہ! جوت اَڳيئي جڳي پيئي. پر هن وقت اِها جوت ويڙهيل آهي پردن ۾. اِهي پردا پري ٿيندا، اَسان کي جوت جو درشن ملندو، جوت جو ديدار ٿيندو. جوت هڪ هڪ جي اَندر آهي. اِنسان ڪيڏو بہ ڪريل هجي، ويسر ۾ وچايل هجي، گناهن ۾ گرفتار هجي، هن جي اَندر جوت آهي. اِن جوت ۾ ئي هڪ هڪ جي اُميد آهي.

صفحہ - ٩٨

⁂⁂⁂

پياري دادا چيو:- منهنجو مارگ آهي نندي ٿيڻ جو رستو. نندا ٿيو! نندا ٿيو! نندا ٿيو! پربوءَ کي وڏا ڪم ڪين کپن. ڪيڏا نه وڏا ڪم ڪيترا ماڻهو ڪن ٿا. وچن پيا ڪم کي وڌائيندا. پربو چوي ٿو:- ”مونکي توهين نندڙا ڪم ڏيو، جنهن ۾ توهين پنهنجي دل جو پيار، دل جو پريم، دل جي ڀڳتي، دل جي شردا وجهي ڏيو.“ پياري دادا چيو:- ”اِهي نندڙا ڪم، نندڙيون نندڙيون ڳالهيون پربوءَ جي چرنن ۾ رکو، پربوءَ کي قبول آهن.“ پربو چوي ٿو:- ”مونکي اُهي وڏين ڳالهين کان وڌيڪ قبول آهن.“

صفحه - ٤٣

※※※

سڀاڳي سا دل جنهن منجهان هڪ ئي پڪار اُٿي ٿي:- ”مون گهر ڪڏهن تون ايندين، شيام؟ پنهنجي رنگ ۾ ڪڏهن رڱيندين، شيام؟ جو شيام جي رنگ ۾ رڱجي ٿو، اُن کي سنسار ۽ سنساري ڳالهيون وسري وڃن ٿيون. ”وسر گئي سڀ تات پرائي.“ جو شيام جي حاضريءَ ۾ آهي، اُن کي ٻي ڪا ڳالهه ياد پوندي ڪين. اَڄ ٿيٺي آهي ته ڪو شيام جي حاضريءَ ۾ وهي ۽ ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جو ويچار ڪري سگهي. اُهو جي شيام کان دُور آهي، ته به سڄو وقت ڪيس هڪ ئي ويچار ته ڪڏهن مونکي منهنجو محبُوب ملندو؟ ڪڏهن پنهنجو درشن ڏيندو؟ ڪڏهن هلي ڪيس ملنديس؟ سرتيون، ساهه سندوم، ڪيم حوالي هوت جي!

صفحه - ٦٥

※※※

برهم گياني آهي روشنيءَ جو اِنسان. برهم گيان تڏهن ٿو پراپت ٿئي، جڏهن دل جي ڪمل گل ۾ جوت جو ديدار ملي ٿو. ٻهرين پنهنجي اَندر ديدار ڪريون ٿا. پوءِ جڏهن اکيون کوليون ٿا، جت نهاريون ٿا، اُت ساڳي جوت، ساڳي روشني پيا پسون.

صفحه - ٧٠

اِهي روح رهاڻ اُپديش پياري ٻاءُ شري نرمل واسواڻي ۽ پياري ڀيڻ شيلا سپي ڪٺا ڪري، پياري ٻاءُ شري سيتل مينگهاڻيءَ جي صلاح ۽ سهڪار سان ڇپايا آهن. اِن سموري ڪاريه ۾ پريم ۽ شرڌا ۽ صدق وڏو آڻن ۽ سنسار کي اهڙي سندر سوغات ڏني آڻن . ڌنيواد!

هيلتائين ٥ ڀاڱا نڪتا آهن. اُنهن مان ڀهريون ڀاڱو هنديءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي. اِنهن اَمولڪ پستڪن هزارن دلين ۾ ڪيڏي نه آتمڪ دلداري آندي آهي.

پوجنيه دادا جشن جو ناتو نام سان آهي. هي پريوءَ جو پيارو روحاني دنيا مان آتمڪ ڌارائون جهڙي ٿو ۽ اَسان اگياني لوڪن سان ونڊي ٿو ۽ اَسان کي پياري پريوءَ جي ويجهو آڻي ٿو.

روح رهاڻ پستڪ هڪ اَمولڪ خزانو آهن. هڪ هڪ ڪتنب وٽ هي پستڪ هئڻ کپن ۽ هڪ هڪ ڀاتيءَ کي وقت بچائي پڙهڻ کپن، هنڌائڻ کپن، اَڀياس ڪرڻ کپن. سڀاويڪ اِن اَڀياس جو اُجورو ٿيندو اَندر جو آنند، من جي شانتي ۽ سنتوش.

پرارٿنا اَٿم ته هي روح رهاڻ جو نئون ڀاڱو جو پوجنيه دادا جشن واسواڻيءَ جي سڀاڳي ٧٣ جنم دن تي پرڪاش ٿئي ٿو، هزارين دلين کي آتمڪ آنت ڏي ۽ کين پياري پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ڇڪي!

شيوا ۾،
گنگارام ساجنداس

روح رهاڻ: روشن رهبري

رحمان جي رحم ۾ روحاني ڏام مان هن سنسار ۾ آياسين. پاڪسان روحاني روشني کڻي آياسين. پر هن سنسار ۾ اَچي مايا جي مونجهارن ۾ ڦاسين. جا روحاني روشني آڻيسين، سا ڍڪجي ويئي. گناهن ۾ گرفتار ٿياسين. اَندڪار جي اوڙاهه ۾ ڪِرياسين. سڀاويڪ ڏُکي ٿياسين.

اِن ڏُک جو ڇوٽڪارو ڪٿي؟ ڪرتار پنهنجي ڪرپا ۾ هن سنسار ۾ سنت ستپرک موڪلي ٿو. اُهي سنت ستپرک اَسان کي اَندڪار جي اوڙاهه مان ڪڍي آتمڪ آڪاس ۾ آڻين ٿا. ڪيڏي نه اُميد! ڪيڏو نه آسرو! ڪيڏي نه دلداري!

سڀاڳا سي، جن کي سَت پرکن جي آتمڪ سهائتا مَلي ٿي. اِها سهائتا جدا جدا روپن ۾ ستپرکن وٽان ملي ٿي.

اَڄ سَوَن هزارن جو بخت کُليو آهه، جن کي پريوءَ جي پياري پوجنيه دادا جشن واسواڻيءَ جي روشن رهبري روح رهاڻ اُپديشن دواران ملي رهي آهه. اُهي جڏهن هن پريوءَ جي پياري جي سنگت ۾ وهن ٿا ۽ سندس اُپديش ٻُڌن ٿا، تڏهن اُهي گيان جي گنگا نديءَ ۾ اِشنان ڪن ٿا. سڀاويڪ اُنهن جي دلين ۾ دينتا جو ديپڪ ٻري ٿو. اُنهن جي من ۾ شانتي اَچي ٿي. اُنهن جي جيون ۾ جيو ديا جي جوت جاڳي ٿي. اُهي پراُپڪاري ٿين ٿا. اُهي هتڪاري ٿين ٿا. اُهي ڪلياڻڪاري ٿين ٿا. اُهي شيواڌاري ٿين ٿا. اُهي سديو سنتوش ۾ رهن ٿا ڇو ته اُهي هن پريوءَ جي پياري وٽان روحاني روشني وٺي روحاني راهه تي هلي رهيا آهن. ڪيڏي نه ڪرپا!

گذريل ڏهن سالن کان پوجنيه دادا جشن واسواڻي ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهرين ملڪن ۾ انيڪ روح رهاڻ اُپديش ڏنا آهن. جڏهن وقت پوجنيه دادا جشن روح رهاڻ اُپديش ڏين ٿا، اُن وقت جو وايو منڊل عجيب ٿئي ٿو. آتمڪ ڌارائون اُٿن ٿيون. ٻُڌندڙن جي دلين ۾ آتمڪ اُمنگ ۽ جذبات جاڳي ٿي ۽ ڪيترا اُن وقت پاڻ کي هڪ نئين دنيا ۾ ڏسن ٿا.

ونبُ ورهاءِ، سکر پاءِ!

ڪٿن نہ پيارو دادا اِيندو هو، هتي وٽن هيٺ اَچي وهندو هو. ٿڌ هوندي هئي. هن سال ايڏي ٿڌ ڪونہ پيئي آهي. ١٩٦٦ع ۾ چڱي ٿڌ هئي. پياري دادا کي ڍڪي ٿاهي ڪرسيءَ تي وهاري ڪٿي هيٺ ايندا هئاسين. اَچي وهندو هو سانت ۾. ويٺو نهاريندو هو ۽ اَسين ويٺا پنهنجي محبوب ڏي نهاريندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن سائي ڪارڊ تي ڪي اَکر اَسان کي لکي ڏيندو هو روُحاني زندگيءَ بابت، آتمڪ زندگيءَ بابت. پر هر روز ڪيترائي اِيندا هئا، غريب، دکي دردن، اَچي پياري دادا جي آسيس وٺندا هئا. هڪ هڪ کي پيارو دادا ڪجھ نہ ڪجھ ڏيندو هو.- ڪنهن کي وستر، ڪنهن کي ڪاڏو، ڪنهن کي پئسو. هڪ هڪ کي پنهنجي مٺي نگاھ ۽ پنهنجي دل جي آسيس ڏيندو هو. جڻ تہ پڇاڙيءَ ۾ اَسان کي اِهو سبق ڏيئي ويو:- ”ڏيڻ سکو! ڏيڻ سکو!“

توهان کي وجھ ڪونہ ڏنو اَٿم جو مون کان پڇو تہ اَڄ جو ويچار ڪهڙو آهي؟ اَڄ جو ويچار آهي هيءُ:-

”ونبُ ورهاءِ، سکر پاءِ!“

جيڪي توکي آهي، تنهنجو ڪونهي. تنهنجو هجي تہ جيڪر پاڻ سان کڻي وڃين. توکي مليو آهي اِن واسطي تہ ٻين سان ونڊين ورهائين.

”ونبُ ورهاءِ، سکر پاءِ!“

ننڍڙا ٻار هوندا هئاسين، اَسان جا مائٽ اَسان کان اِهو وري وري چوارائيندا هئا. اِها سکيا اَسان جي اَندر جڻ لکي ويئي:- ”ونبُ ورهاءِ، سکر پاءِ!“ توکي سُک ملندو ڪين، جيستائين تون ونڊڻ ۽ ورهائڻ نہ سکيو آهين. تون سُک جي تلاش ۾ آهين. پر توکي سُک ملندو ڪين. سُک اِن ۾ ڪينهي تہ مان وڃان کٺو ڪندو، وڃان جمع ڪندو، وڃان وڏيڪ ڦُرڪبو. نہ! سُک اِن ۾ اَٿيئي تہ جيڪي اَٿيئي، سو ونبُ ورهاءِ!

هتي هڪ فقير ويلو هوندو هو. سندس حالت ڏتربل هوندي هئي. ڪائڻ لاءِ بہ پورو ڪونہ ملندو هوس. ٻہ چار سُڪا لڪر روٽيءَ جا ملندا هئس. پر ڪائڻ

وشيہ سوُچِي

هلڻ شروع ڪري ٿي. روز ڪجھ نہ ڪجھ ڏيون! روز رات جو سمهون، تنهن کان اڳ پاڻ کان پڇون تہ اَڄ اَسان ڪنهن کي ڪجھ نہ ڪجھ ڏنو يا نہ؟ ڪنهن گهرجائوءَ کي مدد ڪئي سين؟ ڪنهن دکيءَ دل کي آٿت ڏنو؟ ڪنهن بکايل کي روٽيءَ ٽکر ڏنوسين؟ ڪنهن پياسيءَ کي پاڻيءَ ڍُڪو پيئاريوسين؟ ڪنهن کي اَسان پنهنجي مشڪ ڏني؟ ڪنهن کي اَسان پنهنجي اکرن سان ميناج ڏنو؟ جي نہ تہ اَسان جو ڏينهن اَجايو ويو. "ديني کو ٹُکرا ڀلا، ليني کو هري نام!" سنت تلسي چوي ٿو:- "انهن ٿورن اَکرن ۾ جيون جو رهسيہ سمايل آهي. هري نام ڳايو ۽ وچو ٽُکرا ٽُکرا ڏيندا. ٽُکرو روٽيءَ جو، ٽُکرو وستر جو، سڀ کان وڏيڪ ٽُکرو پنهنجي دل جو. پنهنجي دل جو ٽُکرو، توهين ڏيو. جيڪي بہ ڏيو، پنهنجي دل وجهي ڏيو. چو تہ توهين ڏيو ٿا پنهنجي پريتم، پنهنجي پرڀوءَ جي صدقي، پنهنجي گروءَ جي صدقي. دل ڪانسواءِ ڪئن ڏيندا؟ دل جو ٽُکرو ضرور وجهي ڏيو.

هڪڙو ماڻهو هو. ڏنائين، پوءِ ڏئُو وري واپس ورتائين. چيومانس:- "واپس ڇو ٿو ولين؟" چيائين:- "مون دل جو ٽکرو وڌو ئي ڪين. اُهو وجهي پوءِ ٿو توکي ڏيان." پوءِ دل جو ٽُکرو وجهي مونکي ڏنائين.

"ديني کو ٹُکرا ڀلا، ليني کو هري نام!"

پيارو دادا تہ عجيب اِنسان هو! اِن پد تي تہ ڪي ٿورا اِنسان پهچي سگهن. چوندو هو:- "مونکي مُڪتي نہ کپي." Just imagine. اَهڙو اِنسان جو ڪُليءَ طرح چوي:-

'I do not aspire for mukti. I don't want to be liberated, emancipated from the cycle of birth and death. I want to come again and again to this world, so that I may be of some service, some help, some use to those who suffer and are in pain!

پياري دادا چيو:- "وري وري مان اِيندس!" ڪيڏو نہ آٿت اِنهن اَکرن ۾ آهر! هڪ موقعي تي پياري دادا چيو تہ "جيستائين توهان مان ڪوبہ دکہ ۾ آهي، مان وري وري پيو اِيندس." ڪيڏو نہ آٿت آهي! ڇڏيندو ڪين! پيارو دادا ڪين ڇڏيندو! ڪين ڇڏيندو! ٻاجھ ٻانهن ۾ اَچي پاڻ ڪٽيندو!

وري وري توهان کي ٻڌايو اَٿم. هڪڙو ڪتو هوندو هو، مٺي پياري دادا جي سيجا جي نزديڪ اَچي وهندو هو. پر ڪيترو وقت اُن جي هيٺان وڃي وهندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويلو هوندو هو. ڪڏهن پڙنڪيائين ڪين. ڪڏهن مون ڪُن جي پڙنڪ ڪين ٻُڌي. ويلو هوندو هو. ويلو دادا ڏي نهاريندو هو. عجب

ڪان اڳ ٻيا فقير جيڪي هوندا هئا، تن کي آچيندو هو. هوُ هن تي ڪلندا هئا. چوندا هئس:- ”هي سُڪا ٽُڪر ڪير کائيندو؟ اَسان کي گهٽ ۾ گهٽ اِن کان بهتر ملي ٿو. اَسين ته فقير آهيون، اَسين ته پينار آهيون، اَسين ته وڃي پنوُن ٿا، پر جيڪي توکي ملي ٿو، اُن کان وري به ڪجهه بهتر اَسان کي ملي ٿو.“ پوءِ خبر اَٿو، هي فقير ڇا ڪندو هو؟ کائيندو ڪين هو. ٻهرين ڪنهن نہ ڪنهن ڪُتي کي کارائيندو هو. چوندو هو:- ”اِنسان نٿو قبول ڪري، مَن کو ڪُتو قبول ڪري.“ ڪتي کي سُڪا ٽُڪر وڌيڪ وڻندا آهن. ڪتي کي هڏا وغيره وڌيڪ وڻندا آهن. ڪنهن نہ ڪنهن ڪُتي کي کارائي پوءِ پاڻ کائيندو هو. هڪ ڏينهن مون چيومانس:- ”توکي ملي ٿي ڪجهه کونہ ٿو، تہ بہ تون منتظر آهين تہ ڪو نہ ڪو توسان هن ۾ ڀاڱي ڀائي ٿئي: مطلب ڪهڙو؟“ چيائين:- ”هيءَ حالت جو منهنجي ٿي آهي، جو مونکي رڳو سُڪا ٽُڪر پيا ملن. گهڻو ئي ٿو پنان، گهڻو ئي ٿو رڙان، گهڻو ئي ٿو ماڻهن کي پُڪاريان، پر نيٺ ڏسان ٿو مونکي ملن ٿا هي بہ ٿي سُڪا ٽُڪر. شايد مون اَڳئين جنم ۾ ڪنهن کي ڪجهه ڪين ڏنو آهي. مان شايد ڪو موُذي هوس، ڪنجوس هوس، نانگ وانگر پنهنجي ملڪيت تي چڙهي ويٺو هوس. اِنڪري منهنجي هيءَ حالت ٿي آهي. هاڻ مان پنهنجو آئينده ٿو لاهيان. اِنڪري جيڪي ملي ٿو، اُهو ونڊيان ورهايان ٿو. مون کان اِنسان نٿو وٺي، مان ڪتي کي ٿو ڏيان.

‘There is the secret of life:- Share what you have with others, with those in need.’

پيارو دادا جن تہ اَسان کي ٻچڙيءَ جي پران سان اِها سکيا ڏيئي ويو:- ”ونڊيو ورهايو!“

١٦ جنوري ١٩٦٦ع صبح جو ٨ لڳي ٢٢ منٽين پياري دادا پنهنجي سرير جو چولو تياڳ ڪيو. ہ ڏينهن اڳي ١٤ جنوري اُتراڻ جو ڏينهن هو. ٿڌ پئي واڪا ڪيا. اُن ڏينهن پيارو دادا چوي ٿو:- ”مونکي سڀ منهنجا ڪپڙا آڻي ڏيو. جيڪي بہ منهنجا ڪپڙا آهن، مونکي آڻي ڏيو. مان چاهيان ٿو، مان سڀ ورهائي ڇڏيان. فقط ٻہ وڳا پنهنجي لاءِ رکان.“ اُن وقت اَسان اِها معنيٰ ڪين سمجهي تہ اِنهن اکرن جو مطلب ڇا هو؟ پياري دادا جن اَسان کي ڄاڻائي ٿي چاهيو تہ مان باقي ٻہ ڏينهن توهان وٽ آهيان. ٻہ وڳا رڳو مان پاڻ وٽ رکڻ ٿو چاهيان. اَسان مان ڪنهن کونہ سمجهو تہ اِنهن اَکرن جو مطلب ڇا هو. جڏهن ١٦ جنوري پياري دادا پنهنجو سرير تياڳيو، تڏهن اَچي اِهي اکر ياد پيا تہ دادا اَسان کي ڄاڻائي ڏنو، پر اَسين اَڻڄاڻ، اَسين ننڊ ۾، اَسان سمجهو ڪين.

پيارو دادا چوي ٿو:- ”جيڪي اَٽڙون، وڃون ڏيندا! جي ڏيون ٿا، ندي

پيٽ ڀرڻ ويٺا هجن، پر توهين ڪجھ کٽي، ٻِلي ڏيئي وجي کائو. (ڪي ڪي اِئين ڪندا آهن. مٿان ٻئي کي آچ ڪرڻي پوي.) شرمندگي اُٿو اِها."

پڇائونس:- "بندگي ڇا آهي؟ بندگي معنيٰ پرارٿنا. بندگي معنيٰ پوڄا."

چيائين:- "بندگي آهي ڀرين ٻين کي ڏيئي پوءِ پاڻ کائڻ. جي بچي ته واه واه، جي نه بچي ته پرواه ناهي. سچي بندگي اِها آهي. بندگي اِن ۾ ڪين آهي ته ماڻ اَکيون بند ڪري پدم آسن لڳائي وهان ۽ ويهي پُڪاريان:- "پربو! مون تي رحم ڪر!" سچي بندگي اِن ۾ آهي ته جيڪي پربوءَ مونکي ڏنو آهي، مان ٻين ۾ اُن اِڪ جو روپ پسي وچي اُنهن سان ونڊيان ورهايان.

مانو ڌرم آهي شيوا ڌرم. اِها ڳالھ شل نه وساريون! ڌرم آھ اِهو، ٻيون سڀ ڳالهيون آهن. "مانو ڌرم، شيوا ڌرم!" وري وري پياري دادا اَسان کي چيو :- "توهان ڪيڏيون نه پوڄائون ڪيون هجن، توهان ڪيڏا نه پاٺ ڪيا هجن، پر جنهن ڏينهن توهان ڪنهن نه ڪنهن دکيءَ دل کي آٿت نه ڏنو آهي، ڪنهن پياسيءَ کي پاڻي نه پيئاريو آهي، ڪنهن بيمار جي شيوا نه وجي ڪئي آهي، ڪنهن کي سنتن جي ٻاڻي نه پڙهي ٻڌائي آهي جو پاڻ پڙهي نٿو سگهي، ڪيترا آهن پڙهي نٿا سگهن، اُنهن کي توهان سنتن جي ٻاڻي نه پڙهي ٻڌائي آهي، توهان جو ڏينهن اَجايو ويو. ڀل ڪيڏيون نه پوڄائون ڪريو، ڪيڏا نه پاٺ ڪريو. پوڄائون پاٺ ته اِن واسطي آهن ته اَسان جو اَندر صاف ٿئي، جئن اَسين اَچي شيوا ڪريون.

"ونڊ ورهاءِ، سکر پاءِ!"

شري ونوبا چوندو هو :- "ڪن ۾ سوُر پوي ٿو، اکر روئي ٿي. هاڻ اکر کي سوُر آهي ڪونه، سوُر آهي ڪن کي، پر اکر ٿي روئي. پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي، هٿ يڪدم ٻوڙي ٿو. هٿ نٿو چوي:- مان مٿين مُنزل جو آهيان، هي هيٺينءَ منزل جو، مان هيٺينءَ منزل وٽ ڇو وڃان؟ يڪدم ٻوڙي ٿو، وجي ڪنڊو ڪڍي ٿو. ڇو؟ ڇو ته هٿ، پير، ڪن، اَکيون هڪ ئي سرير جا انگ آهن."

چوندو هو:- "تئن اَسين سڀ هڪ سماج جا انگ آهيون." ڪنهن کي به تڪليف ٿئي، يڪدم ٻوڙي مدد ڪر!

مهاتما گانڌي چوندو هو:-'You are trustees of whatever you have.'

توهان کي جيڪا ملڪيت آهي، توهان کي جيڪو مال آهي، توهان کي جيڪي پئسا آهن، اُنهن جا توهين Trustees آهيو. توهان کي اَمانت طور مليا آهن، فقط توهان لاءِ نه، پر ٻين لاءِ به جن کي وڌيڪ گهرج آهي. اِنڪري چوندا آهن ضرور پاڻ تي ڪو نه ڪو قانون وجهي ڇڏجي. ڀلو نه ته اَسين پنهنجي ڪمائي

آهي! ۽ وري وڏيڪ عجب ڪهڙو؟ پياري دادا ١٦ جنوري ١٩٦٦ سرير تياڳيو، اُن کان ڪي ڏينهن اڳ هي ڪتو گذاري ويو. پوءِ پياري دادا ڪتي ڏي نهاري چيو:-

'I would not mind being re-born as a dog, if thereby I can be of some service, some help, to those in need.'

ڇا تہ دل هوندي! ڪُتي جو جنم، پيارو دادا چوي ٿو، مان وٺڻ لاءِ تيار آهيان، جي ڪنهن جي سيوا ڪري سگهان. اهڙو هو اسان جو گروُ!

اسين ڏسو ڪهڙا نہ سُوارٿي آهيون! سڀڪجھ مونکي کپي! هڪ ڏينهن پياري دادا چيو:- ”مان ڪي اکر توهان کي ڏيان ٿو، جي جيڪر دل جي تختيءَ تي لکي ڇڏيو. اِنهن اکرن ۾ هڪ منترڪ شڪتي آهي. چار اکر: اُهي چار اکر ڪهڙا؟ 'You first, I last!' هن زماني ۾ هڪ هڪ چاهي ٿو، پهرين مان، پيا پوءِ. ڪير بہ بُکايل جو انگ نه چاهي. اِنڪري اَڄڪلھ سنسار ۾ تڪرار آهن. سڀ ڪجھ مون کي کپي. سنسار جا مسئلا جيڪي وڃن ٿا وڌندا، تن جي پاڙ اِها آهي:- سڀڪجھ مونکي کپي. مان ڪنهن کي بہ ڪجھ ڏيڻ لاءِ تيار ناهيان. مونکي ٿورو ڪجھ ملي، ٻئي جي پل وڃي زوالبت ٿئي، مونکي ڪهڙي پرواه؟ اِنڪري مانڊ ڪنڌين دوائون پيا لاهين. ڏسو، دوا جا بيمار ويچارو ولي، شايد مرڻينگ حالت ۾، اُن کي اِهي ڪوڙيون دوائون ملن، اُن جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ ٿهندڙ چوندا:- ”اُها سندس تقدير. اسان تہ پئسا ڪمايا، اسان کي تہ مفت ۾ پئسا ملي ويا.“ سُوارٿپڻو وڃي ٿو وڌندو. اِنڪري هي زمانو وڃي ٿو وڌيڪ اَسُرِي ٿيندو. اَسُرِي اِنسان جي نشاني اِها آهي:-
Selfishness, egoism and cruelty.

هڪ سنت هو. سندس چرنن ۾ اَچي ڪي ڪتا ٿيا. پوءِ اُنهن ڏي نهاري ڪين چوي ٿو:- ”مونکي هن سوال جو ڪو جواب ڏي.“ چيائونس:- ”سائين! ڪهڙو سوال آهي؟“ چيائين:- ”منهنجو سوال آهي تہ مونکي ٻڌايو تہ گندگي ڇا آهي؟ شرمندگي ڇا آهي؟ بندگي ڇا آهي؟“ گهڻوئي سوچيائون، پر جواب پُورو ڏيئي نہ سگهيا. سنت کي چيائون:-”سائين! توهين اسان کي سمجهايو تہ گندگي ڇا آهي؟ شرمندگي ڇا آهي؟ بندگي ڇا آهي؟“ چيائين:- ”پيارا! گندگي آئو اِها تہ توهان جا پائر پينر وينا هجن، جن کي مُڪ هجي ۽ توهين ويهي پاڻ کائو. توهان جي اَڳيان وينا هجن، توهين اُنهن کي آچ بہ نہ ڪريو. گندگي آئو اِها. اُهو کائو آئو گندو کاڌو.“

”شرمندگي ڇا آهي؟“ چيائين:- ”شرمندگي آئو هيءَ تہ توهان جا پائر

جو منا اکر ڳالهائي ٿو، ھڪ ھڪ اُن کي چاھي ٿو. منا ٿيو.

Turgenev رشيا ڄو ھڪ ليکڪ ٿي ويو آھي. ھڪ ڪتاب ۾ ذڪر ڪري ٿو. چوي ٿو:- ھڪ سياري جي رات جو ٿڌ ڏاڍي پئي پيئي. رشيا ۾ ٿڌ ڏاڍي پوندي آھي. مونکي ھينئر خبر پيئي آھي. مونکي ڪنھن لکيو تہ ڊسمبر مھني ۾ ايڏي ٿڌ پوندي آھي، جو اسين سھي نہ سگھون. Turgenev چوي ٿو:- مان پئي ويس. ھڪڙو فقير وات تي ويٺو ھو. ويچاري کي پورا وستر ڪونہ ھئا. مون کان گھريائين. چيائين:- "مونکي جيڪر ڪجھ ڏين." Turgenev کيسي ۾ ھٿ وڌا، ڏٺائين آھي ڪجھ ڪونہ. تڏھن مٺي ۽ نئڙت ڀريئي آواز ۾ چيائينس:- "منھنجا پيارا ڀاءُ! مونکي معاف ڪجانءِ، مون وٽ آھي ڪجھ ڪونہ، جو مان توکي ڏيان. مونکي معاف ڪجانءِ!" ھي فقير اُٿي نچڻ لڳو. چيائين:- "سائين! تو مونکي سڀڪجھ ڏنو. تون ڀھريون اِنسان آھين ھيترن سالن ۾، جنھن مونکي پيارا ڀاءُ ڪري سڏيو آھي. اَڙي! تو تہ مونکي سڀڪجھ ڏيئي ڇڏيو." دل جو ٽُڪرو ڏنائينس. دل جو ٽُڪرو ڏيون ٿا، سڀڪجھ ڏيئي ٿا ڇڏيون. دل جو ٽُڪرو جيستائين نہ پيل آھي، تيستائين پريوءَ وٽ قبول نٿو پوي.

راجا وڏي شاھي ديول ٺھرائي. اِئليءَ مان خاص سنگمرمر جو پٿر اِيندو ھو. اَلائي ڪيڏا لکاہ رُپيا خرچ ڪيائين. ماڻھن چيو، اَسين بہ جيڪر ھن ۾ ڪجھ وجھون. پيتي رکي ڇڏيائين. چيائين جنھن کي جيڪي وجھڻو ھجي، پيل وجھي. مان توھان جي ۽ پريوءَ جي وچ ۾ نہ پوندس. جنھن کي ڪيپي، پيل وجھي وڃي. اُن Collection مان بلڪل ٿورو نڪرندو ھو. لکاہ رُپيا راجا خرچ ڪيا. ھڪڙي ٻُڍڙي رھندي ھئي پنھنجي ڀڳل جھوپڙيءَ ۾. ڏڍي ڳاڏيون لنگھنديون ھيون. ڏڍي ڳاڏين ۾ سنگمرمر جو پٿر کڻي ويندو ھو، جنھن ديول پئي ٺھي. پڇندي ھئي تہ ھي پٿر، ھي ڳاڏيون ڇا جي لاءِ پيبون وڃن. چيائونس:- "اَمي! راجا ديول ويٺو ٺھرائي. اُن ديول واسطي سنگمرمر جا پٿر اِئليءَ مان پيا اَچن، سي ھنن ڏڍي ڳاڏين ڪٽي وڃي اُتي پھچائيندا." چيائين:- "ديول لاءِ؟ پريوءَ جي مڪان لاءِ؟ پريوءَ جي آستان لاءِ؟ پريوءَ جي مندر لاءِ؟ مون وٽ تہ آھي ڪجھ ڪين، جو مان ڏيئي سگھان." نھاري ٿي. چنل تڏو ھوس، جنھن تي سمھندي ھئي. اُن تڏي مان تنتون ڪڍي، ھي ڏڍا جيڪي لنگھندا ھئا، اُن مان ڪنھن ڏڍي کي کارائيندي ھئي. چوندي ھئي:- "پريو! منھنجي ھيءَ پيتا آھي، تون شل قبول ڪرين!"

جڏھن ديول ٺھي ٿي، راجا ھڪ ستپرکہ کي گھرائي ٿو. چويس ٿو:-"تون اَچي ھن ديول جو اُدگھاٽن ڪر، مھُورت ڪر!" ھي ستپرکہ اَچي ٿو. خبر اَٿو

مان هيترو حصو دکين دردرن جي شيوا ۾ ڏينداسين، کيدي رکبجي. ڪمائي ٿي، پگهار اچ مليو، ڪو نہ ڪو حصو ڪيو. ڏهون حصو جي ڪيو تہ توهان تي ڏاڍي آسيس اِيندي، ڏاڍي برڪت اِيندي. توهان جا سؤ مان ۹۰ رُپيا بچندا، اُنهن نوي مان توهين ايترو خرچ ڪري سگهندا، جو ڏيڍ سؤ مان جيڪر نہ ڪري سگهو. هيءَ تن ڏينهن جي ڳالھ آهي، جڏهن پاڪستان پيو هو. پياري دادا چيو:-هينئر سنتين جي حالت اهڙي آهي جو مان ڪين نہ چوندس تہ ڏهون حصو ڪڍن، پر گهٽ ۾ گهٽ سوڙهو حصو ڪڍن. سؤ رپين تي هڪ رُپيو ڪڍي رکو. اِئين ڪرڻ سان اسان کي يادگيري پوي ٿي تہ اسان کي جيڪي پرڀوءَ ڏنو آهي، ڪجھ اسين ٻين کي ڏيون پرڀوءَ جي پيار ۾!

"وند ورهاءِ، شُکر پاءِ!"

هئي دادا جڙنک تي پيڊسٽل (Pedestal) تي هڪ پاسي مرهٽي ٻوليءَ ۾ اکر لکيل آهن:-"تمهاڻا شُکر ڪوي ڪا؟ مگر سَروانا شُکي ڪرا!" توکي شُکر کپي ڇا؟ وڃي ٻين کي تون شُکي ڪر. ٻين کي تون شُکي ڪندين، اُهو شُکر، اُها خوشي تو وٽ موٽي اِيندي، جو تہ جيڪي اسين ٻين کي ڏيون ٿا، موٽي اسان وٽ اچي ٿو. اِهو قانون آهي.

پيو نہ ڏيئي سگهون، پياري دادا هڪ قدم اڳتي کنيو. مهاتما گانڌيءَ چيو تہ 'You are trustees of whatever you have'. پياري دادا تہ ماڳيئي چيو تہ "جيڪي توهان کي مليو آهي، سو اَٿو اُڌاري طور. اُڌاري طور مليو اَٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن وقت بہ توهين ڏسو تہ توهان ڪان وڌيڪ ڪو گهرجائو آهي، اُن کي ڏيئي ڇڏيو. توهان کي مليو ئي اِن واسطي آهي.

'Everything that you own, is a loan given to you to be passed on to those whose need is greater than yours!'

پيو نہ ڏيئي سگهون، مٺا اکر من ڏيون. اسان جا اکر ڏسو ڪئن نہ ماڻهن جي دلين کي ڦٽين ٿا، اُنهن کي ڦٽ ڪن ٿا. مٺو ڳالهايو! مٺو ٻوليو! پرڀو! منهنجي زبان تون مٺي ڪجانءِ!

ڪوئنن تن ڏينهن ۾ اسان کي ڏيندا هئا، هينئر ڪوئنن گهٽ ٿا ڏين. شايد مليريا گهٽ آهي. تِن ڏينهن ۾ ڪوئنن ڏيندا هئا. پار ويچارا روئندا هئا. پوءِ ڪوئنن ناهيائون Sugar coated. مان پانيان ٿو Boots Company ڀرين ڀرين لاهي. اُهي Sugar coated گوريون پار خوشيءَ سان ولندا هئا. گهري بہ ولندا هئا. چوندا هئا:- "ڪوئنن اسان کي ڪڏهن ٿا ڏيو؟" اَڙي! ڪوئنن توهين ڪئن ٿا گهرو؟ Sugar coated هئي نہ. اِنڪري اُهو ماڻهو، جنهن جي زبان مٺي آهي،

جو، ٻئي جي پيڙا جو. اَسان کي اَحساس ٿئي ٿو؟ روز روز ڪيترن کي نہ اَسين کهايون ٿا. ويچارا جانور، جن کي حياتي اوتري پياري آهي، جيتري مونکي پياري آهي، جيتري توهان کي پياري آهي. اُنهن جو ڪوس ٿا ڪرايون. ڪين قتل ڪن ٿا، ٽُڪرا ٽُڪرا ڪن ٿا. تِن جو ماس اَسين کائون ٿا. اَسان کي پروڙ آهي ڪين. ڪيڏو نہ ڏک تِن کي ٿيندو هوندو، ڪيڏو نہ درد! ڪيڏو نہ ٻاڪاريندا هوندا! ڪيڏيون نہ دانهون ڪڍي ويندا هوندا پرڀوءَ جي درٻار ۾. اُهي دانهون ضرور موٽي اَسان کي لڳنديون. هڪڙو سنت چوندو هو تہ جيڪڏهن اَسين هن پرٿويءَ تي ڪو گناه ڪريون ٿا، اَسان تي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي جيل ۾ وجهن ٿا. پر هِي ويچارا جانور ڪهڙيءَ ڪورٽ ۾ وڃن. اُهي تہ وڃن ٿا مٿينءَ درٻار ۾. اُها درٻار اعليٰ درٻار آهي. اُن درٻار مان وري فتويٰ اَهڙي نڪري ٿِي، جو اَسان کي هِي سرير جيڪو آهي، اُن سرير جي جيل ۾ وجهي ٿا ڇڏين، جنهن ۾ بيماريون اَچي ٿيون ٿين. ڪهڙيون ڪهڙيون بيماريون ٿين ٿيون؟ اُن اِنسان لاءِ تہ اِهو جيل ٿيو. جيڪي بيمار هوندا آهن، سي چوندا آهن:- ”اَسين هن جيل مان ڪڏهن ڇٽنداسين؟“ اَڙي! پر جيل ۾ ڇو ويا آهيو، اُهو ڪڏهن ويچار ڪريو ٿا؟ ٻين کي رنج ٿا رسايون، تڏهن اِن جيل ۾ ٿا وڃون. اِنسان اُهو، جنهن کي ٻئي جي درد جو اَحساس ٿئي. اِنڪري ”وند ورهاءِ، شُڪر ڀاءِ!“

بمبيسار راجا هو. سندس پُٽ هو اَجات شترو. تِن ڏينهن ۾ گوتم ٻُڌ هو. راجا بمبيسار گوتم ٻڌ جو شش هو. گوتم ٻڌ جو هڪ شش، جو سندس سوٽ هو، اُن جو نالو ديودت . ديودت کي اَچي خيال ٿيو تہ هي گوتم ٻُڌ هيترا سال اَسان جو گروُ ٿيو ويٺو آهي. ڪجھ وقت جيڪر مان بہ تہ گروُ ٿيان. مان ڪو گهٽ آهيان ڇا؟ گوتم ٻڌ جي تپشيا ڪائي آهہ تہ مون ڪا گهٽ تپشيا ڪونہ ڪئي آهہ. گوتم ٻڌ جي دان ڏنا آهن تہ مون ڪو گهٽ دان ڪونہ ڪيا آهن. هاڻ هيترا سال هي گروُ ٿي ويٺو آهي، ڪجھ تہ اَسان لاءِ بہ جيڪر ڇڏي. هاڻ اَسان کي بہ جيڪر ڪجھ ڏي. گهڻو ئي چيائين، پر ڪنهن ٻُڌس ڪونہ. ٻُڌندو ڪير؟ جيڪو اَهڙيون ڳالهيون ڪندو، ٻڌندس ڪير؟ جيڪو گروُ ٿيڻ چاهي، تنهن کي ڪڏهن نہ گروُ ڪجو. جيڪو چاهي تہ مان سنت مهاتما ٿي وهان، تنهن کي سنت مهاتما ڪري نہ مڃجو. هن کي ڪير نہ ٻُڌي. چيائين، مان جيڪر ڪنهن راجا کي هٿ ڪريان. اُن جو لشڪر جيڪر مونکي ملي، مان هنن سان ٻجهي ڪائيندس. راجا بہ ڪهڙو؟ بمبيسار هو گوتم ٻڌ جو شش، اُهو ڪئن هن جي هٿ اَچي؟ سو ڇا ڪيائين، جو بمبيسار جي پُٽ اَجات شتروءَ کي وڃي هٿ ڪيائين. چيائينس:- ”اَچ تہ اَسين ٻئي گڏ ٿيون. تنهنجي پيءُ کي اَسين

هي ستپرڪ لوڪن کي ڇا ٿو چوي؟ ايترا ته لوڪ اڳي ڪٺا ٿيا آهن، جو بس. چوين ٿو:- رات جو مونکي سپنو آيو. سُپني ۾ مونکي اِلاهي آواز چيو ته ”لوڪن کي وڃي ٻڌائجانءِ ته هيءَ ديول راجا ڪونه لهرائي آهه. مان ٻڌايانوَ ٿو، جيڪي مون ٻڌو آهي.“ اِئين ستپرڪ چوي ٿو. راجا وينو هو پنهنجي بمر ۾ سونيءَ ڪرسيءَ تي. خاص اِن موقعي لاءِ سوني ڪرسي لهرائي هئائين. سوني ڪُرسيءَ تي چڙهيو وينو هو. سندس مٿان چوندر ڪٽي پئي جهوُليائون. هي ستپرڪ اُپديش ۾ چوي ٿو ته ”توهان کي ٻڌايان ته هيءَ ديول هن راجا ڪين لهرائي آهي.“ ”تڏهن ڪنهن لهرائي آهي؟“ مون سپني ۾ پڇيو. نالو مونکي ڏنائون آواز ۾ اُن ٻُڍڙي مائيءَ جو، جا جهوپڙيءَ ۾ رهندي آهي رستي تي. مونکي Divine Voice چيو ته ”تون وڃي ڄڻجانءِ ته اِنهيءَ ٻُڍڙيءَ ماتا هيءَ سڄي ديول لهرائي آهي.“ راجا اِهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. چيائين، هي ته واهيات ڳالهيون ٿو ڪري. اِها مائي ڪٿان آئي؟ هي ته ڪٿهن به ڪونه آئي آهه. يڪدم ماڻهو ڊوڙائي مائيءَ کي گهرائي ٿو. مائيءَ کان پڇي ٿو:- ”مائي! تو ديول لهرائڻ ۾ ڪجھ ڏنو آهي ڇا؟“ مائيءَ چيو:- ”نه، مون ته ڪجھ ڪين ڏنو آهي.“ ويچاري ڊڄي وئي. راجا چيس ته آواز چيو ته ”هن مائيءَ ديول لهرائي آهي، سو ڪئن؟“ اَميءَ چيو ته ”سائين! ٻيو ته مون ڪجھ ڪين ڪيو، پر تنهنجون ڳاڏيون لنگهنديون هيون، ڏٺا جيڪي اِيندا هئا سنگمرمر جو پٿر. اُنهن کي مان پنهنجي چنل تڏي مان کي لڪرا ڪيڊي ڪارائيندي هئس. بس، ٻيو ته مون ڪجھ ڪين ڪيو.“ تڏهن راجا کي پروڙ پوي ٿي ته پريوءَ وٽ اَلائي ڇا قبول آهي. چوندا آهن نه:-”اَگهيئي ته ڪٿو ، نه ته ماڻڪ به موٽائي ڇڏي.“ جو ته اُن ۾ ٻڍڙي مائيءَ پنهنجي دل وڌي هئي ، ڪٿهن ڪين سمجهائين ته مان ڪجھ ڏيان ٿي. چيائين، مون وٽ ڪجھ آهي ڪونه. مان ته ڪجھ ڏيئي ڪونه ٿي سگهان.

”وندر ورهاءِ ، شُڪر پاءِ!“

ٻيو ته ٻُڍڙيءَ کي ڪجھ هو ڪين. ڦاٽل تڏي ٽُڪر. چيائين، وڃان ورهائيندي. قبول پئجي ويس. ”وندر ورهاءِ، شُڪر پاءِ!“

اِنسانيت اِن ۾ آهي، ڏيندا وڃو. اِنسانيت جي نشاني هن ۾ آهه ته ٻئي جو دک، ٻئي جو درد، ٻئي جي پيڙ، ٻئي جي تڪليف محسُوس ڪري، اُنجو اَحساس ڪريو. جي اُهو اَحساس نٿو ٿئي ته اُهو اِنسان، اِنسان ڪين آهي. اِن ڪري اَسان مان ڪيترا، اَسين اِنسان ڪين آهيون. هي نه فرشتا اَڇن، نهاري نهاري چون ته اَڻ ڏهه اِنسان مس آهن. نه ته ڪيترا نه پاڻر پينر وينا آهن پر گهڻا اِنسان ڪين آهن. اِنسان اُهو، جنهن کي اَحساس ٿئي ٻئي جي دک

کهڙي حالت ٿو ڪريس؟ هيءَ تواريخ جي ڳالهه آهي، ڏند ڪٿا ڪين آهي. پٽ اَجات شترُوَ حڪم ڪيو ته منهنجو پيرسن پتا، اُن کي جيل ۾ وجهو. کير به هن کي نه ملي. اَن ۽ جل هن کي نه ڏيو. گهٽ ڏينهن جيئرو رهي سگهندو. نه اَن مليو، نه جل مليو. اَن ڪانسواءِ ماڻهو ڪجهه وقت جيئرو رهي سگهندو، جل ڪانسواءِ جيئڻ مشڪل. فقط مهاراڻيءَ کي ڏينهن ۾ هڪُ ڀيرو پنهنجي پتيءَ سان ملڻ جي موڪل هوندي هئي. مهاراڻي اَهڙي وقت ويندي هئي، لڪائي رئو وغيره پائي، چادر ويڙهي، اَندران ڪٽورو کڻي ويندي هئي. ڪٽوري ۾ ڪاڌو هوندو هو ۽ پاڻي هوندو هو. وڃي راجا کي ڀڄائيندي هئي. چوندي هئي:-”راجا زنده ته رهي. هي ڪهڙو پٽ اَسان ڄڻيو؟“ ڄڻيو ته ٻنهي گڏجي. ڪير ڪنهن کي ڏوهه ڏئي؟ نه راجا راڻيءَ کي ڇڏي سگهي، نه راڻي راجا کي ڇڏي سگهي. ڇيائون، اَهڙو پٽ آيو آهي، هاڻ ڇا ڪبو؟ ڪٽورو لڪائي کڻي ويندي هئي. اَجات شترُوَ کي خبر پئجي وڃي ٿي. ماءُ کي چوي ٿو ته ”خبردار! جي تون وري ڪٽورو کڻي ويئي آهين.“ پهريدارن کي بيهاري ڇڏي ٿو ته منهنجي ماتا هتان لنگهي ته چڱيءَ طرح جاچ ڪجو. ٿِن ڏينهن ۾ اِها مشين ڪونه هوندي هئي، جو لنگهجي ته يڪدم خبر پوي. ويچاري مهاراڻي ڇا ڪري؟ مهاراڻيءَ ڇا ڪيو جو هڪ وِئد کي گهرائي ڇيائين ته مونکي چُورڻ ٺاهي ڏي. چُورڻ، جنهن مان طاقت اَچي. اِهو چُورڻ پنهنجي سرير کي هڻي ويندي هئي. ۽ پنهنجا زيور سونارن کي ڪولي پورا ٺهرايائين. اَندران پورا (hollow): اُهي پاڻيءَ سان ڀري ويندي هئي. پاڻي کڻي ويندي هئي زيورن ۾ ۽ چُورن لڳائي ويندي هئي سرير تي. اِن سرير کي راجا چليندو هو، تڏهن راجا کي طاقت ملندي هئي. ۽ چُورا ڪولي راجا کي پاڻي پيئاريندي هئي. اَجات شترُوَ کي وري اِها خبر پئجي وڃي ٿي. ڏسو، اِنسان جي ڪهڙي حالت آهي؟ هاڻ ماتا تي بندش وجهي ٿو ته ”تنهنجو وڃڻ بند آهي. توکي مون وڃڻ جي موڪل ڏني، تو منهنجا قاعدا ٽوڙيا آهن هڪُ ڀيرو، ٻه ڀيرا. تو منهنجي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هينئر مان توکي پتا سان ملڻ نه ڏيندس.“

ٿورا ڏينهن گذرن ٿا، ٻه ٽي ڏينهن، اَجات شترُوَ جي ننڍڙي پٽ کي آڱر ۾ اَچي ڦرڙي نڪري ٿي. ڦرڙي زهريلي آهي. سُور ڏاڍو. ٻار ڀيو دانهون ڪري، ڪيڪُون ڪري، هاڪاري. اَجات شترُوَ ڏسي ٿو. ٻار جو درد سهي نٿو سگهي. دوائون گهڻيئي ڪري ٿو، پر دوائن مان فائدو نٿو ٿئي. اِهو زهر وڃي ٿو وڌندو. اَجات شترُوَ ڇا ٿو ڪري؟ ٻيءُ آهي: پٽ لاءِ موهه اَٿس. پٽ جي آڱر کڻي، وات ۾ وجهي زور سان چُوسي ٿو. اِهو زهر سڄو ڪڍي ٿو وٺي. ٻالڪ

مارايون، تنهنجو پيءُ مري وڃي، پوءِ تون راجا ٿيندين.“ ڏسو، اِنسان جي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي، جڏهن اگيان جا پردا اَسان جي اکين تي اَچي ٿا وڃن. چيائينس:-”اَسين ڪو منصوبو سٽيون، جو تنهنجي پيءُ کي مارائي ڇڏيون. جڏهن تنهنجو پتا مرندو، تڏهن ئي تون راجا بڻجي سگهندين.“

اِن منصوبي جي خبر بمبيسار کي پئجي وڃي ٿي. هاڻ بمبيسار کي ته گوتم بڌ جي سکيا مليل هئي ته ڏڪار ڏڪار سان ناس نه ٿيندو، ڏڪار ناس ٿيندو پيار سان. خبر پيس ٿي ته منهنجي پُٽ ديودت سان گڏجي مونکي مارڻ واسطي منصوبو سٽيو آهه. پُٽ کي ڪوٺي ٿو. چويس ٿو:-”پُٽ! توکي راڄائي کپي؟ اَڄ مان توکي هڪُ علائقو چمپا ديس جو ڏيان. تون اَچي اُت راڄ ڪر“. ديودت وڃي چمپا ديس جو راجا ٿئي ٿو. لوڪن کي ڏاڍو ستائي ٿو، ڏاڍو پيڙي ٿو. ايڏو پرجا کي پيڙي ٿو، جو اُنهن جي دلين اَندران دانهون نڪرڻ لڳن ٿيون. راجا ٿي اُنهن کي لُٽيندو هو. ماڻهو دانهون ڪٽي آيا بمبيسار وٽ:- ”سائين! هي ڪهڙو راجا تو اَسان کي ڏنو آهي؟ اَسان جو ته رت چوسي ڇڏيو اٿس. اَسان تي ڪا ڪهل ڪر.“ پُٽ کي ڪوٺي ٿو. دل ۾ چوي ٿو، هن جون واسنائون مان ٿورو سانت ڪريان. پُٽ کي چوي ٿو:- ”پُٽ! تون شايد چمپا ديس مان خوش ڪونه آهين، توکي اَجا راڄ کپي. مان توکي سڄو راڄ ڏيان ٿو. رڳو راڄداني (گاديءَ جو هنڌ) اُهو مان پاڻوٽ رکان ٿو. باقي سڄو راڄ توکي ٿو ڏيان.“ هن کي سڄو راڄ ڏئي ٿو. اَجات شترو هينئر سڄي راڄ جو راجا ٿئي ٿو. رڳو ننڍو لڪرو گاديءَ جو هنڌ بمبيسار پنهنجي لاءِ رکي ٿو. پر اَجات شترو وڃي وڌيڪ وڌيڪ لوڪن کي تڪليف ڏيندو. نيٺ پُٽ کي ڪوٺي چوي ٿو:- ”راڄخزانو به مان توکي ٿو ڏيان، رڳو شاهي خزانو (The royal treasury) اُها مان پنهنجي هٿ ۾ رکان ٿو.“ سڀ ڏيئي ڇڏي ٿو. تڏهن ديودت کيس چوي ٿو:-”جنهن جي هٿ ۾ شاهي خزانو آهي، اُهو ئي راجا اَٿيئي. پيا سڀ مُنشي اَٿيئي. تون به پيءُ جو مُنشي آهين. متان سمجهين ته تون راجا آهين.“ ديودت اَجات شتروءَ جو من خراب ڪري ٿو ته تون راجا ڪين آهين. نيٺ راجا هن کي ڪوٺي چويس ٿو ته ”شاهي خزانو به مان توکي ڏيان ٿو، پر منهنجي توکي وينتي آهي ته ديودت جي اَثر ڪان پري رهه. اِن جي اَثر هيٺ تون نه اَچ. اِن جو سنگ توکي ناس ڪري ڇڏيندو.“

جڏهن نه سيکيو ڏئي ٿو، هاڻ ديودت هن کي وڌيڪ بگاڙي ٿو ۽ چويس ٿو:-”تون پنهنجي پيءُ کي جيل ۾ وجهه. اَن جل نه ڏينس. پل مري وڃي.“ بمبيسار، جو راجا هو، پنهنجي سڄي راڄائي پنهنجي پُٽ کي ڏئي ٿو، ڏسو

لاءِ مون سيکجھ ڪيو، مون سان ھيءَ حالت ڪئي آئس. ھينئر آلائي وڏيڪ منھنجي ڪھڙي حالت ڪندو؟ اِن ڏپ ۾ مري ويو. ھوُ ته گذاري ويو، وچي پرم پد کي پراپت ڪيائين. پر اَجات شتروءَ جو من اَشانت! ڪيس شانتي نه اَچي! چيائين:- ”ھي راجڳرھ (گاديءَ جو ھنڌ) اُتي مان وڌيڪ نه رھندس، ڇو ته ھيءَ جڳھ منھنجي پتا جي مونکي يادگيري ڏياريندي. ھِت منھنجو من اَشانت ٿئي ٿو.“ وڃي ٻئي ھنڌ گادي ٺاھيائين. تڏھن به شانتي نه مليس!

اِنسانيت اِن ۾ آھي ته اَسين ڪنھن کي به ڏک نه پھچايون، رنج نه پھچايون. ڇا به ٿي پوي، اَسان کي پل سڄي دنيا جو راڄ وڃائڻو پوي ته به شل ڪنھن کي رنج نه رسايون! ڳالھايون، پڇون پاڻ کان پھرين ته ھي اکر ڪنھن کي رنج ته ڪونه رسائيندا؟ مان پڇندو آھيان پاڻ کان ڪيترا پيرا ته ھي اَکر ڪنھن کي رنج ته ڪونه رسائيندا؟ جي جواب اَچي ”ھا“، چوان:- ڇو ڳالھايان؟ ھي ڪم ڪنھن کي رنج ته ڪونه رسائيندو؟ توھان جي اَڳيان ڪاٺو پئجي اَچي، مونکي ته نالن جي به خبر ڪونھي ته توھين ڇا ڇا کائيندا آھيو؟ ڪباب ٻُڌو اَٿم. ڏٺو ڪين اَٿم، پر ٻڌو اَٿم. ڪباب اَچي اَوھان جي اڳيان رکيو اَٿن: پاڻ کان پڇو:- ”اِن ڪاڏي مان ڪنھن کي رنج ته ڪونه رسيو؟ ھي مان کائيندس، ڪنھن کي رنج ته مون ڪين رسايو؟“ جيترو گھٽ رنج ڏيون ٻين کي، اوترو بھتر.

On this earth plane, absolute non-violence is not possible. The ideal is to inflict the least violence we possibly can.

واھگروُ شل توھان سڀني تي آسيس ڪري! توھان جي صدقي ھن داس تي! مان توھان سڀني کان گھڻو ھيٺ آھيان، اِنڪري مونکي به آسيس ڪجو! ھتان ھلون، اِئين نه چون:- ”ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو!“ اَھڙي آسيس ڪجو!

(پونا: ١١-١-١٩٩٠)

※

تون رکپال، تون پرتپال، تنھنجي دَيا اَپار:
نه ڏس ڏوھ ڏنگايون، اَچي ڏي مھر نھار!

کي relief اَچي وڃي ٿو. اُن وقت ماتا کيس چوي ٿي:- ”منهنجا پٽ، اَجات شترو! تون جنهن ايذو نديو هئين، توسان ساڳي حالت ٿي هئي. زهريلي ڦرڙي توکي ٿي هئي. تنهنجو پتا، جنهن کي هينئر تو جيل ۾ وڌو آهي، جنهن کي تو اَن جل کان محروم رکيو آهي، اِهو تنهنجو پتا، ساڳيءَ طرح جئن تو پنهنجي پٽ سان کيو آهي، تنهنجي پتا تنهنجي آڱر کئي، وات ۾ وجهي سڄو زهر زور سان چوُسي ڇڪي ورتو.“

اَجات شترو جڏهن اِها ڳالهه ٻڌي ٿو، سندس سُتل آتما سُجاڳ ٿئي ٿي. اَسان مان هڪ هڪ جي اَندر آتما آهه، رڳو سجاڳ ٿيڻي آهي. کھڙو به پاپي هجي. ڏسو والميڪي (رتناڪر) ڇا پاپي هو! سُتل آتما سجاڳ ٿئي ٿي، مهرشي ٿي پيو ٿو. هڪ هڪ جي اَندر اِها آتما آهي. ڪنهن مان به اُميد نه لاهجو! هڪ هڪ جي اَندر اِها آتما پيئي آهي. اَجات شترو جي ستل آتما سجاڳ ٿئي ٿي. اَجات شترو هينئر ديوانو ٿي ڊوڙي ٿو. جيل ۾ وڃي ٿو. واڪا ڪندو ٿو وڃي:- ”پرڀو! پرڀو! منهنجي پتا کي حيات رکجانءِ! اِئين نه ٿئي ته مان دروازو کوليان، ڏسان ته منهنجو پتا مُئو پيو آهي.“ سندس دل ۾ اِهو ويچار ته بس، مان پنهنجي پتا کي آزاد ڪريان ۽ هن جي چرنن ۾ وهان. ۽ اُن لاءِ ڇا نه ڪريان، جنهن منهنجي هيڏي شيوا ڪئي، جنهن مان ننڍو ٻار هوس. ۽ مان اُن سان ڇا ورتاءُ ڪريان؟ جڏهن آتما اُٿي ٿي، اِئين ٿئي ٿو. واڪا ڪندو وڃي ٿو.

پر مونکي توهان کي ٻڌائڻ وسري ويو ته اِن کان اَڳ جيڪي اِهي ٻ ٿي ڏينهن هئا، جڏهن کان مهاراڻيءَ کي ملڻ نه ڏيندو هو، هڪڙي دري هوندي هئي، اُن دريءَ منجهان نهاريندو هو. راجا بمبيسار لڪريءَ تي ٻڌ جو پتلو لهرا هو. ٻاهرت ۾ ٻڌ جا ڏاڍا پتلا لهيل آهن. توهين اُن پاسي ويندا، ڏاڍا پتلا ڏسندا هي راجا ڇا ڪندو هو؟ هن کي نکو اَن ملندو هو، نکو جل. اِن دريءَ مان وڃي وري نهاريندو هو ٻڌ جي پتلي ڏي ۽ اُچاريندو هو:- ”ٻڌم شرڻم گڇامي ٻڌم شرڻم گڇامي!“ کيس ڏاڍو سنتوش ايندو هو. اَجات شتروءَ کي خبر پيئي ته هي اِن دريءَ مان نهاري ٿو ۽ کيس سنتوش ٿو اَچي. دري پوُرائي ڇڏيائين. پر هينئر سندس سُتل آتما سجاڳ ٿي آهي. ڊوڙندو ڊوڙندو واڪا ڪندو وڃي ٿو. شل منهنجو پتا جيئرو هجي، شل زنده هجي! مان وڃي کيس آزاد ڪريان! هي پتا ته بند هو اِن اوُنداهيءَ ڪوٺيءَ ۾. هن واڪا ٻڌا. ڇيائين، هاڻي اَلائي ڪهڙي ٿي مصيبت اَچي. اِن ڊپ ۾ هن پران ڏنا. اَجات شترو دروازو کولي ٿو. ڏسي ٿو، پتا ته آهي ڪين! اَصل اوڏي مهل گذاري ويو. راجا سوچيو، ڪهڙو پٽ جنه

اَڇاهه ۽ (٣) آنَتَ.

ڪلهه اَسان کي پياري دادا ٽي ڳالهيون ٻڌايون، جنهن ۾ جيون جو نقشو ڏنل آهي. توهان مان ڪنهن کي ياد آهي؟ St. Mary's Church جي ڳالهه پياري دادا ٻڌائِي. پيارو دادا روم ۾ ويو هو. ٽي ڳالهيون پياري دادا ٻڌايون:- (١) دان، (٢) سنتن ۾ شرڌا، (٣) ڌيان. اِهي ٽي ڳالهيون ۽ هِي ٽيئي ڳالهيون، اِنهن ۾ مشابهت آهه. "دان،" آهي آنَتَ اَتاهه. "سنتن ۾ شرڌا" آهي وشواس. "ڌيان" آهي اَڇاهه. سانت ۾ جڏهن اَسين ويهون ٿا، وڌيڪ وڌيڪ وڃون ٿا اَڇاهه ٿيندا. ڌيان ۾ ويهون ٿا، پرڀُوءَ پايون ٿا، هِي سنسار سڀ بنس آهي، اَنتيم آهي. پنهنجي دل هن سنسار کي ڇو ڏيون؟ پرڀو! شل توکي ڏيون! سانت جو اَڀياس اَسين جيڪر روز روز ڪريون. اُن مان اَسانکي ڏاڍو فائدو ٿيندو. روز روز ڪجهه وقت سانت ۾ ويهون، ڌيان ڪريون، پرڀوءَ سان ويهِي ڳالهيون ڪريون. پنهنجي محبوب سان ويهِي اَندر جو اَحوال اوڙيون. نام ويهِي جپيون.

اَڄ جو ويچار آهي:-

هڪ وشواس، ٻيو اَڇاهه،
ٽيون سيڻ کي ڏي آنَتَ اَتاهه:
باقِي سڀ ڀاڙيهِي ڪندو اَللهه!"

ڀهريون ئي ڀهريون آهي وشواس. وشواس ٽن قسمن جو آهي:- (١) هڪڙو وشواس آهي آتم وشواس، ڀاڳ ۾ وشواس. جيستائين اَسان جو ڀاڳ ۾ وشواس ناهي، ڪجهه ڪم ڪري ڪونه سگهنداسين. ڪيترائِي ماڻهو آهن، توهين ڏسندا ٽپ ٽپ تي پيا ٻجندا. ٽپ ٽپ تي پيا چوندا:- "اَڙي! هي ڪم ڪنيو اَٿم، هاڻ اَلائي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ نتيجو اَلائي ڪهڙو نڪرندو؟" آتم وشواس ضروري آهه. آتمِ وشواسَ اَسانجي اَندر اُٿي ٿو، جڏهن اَسان کي ٿوري ڪجهه پرڀُوءَ ٻوي ٿِي تہ اَسين واسطو ۾ ڇا آهيون. جيڪڏهن مان سمجهان ٿو تہ مان هِي سرير ۽ من آهيان، منهنجو وشواس وڃِي سرير ۽ من ۾ ٻوي ٿو. اُهو وشواس ڪهڙي ڪم جو؟ جڏهن مونکي پرڀُوءَ ٻوي ٿِي تہ مان Body-mind complex کان ٻِي شيءِ آهيان، I am something that transcends the body and the mind، جڏهن اَسين سرير ۽ مَنَ جي اَوستا کان مٿي وڃون ٿا، تڏهن اَسان جو سچو وشواس کلي ٿو، جنهن وشواس مان اَسان کي شڪتِي ملي ٿي.

مون توهان سان هڪ Tourist جو ذڪر ڪيو. هڪ ماڻهوءَ چيو تہ مان سائيڪل تي سڄِي دنيا گهمندس. سائيڪل ڪنيائين. پياري دادا کي آيو حيدرآباد (سنڌ) ۾ مليو. پياري دادا کي مليو. چيائين:- "دادا! مون ڀارت جو ڳچ حصو سفر

ٻي ضروري ڳالهيون

دادا:- اَڄ جو ويچار آهي:-

”هڪُ وشواس، ٻيو اَچاه،
ليون سڀن کي ڏي اَنت اَڻاه:
باقي سڀ ڀاليهي ڪندو اَللهہ!“

فقير چوي ٿو:- توهين رڳو ٻي ڳالهيون ڪريو. اُهي ٻي ڳالهيون ڪهڙيون؟
(۱) وشواس رکو. (۲) اَچاه. ڪا نہ ڪا چنتا اَسان کي سنسار سان ٻڌي ٿي.
اِنڪري اَسين دنيا جا غلام آهيون. دنيا جي در تي اَسين قيدي آهيون. قيدي
ڇو ٿيا آهيون؟ ڇو جو غلام ٿيا آهيون. اَسان کي ڪنهن نہ ڪَنهن ڳالهہ لاءِ چاه
آهي. ڪنهن نہ ڪنهن روپ لاءِ چاه آهي. فقير چوي ٿو:- پهرين رکو وشواس،
ٻيو ليو اَچاه. ٠ لين ڳالهہ نہ وساريو تہ ڪوبہ توهان وٽ اَچي، اُن کي اَنت ڏيو.
اَڻاه اَنت ڏيو. وڃو هڪ هڪ کي اَنت ڏيندا. وڃو هڪ هڪ جي دل کي راضي
ڪندا. دل دل ۾ پريو پاڻ ويٺو آهي. جيڪڏهن اَسين ڪنهن جي دل رنجايون
ٿا، اُن کان وڌيڪ شايد ٻيو ڪو پاپ ٿِي ڪونهي. پريوءَ کي ويٺا رنجايون. ٻو
جڏهن پريو اَسان کي سُمت ڏي، يڪدم وڃي معافي ولون.

هڪ وڏي آفيسر لاءِ ٻڌل پڙهيم. وڏو آفيسر، سندس عهدو وڏو. اَلائي
ڪنهن ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهہ تي هڪ پنهنجي پٽيوالي سان ڪو تکو ڳالهايائين. ٻو
لڳائين تہ مان غلط هوس. مون جيڪي اکر هن کي چيا، سي صحيح ڪين
هئا. مون اُن وقت سمجهيو تہ صحيح آهن، پر هئا غلط. هِي وڏو آفيسر پاڻ
اَچي ٿو، هن پٽيوالي کي چوي ٿو:- ”مونکي معافي ڏي! پيارا، مون جيڪي
چيو، سو ٺيڪ ڪين هو!“ چيائين، جي مان هن کي رنجائيندس معنيٰ مان
پنهنجي پريوءَ کي ويٺو رنجايان.

هڪ هڪ کي اَنت ڏيو. باقي ٻيون ڳالهيون ڇڏي ڏيو، ڀاليهي اَللهہ ڪندو
ٻيون توهان جون سڀ ڳالهيون اَچي اَللهہ ڪندو. توهين فقط هِي ٻي ڳالهيون
ڪريو. هنن ٻن ڳالهين ۾ جيون جو سچو نقشو ڏنل آهي:- (۱) وشواس، (۲)

پنهنجو خالي ڪيو. خالي ڪري شيون ٻئي هنڌ رکيم. ٿوري وقت کان پوءِ ڏسان ته وڏي هيري جي مُنڊي گُم آهي. ويچار ڪيم ته ڪنهن ڪنئي هوندي؟ مان اِن هيري جي مُنڊيءَ کي ڏاڍو پائيندي هئس، وڏو شاهي هيرو. آلائي ڪهڙو هيرو describe ڪيو هئائين. Bluish يا پيو ڪجهه اَهڙيءَ طرح، مون کي يادگيري ڪونهي. چيائين، منهنجي مُنڊي گم ٿي ويئي. منهنجو شڪ وڃي پئيي ۾ پيو. ٿورا مهنا ٿيا هئا، اَسان اُن کي پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکيو هو، مون کي اَچي اُن ۾ شڪ پيو. مون پنهنجي پتيءَ سان ذڪر ڪيو. منهنجي پتيءَ پوليس کي آندو. پوليس هن کي ڏاڍي مار ڏني. باسارايائونس، پر هن ڪنيو هجي ته ويچارو باسي. هُو پيو چوي:- ”مون ڪنيو ئي ڪونهي، مون ڪنيو ئي ڪونهي.“ گهڻو ئي چيائين، پر پوليس ڪيس ڏاڍي مار ڏنِي. ايتري قدر جو هُو بيمار ٿي پيو. پوءِ نوڪري ڇڏي هليو ويو. چيائين:- ”مان وڃان ٿو. وڌيڪ نوڪري مان نٿو ڪري چاهيان.“ جلدئي هُو پنهنجي ڳوٺ ويو ۽ ٿن مهنن جي اَندر مري ويو. ڇو نہ ٿن مهنن کان پوءِ جڏهن هُو مري ويو، تنهن کانپوءِ مون وري اِن ڪٻٽ ۾ پنهنجا لٽڙ ٽاڙيون رکيا. وري ڪجهه ڪپندو هوم، سو ڳوليم پئي ته ڏسان ته ڪنڊ ۾ اِها منڊي پيئي آهي. اِها مُنڊي پئيي ڪونہ ڪنئي هئي. هاڻ منهنجي دل تي اِن جو بار سالن کانولي پئي رهيو آهي. مان ڇا ڪريان، جو مان پاڻ کي اِن ويچار کان دور رکي سگهان. چادر ته مون مٽلِي ڪري ڇڏي. ”مٽلِي چادر اوڍڪي ڪئسي دئار تمهاري آئون؟“ منهنجي دل تي اِهو بار آهي ڏاڍو، مان ڇا ڪريان؟ ٻئي ۾ شڪ آڻيون ٿا، اَسين پنهنجي چِت شانتي وڃايون ٿا.

سنتياڻي شارداماٽي، سنت رامڪرشن جي ڌرم پتني، وري اِها سکيا ڏيندي هئي. چوندي هئي:- ”ڪنهن ۾ بہ شڪ نہ آڻيو! ڪنهن ۾ بہ گمان نہ آڻيو ۽ ڪنهن جو بہ اوگڻ نہ ڏسو.“ جڏهن جڏهن اَسين ڪنهن جو بہ اوگڻ ڏسون ٿا، اَسين پنهنجي چت شانتي وڃايون ٿا. هڪ سنڌس ساهيڙيءَ ويلي پنهنجي مائيءَ سان تکو ڳالهايو، تڏهن سنتياڻي شارداماٽيءَ پڇيس:- ”تون هن سان تکو ڇو ٿي ڳالهائين؟“ ساهيڙي چويس ٿي:- ”توکي ٻڌائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ تون تہ ڪنهن ۾ اوگڻ ئي ڪونہ ڏسين، توکي ٻڌائڻ مان فائدو ڪهڙو؟“ پوءِ شارداماٽيءَ مشڪي چيس:- ”بيشڪ، مان اَوگڻ ڪنهن ۾ نٿِي ڏسان، اِن ڪري ڏس، مان ڪيڏي نہ شانتيءَ ۾ آهيان. ڪڏهن غصو ڪين ڪريان. ڪڏهن ڪاوڙ ڪونہ ڪريان.“ جڏهن مان ٻئي تي ڪاوڙ ڪريان ٿو، مان پاڻ کي نقصان پهچايان ٿو. هينئر ڊاڪٽرن Scientifically ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ جنهن وقت مان غصو ڪريان ٿو، مان پنهنجي رت ۾ ڪي جيوڙا وڃهان ٿو، جيڪي منهنجي رت ۾ زهر

ڪيو آهي ۽ ڪيترا آزمودا مون کي مليا آهن. ڪيترا ڀيرا منهنجي حالت اهڙي ٿئي ٿي، جو من دکي ٿي ٿو پوي ۽ مان نراس ٿي ٿو وڃان. مونکي جيڪر ڪي اکر لکي ڏيو، جي مان پنهنجي مُندي تي کرائي ڇڏيان ۽ جي ڪڏهن به مونکي نراسائيءَ جو mood اچي ته مان اُن ڏي نهاريان ۽ منهنجي نراسائي دور ٿي وڃي. وري منهنجي اندر نئين شڪتي اچي جاڳي. دادا اُن منٽ کن سانت ۾ رهي پوءِ هن ٻاءُ کي هي اکر لکي ڏنا. اُهي ٿي اکر هئا:- Believe and Achieve جيڪڏهن تون ڪامياب ٿيڻ ٿو چاهين، تو هي وڏو ڪم ٻالڪ تي ڪليو آهي، سڄي دنيا جو سفر توکي ڪرڻو آهي سائيڪل تي. توکي آتم وشواس رکڻ گهرجي. ڪهڙي حالت به ٿئي، ياد رک، تنهنجي آتما اُنهن سڀني حالتن کان مٿي آهي، تون اُهو آهين! 'Believe and Achieve!'

Believe in yourself , but which self ?

That higher Self , not this lower self.

ڪرشمو هوندو هو، چوندو هو:-

'You little me , get out of me!

You big me , get into me!'

اُهو Big me اُن ۾ وشواس رکڻو آهي. آتم وشواس جي ڏاڍي ضرورت آهي. ٻيريون ٿي ٻيريون وشواس آهي اِهو، ٻالڪ ۾ وشواس. پر اِن ۾ رکو هڪڙو خطرو آهي ته مان اَيماني نه ٿي پوان. مان ٻالڪ کي سمجهان ٿو ته مان هھڙو شڪتيوان آهيان. نه! مان ته ڪجهه ڪين آهيان! پر تون جيڪو مون ۾ ويٺو آهين، تون سڀڪجهه آهين!

(٢) ٻيو وشواس، سڀني ۾ وشواس. هي سڀ جيڪي آهن، پريوءَ جون مورتون آهن، پريوءَ جا روپ آهن. اَسين اَڪثر شڪ جي زندگي گذاريون ٿا. ڪاٻه ڳالھ ٿيندي، يڪدم اَسان جو من شڪ آڻيندو. فلاڻي اِهو ڪم ڪيو هوندو. فلاڻي اِئين چيو هوندو، اِنڪري اِئين ٿيو هوندو. يڪدم چئي ٿا ڇڏيون. منٽ به نه ٿا ترسون. ڪنهن ۾ به جيڪر شڪ نه آڻيون. جيڪو ٻين ۾ شڪ آڻي ٿو، سو پنهنجو نقصان ٻالڪ ڪري ٿو. اُهو اِنسان پنهنجو دشمن ٻالڪ ٿئي ٿو. ڇو؟ جڏهن جڏهن اَسين ٻين ۾ شڪ وجهون ٿا اُٿاريندا، اَسين پنهنجي چت شانتي وڃايون ٿا. توهين ڏسندا، توهين ڪنهن ۾ شڪ اُٿاريندا، توهان جي شڪتي اُن وقت کان ولي ويندي ٽلندي. سچو وقت اُها اَندر پيئي ڪاٽيندي.

هڪ ڀيڻ مون سان ذڪر ڪيو. شاهوڪار گهر جي ڀيڻ هئي. چيائين ته منهنجي گهر ۾ painting ٿي ٿي. ڪٻٽ مونکي خالي ڪرڻو هو. ڪٻٽ مون

آختياري ڏيان ٿو، وڏيڪ Power ڏيان ٿو ۽ وڏيڪ توکي ڏيان ٿو ڪي علائقا جتي تون وڃي راڄ ڪرين." رستم، چون ٿا، اِهو ٻُڌو، هن جي اَکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا. دل ته هڪ ڪي آهي نه! ٻُڌائين، ڳوڙها ڳڙي آيس. جڏهن رستم بادشاه جي محلات مان نڪتو، درٻارين بادشاه کي چيو ته "سائين! توهان ته هن کي زنجيرن ۾ ٻڌوئِي ڪونه." بادشاه، خبر اَٿو، ڪهڙو جواب ڏنو؟ چيائين:- "مون هنجي دل زنجيرن ۾ ٻڌِي ڇڏِي." بهتر ڇا آهي؟ سرير ٻڌجي زنجيرن ۾ يا دل ٻڌجي؟ وشواس رکو!

محمد صاحب جي پهرين ڌرمپتنِي خديجا هئِي. محمد صاحب خديجا وٽ مئنيجر ٿِي ڪم ڪندو هو. خديجا وڌوا هئي. چاليهن ورهين جي خديجا هئي ۽ ٢٥ ورهين جو محمد صاحب هو. چيائينس:- "تون مون سان شادي ڪندين؟" محمد صاحب اُن سان شادي ڪري ٿو. پر جڏهن محمد صاحب کي جبرائيل فرشتي جا آواز اَچڻ ٿا، هِي ڊڄِي وڃي ٿو. اُن وقت هيءَ هڪ خديجا هئي، جا هن سان ٿي بيٺِي. اِن ڪري سڄو قران شريف لهيو. محمد صاحب چوندو هو ته هڪ خديجا جي ڪري هِي سڀ ٿيو آهه. جي اُها مون سان نه بيهي ها ته مان ڪجهه به نه ڪري سگهان ها. پوءِ جڏهن خديجا گذاري وڃي ٿي، محمد ساحب شادي ڪري ٿو هڪ ننڍڙِي ڇوڪريءَ اَئشيا سان. اَئشيا وري وري ڏسندي هئي ته هنکي خديجا وسري ئي نٿي. سڄو وقت خديجا جي ياد اَٿس. ۽ پوءِ زالون نه چاهينديون آهن ته سندن مرد ٻِي ڪنهن زال کي ياد ڪري. زالن جو اِهو سڀاءُ آهي. اِئين لهيل آهن. اُنهن جو ڏوهه ڪونهي. ڪنڌ ملي ٿيندي آهه، لوڻ کارو ٿيندو آهه. قدرت اِئين بنايو آهه. توهين چوندا :- "لوڻ! تون مٺو ٿيءُ". لوڻ چوندو:- "اَڙي! مان مٺو ڪئن ٿيان؟ مان ته لهيل ئي اِئين آهيان." تئن هِي لهيل ئي اِئين آهن. هنن جو ڏوهه ڪونهي. اَئشيا چويس ٿي ته "تون ننڍي وڏي ڳالهه تي خديجا کي ياد ٿو ڪرين: مونکي نٿو پيار ڪرين ڇا؟ خديجا ته ٤٠ ورهين جي هئي، جڏهن توسان شادي ڪيائين. ڇا هن جو منهن هوندو؟ گُهنجَ اَڇي ويا هوندس ۽ تون اُنکي وساري نٿو سگهين؟" محمد صاحب چويس ٿو:- "سبب اِهو اَٿيئي ته She trusted me. مون ۾ سندس وشواس هو ۽ اُن جي وشواس ئي مونکي بنايو آهي، جيڪي مان آهيان!"

هڪڙو وشواس آهي آتم وشواس، پاڻ ۾ وشواس. ٻيو وشواس آهي سڀني ۾ وشواس، جيڪي اَسان جي چوگرد آهن. پر ٽيون وشواس، وڏي ۾ وڏو وشواس آهي پريوءَ ۾ وشواس. پريوءَ ۾ وشواس معنيٰ ڪيئهي ته مان چوان :- "پريو آهي." شيطان به توهان کي ٻڌائيندو ته پريو آهي. شيطان کي به خبر آهي ته

ڦهلائين ٿا. مان پاڻ کي وڏو نقصان پهچايان. پنهنجي صحت وڏو وڃايان. اِن ڪري وشواس رکو. جڏن توهين وڌيڪ وشواس رکندا، توهين ويندا وڌيڪ وڌيڪ اُنهن کي Trust ڪندا. توهين ڏسندا تہ اُنهنجي جيون ئي بدلجي ويندي.

آميريڪا جو پريزيڊنٽ اِبراهيم لنڪن، جڏهن آميريڪا ۾ گهرو لڙائي (Civil War) لڳي ٿي، تڏهن هڪ سولجر کي هن وٽ وٺي اَچن ٿا. ڪيس چون ٿا تہ رات جي وقت هن کي پهرو ڏيڻو هو، پر هي سمهي پيو. هن کي پڪڙيو آڻن ۽ ڪيس پڪڙي سزا ڏني آڻن، جا هڪ ئي سزا ٿيندي آهي تہ گوليءَ سان هن کي ماريو وڃي، پر اُن لاءِ پريزيڊنٽ جي صحيح کپي. اِبراهيم لنڪن هن سولجر ڏي نهاري ٿو. سولجر جو نالو هو وليم اِسڪاٽ. اِبراهيم لنڪن چويس ٿو:- "وليم اِسڪاٽ! مان توتي اَڄ هڪ قرض رکان ٿو. اِهو قرض تون اَدا تڏهن ڪري سگهندين، جڏهن تون پنهنجو فرض اَهڙيءَ طرح پالن ڪندين، جو جنهن وقت تون مرين ۽ اُن وقت مان اَچي تنهنجي اَڳيان بيهان، تون مونکي سچائيءَ سان چئي سگهين:- پريزيڊنٽ صاحب! مون پنهنجا فرض پوريءَ طرح پالن ڪيا. اِهو قرض تون ڪڏهن ڏيڻ تيار آهين؟" هُو چويس ٿو:- "ها!" پريزيڊنٽ چوي ٿو:- "هن کي معافي ڏيو!" ۽ چون ٿا هي سولجر عجيب سولجر ٿي پيو. هن پريزيڊنٽ منجهس وشواس رکيو.

پرشيا ۾ هڪڙو راجا هو. ڳالهہ ڪندا آهن تہ اُن کي هڪ سپہ سالار هو. سندس نالو هو رستم. جيڪي بہ آرميءَ (Army) جا سولجر هوندا هئا، هن تان مفتون پيا ويندا هئا. چوندا هئا، اَسين پنهنجي جيون توتان گهوريندا سين. هڪ ڏينهن ڪيس صلاح ڏين ٿا تہ تون جيڪر خون ڪرين. هي اَسان جو راجا ڪهڙي ڪم جو؟ هن راجا کي اَسين لاهيون. هن کي هلي گهيرو ڪريون ۽ تون تخت تي ويهہ.

ڏسو، اِنسان جو من آهي، بگڙجي وڃي ٿو. هي قبولي ٿو. رٿ (Plan) رٿين ٿا تہ هاڻ ڇا ڪريون؟ فلاڻي تاريخ، فلاڻي وقت هلي هن جي محلات کي گهيرو ڪنداسين. پوءِ راجا کي يا تہ وجهنداسين جيل ۾ يا هن کي مارينداسين ۽ تخت تي رستم کي وهارينداسين. اِها رٿ ڪنهن راجا جي درٻاريءَ جي هٿ ۾ اَچي وڃي ٿي. اِها رٿ کڻي اَچي راجا کي ڏيکاري ٿو. چويس ٿو:- "هي وقت اَٿيئي. جيستائين اُهو وقت اَچي، تيستائين تون پاڻ رستم کي پڪڙي، زنجيرن ۾ وجهہ، ڪيس جيل ۾ وجهينس يا گوليءَ سان خلاص ڪرينس، نہ تہ توسان اِها حالت ٿيندي." راجا يڪدم هن رستم کي ڪوٺي ٿو. ڪيس چوي ٿو:- "رستم! منهنجو تو ۾ وشواس آهي. مان توکي وڌيڪ طاقت ڏيان ٿو، وڌيڪ

هلان." اِستريءَ چيو تہ "مان اَج ٿڪي پيئي آهيان. تون جيڪر آٿي ڏين."
پتي چوي ٿو:- "مان وچان ٿو ڏيکن جمخانا ۾. Supreme هوٽل تان ُپاءُ ڀاڄي
ولي، ڪيڏي نہ پريم ۾، ڪيڏي نہ پيار ۾، ڪيڏي نہ شوق ۾ مان موٽان
پيو تہ ڏسان ٿو تہ منهنجي زال کٽ تي ليٽي پيئي آهي. هٽ ڇاتيءَ وٽ،
سواس نهي ڪونہ." شايد اِن وقت ۾، اِئين هن جو اَنومان هو، هن کي ڪا
مونجهہ ٿي يا ٻيو ڪجهہ ۽ هيءَ گذاري وئي ٿي. ڪيڏو نہ ڏڪو هن کي آيو
هوندو! پر خبر آٿي، مون کي ڇا چيائين؟ چيائين:- "مان هميشهہ ستسنگ ۾ ايندو
آهيان. مان ستسنگ ۾ اِهو سبق سکيو آهيان تہ جيڪي ٿئي ٿو، اُن ۾ پربوءَ
جو ڪو راز آهي. بيشڪ، اُن ڏينهن ڪان ولي مان پاءُ ڀاڄي اَجا ڪين کائيندو
آهيان. پاءُ ڀاڄي ڏسان تہ هڪدم اهو نظارو منهنجي اکين اڳيان اَچي ٿري.
اِهو ويچار اَجا منهنجي اَندران نڪتو ڪونہ آهي. مان چاهيان ٿو، جيڪر اُهو
بہ نڪري وڃي. پاءُ ڀاڄيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ پاءُ ڀاڄيءَ ٿورو ئي ڪو ڏوهہ ڪيو.
پر اَلائي ڇو مان اَڃان نٿو کائي سگهان." پياري دادا جو اُپديش، جيڪو خاص
ڪري ١٦ جنوري صبوح جو اَسين ٻڌندا آهيون، تنهن ۾ پيارو دادا چوي ٿو:- "جيڪي
ٿئي، سو قبول ڪريو! قبول!قبول! قبول! جيڪي ٿئي ،قبول!" اِهو آهي پربوءَ
۾ وشواس.

ٻالڪي هئي، جهاز تي سُمهي پيئي هئي. جهاز پئي هليو. اوچتوئي اوچتو اَچي طوفان لڳو. طوفان ۾ هي جهاز لُڏڻ لڳو. سڀ ماڻهو اَچي رودن ڪرڻ لڳا. زالون تہ پٽڻ لڳيون. پر هيءَ ٻالڪي سمهي پيئي هئي. سندس ماءُ اَچي ڪيس اُٿاري ٿي:- "ٻالڪي، هيڏا طوفان لڳي ويا آهن، تون اَجا سمهي پيئي آهين؟" ننڊ ۾ ئي ماءُ کي چوي ٿي (جهاز جو ڪپتان هو هن جو پيءُ):- "اَمِي! بابا ويٺو جهاز هلائي! پوءِ مونکي ڪهڙي چنتا؟" اِها حالت اَسان مان هڪ هڪ جي ٿيڻ گهرجي. بابا ويٺو جهاز هلائي. اَسان جي جيون جو جهاز ڪير ويٺو هلائي؟ بابا ويٺو هلائي: پوءِ اَسان کي ٻپ ڇا جو؟ چنتا ڇا جي ؟

ڪيترين ڳالهيون خاص ڪري توهين جيڪي گرهستي آهيو، توهان جي گهرن ۾ ٿين ٿيون، منجهائي ڇڏين ٿيون. اَڙي! هي ڇو ٿيو؟ اَڙي! هِي ڪئن ٿيو؟ اَڙي! هِي ڇا جي واسطي ٿيو؟ نہ، بابا ويٺو هلائي، بابا وٽان ئي پرساد ٿي آيو آهي.

هڪ ٻالڪي هئي. گليتي بابا جي شيوا ڪندي هئي. چار ڪلاڪ، پنج ڪلاڪ، ڇهہ ڪلاڪ. گليتيءَ جي پوڄا روز ڪندي هئي. سندس دل ۾ هڪ ئي پرارٿنا هوندي هئي تہ "مونکي سلو گهوٽ ولي ڏي." گليتي راضي ٿيو. ڪيس

پريو آهي. ڇاڪاڻ ته شيطان بڻيو ئي آهي پريوءَ جي ڪري. پريوءَ چيس:- "تو
آدم جي اَڳيان اَچي سِرُ جهڪاءِ." چيائين:- "مان تو آدم جي اَڳيان سِرُ جهڪايان
شيطان به توهان کي ٻڌائيندو ته پريو آهي. ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي، جي توه
چيو ته پريو آهي. وشواس جي معنيٰ ڇا آهي؟ وشواس آهي هيءَ ڳالهه ته جيڪ
ٿئي پيو، سو سمجهون ته منهنجي ڀلي واسطي آهه. پريو جيڪي ڪري ٿو،
منهنجي ڀلي واسطي آهه. جڏهن اِهو وشواس اَسان جي اَندر اَچي ٿو، تڏه
بيشڪ اَسين وشواسي اِنسان آهيون. جيڪي ڪري ٿو، ڪيڏي به آفت اَچي
ڪيڏي به تڪليف اَچي، ڪيڏي به تنگي اَچي، ڪيڏو به ڌنڌي ۾ نقصان پو
ڪيڏو به منهنجا پيارا مون کان کسجي وڃن، پريو! اِن ۾ به ضرور ڪو ڀلو هوند
تون مون کي پيار ڪرين ٿو. تون ڪڏهن ڪا اَهڙي ڳالهه ڪندين، جنهن ۾ منهن
برو ٿئي. ڏسڻ ۾ بيشڪ اَچي ٿو ته مصيبت آهي، calamity آهي، تڪلي
آهي، بيماري آهي، پر مون کي پڪ آهي ته تون مونکي پيار ڪرين ٿو. ت
اَهڙو ڪو ڪم ڪرڻ ڪين ڏيندين، جنهن ۾ منهنجو نقصان ٿئي. اِهو آهه وشوا
پينڊرون! اَصل پڪ ڄاڻو، ڳنڍ ٻڌي ڇڏيو.

ڀاءُ:- پينڊرون ٻڌن، ڀائو نه؟

دادا :- پينڊرون ڀاڪيمي ڀائرن کي ٻڌائيندءيون. اَصل ڳنڍ ٻڌي ڇڏيو. پ
ڄاڻو، جيڪي ٿئي ٿو، Literally, whatever happens اُن ۾ پريوءَ جو راز آه
پريوءَ جي اُن ۾ ڪا معنيٰ آهي. مونکي قبول ڪرڻو آهي!

هڪ ماڻهوءَ کي هڪ ئي پٽ هو. لڙائيءَ ۾ موڪليس ٿو. مري ٿو وڃ
اوچتو ڪيس خبر پوي ٿي. ڏڏڪو اَچي وڃيس ٿو. ڇا ٿو چوي؟ چوي ٿو:- "جڏ
اِنسان جي اَهڙي حالت ٿئي ٿي، تڏهن اُن جي اَڳيان ٽي رستا آهن:- (
هڪڙو آهي ته وڃي شراب پيئي. شراب پي وساري ڇڏي. (٢) ٻيو رستو آ
ته مايوسيءَ ۾، نراسائيءَ ۾ گهڙي وڃي. (٣) ٽيون رستو آهي پريوءَ کي نهاري
"مان پريوءَ ڏي نهاريندس." چوي ٿو:- "پريوءَ وٽان هي پرساد ٿي آيو آه
اِن ۾ به ڪا معنيٰ هوندي. منهنجي پُٽ جو ڀلو هوندو، منهنجو به ڪو ڀلو هوندو."

اَسان جا ڪيترا پيارا اوچتو ئي اوچتو گذاري وڃن ٿا. هڪ ڀاءُ مون
ذڪر ڪيو. چيائين:- مان ۽ منهنجي ڌرم پتني هميشه گڏ گذاريندا هئاس
ڪٿي به ويندا هئاسين، گڏجي ويندا هئاسين. اَسين هڪٻئي کان ڪڏهن
ڪونه ٿياسين. هڪ ڏينهن مون کي چوي ٿي ته "اَڄ منهنجي دل ٿي آ
ته مان پاءُ ڀاڄي کان، پاءُ ڀاڄي وري ڪهڙي؟ Supreme هوٽل جي پاءُ ڀاڄي
پٺيءَ چيو ته مون اِسٽريءَ کي چيو:- "تون هل مون سان : مان توکي

ڪي سنسار جي چڪر سان، جنم مرڻ جي چڪر سان ٻڌي ويٺي آهي. پيارا! جي هن ڏک ڄڪرءَ کان ڇٽڻ چاهين ته چاهنا ڇڏ. چڱو، جي هروڀرو توهان کي چاهنا رکڻي آهه ته هيءَ موڪل اٿو: پريوءَ کي چئو:- "پريو! منهنجي چاهنا هيءَ آهي، پر ڪجاڻ جئن تون چاهين. اِهو ضرور ٻڌجو! پريو! منهنجي دل هيءَ آهي، پر ٿئي اوئين، جئن تون چاهين، منهنجي نه ٻڌجانءِ!"

هڪ ستپرک هو. چوندو هو:-

'I have lived long enough to be able to thank God for not having answered many of my prayers.'

چوندو هو:- "مون ڪيترين پرارٿنائون پريوءَ کي ڪيون. جيڪڏهن اُهي منهنجون قبول ڪري ها ته اَلائي منهنجي ڪهڙي حالت ٿئي ها. اِن ڪري مان پريوءَ جو شڪرگذار آهيان، جو منهنجون ڪيترين پرارٿنائون نه ٻڌائين. هينئر مان ڏسان ٿو، اُهي جي ٻڌي ها ته منهنجي اَلائي ڪهڙي حالت ٿئي ها." اَسين ته آئينده ڪجھ ڏسي نٿا سگهون، پر پريوءَ کي ته سڀ خبر آهي.

ياءَ:- دادا، پراُپڪار جي چاهنا پڻ رکون؟

دادا:- پراُپڪار جي به چاهنا نه رکون. پراُپڪار لاءِ پياس رکون دل جي اَندر. پياس اَسان کي مٽي ولي هلي ٿي. چاهنا اَسان کي هيٺ ڇڪي ٿي. پراُپڪار جي چاهنا جي ٿئي ٿي ته اُن ۾ وري آپي جو ويچار اَچي ٿو وڃي. پياس رکون! پريو! هي جيڪي آهي، سڀ تنهنجو آهي، پراُپڪار ۾ ڪتب اَڻجانءِ. It's not I ,who do it , it's you. اِهو هميشه هجي.

مونکي يادگيري اَچي ٿي. مون کي هڪ سپنو آيو. اُن سپني ۾ مان ڏسان ٿو، جئن مهابليشور ۾ لڪر ٿيندا آهن، پهاڙ ٿيندا آهن. سپني ۾ ڏسان ٿو ته ايترا پهاڙ آهن ۽ منهنجو گروُ پيارو دادا، مونکي چوي ٿو:- "جي تون چاهين ته هي سڀ پهاڙ مان بدلائي توکي سون جا پهاڙ ڪري ڏيان. اِهو سڀ سون تون کڻ." چا ٿا ڀانيو؟ Oasis جي جاءِ ڪونهي. سڄو range چيائين ته سون جو تون کڻ، پر مونکي ڏاڍي خوشي ٿي، جڏهن مان جاڳيس. مون کي خوشي ٿي، ڇو ته مون سپني ۾ پياري دادا کي چيو ته مان سون جا ڪندس؟ مون کي سون جي ڪهڙي ضرورت؟ منهنجو سون آهن توهان جا ڪمل چرن. هڪ خوشي اِن ڪري به ٿي ته اوئين به سون ملي ڪونه ها، پر خوشي ٿيم ته سپني ۾ به مون سون ڪونه گهريو. "اَچاه!"

ڀهريون وشواس، ٻيو اَچاه. اَچاه ٿيو: جيڪي پريو! تون ڏين، سو واهه! واهه! ڪيترا سياسي آهن، مدوڪري ڪري اِيندا. پنجن گهرن ۾ ويندا. پنج گهر

آهڙو سٺو گهوٽ مليو. اَصل ڳالهه جي هڪ هڪ اِڇا رکندو هو. ڪيس ڏاڍو سڪي
رکيائين، پر فقط ٻه سال. ٻنهي سالن کان پوءِ اوچتو ئي اوچتو آفيس مان فون
اَچي لڳو ته ڪرسيءَ تي ويٺي ڪم ڪيائين، اُهاسي ڏنائين، اُتي جو اُتي گذاري
ويو. هن ڇوڪريءَ، خبر اَٿو، پهريون ڪم ڪهڙو ڪيو؟ پهريون ڪم ڪيائين
ويٺي مندر ۾، گنيشيءَ جون سڀ تصويرون ڦاڙي ڇڏيائين. چيائين:- "مون تنهنجي
روز پوڄا ڪئي، ڪڏهن ڇهه ڪلاڪ، ڪڏهن ست ڪلاڪ، ڪڏهن اَٺ ڪلاڪ
تون منهنجو هڪڙو ئي پتي اِئين ئي کسي وئين؟" حالي پتي هڪڙو ئي ڏيندو
آهي. سڀني کي هڪڙو ئي پتي هوندو آهي. پر هن جو شايد مطلب هو ته سڄي
دنيا ۾ منهنجي لاءِ هي هڪڙو ئي هو، اُهو تون کسي وئين. منهنجو توسان واسطو
ڪونهي." اِهو وشواس ڪيئي. وشواس آهي پڪ ڄاڻڻ، پروڙ پائڻ ته جيڪي
ٿئي ٿو، اُن ۾ منهنجو ڀلو آهي، منهنجن پيارن جو ڀلو آهي. پياري پريوءَ وٽان
اَچي ٿو، اِن ۾ ضرور ڪو راز هوندو.

"هڪُ وشواس، ٻيو اَڇاهُ،
ليون ڏي سپن کي آکت اَٿاهُ"

اَڇاهه ڇا آهي؟ اَڇاهه آهي ڪنهن سان نه اَڙجڻ. هن سنسار ۾ اَسين
ياتري ٿي آيا آهيون. گروجن جي باڻيءَ ۾ هي اَکر اَچن ٿا:-

"ٻلاٽو سڄ جو لاويءَ نيهه،
تاڪٽ حات نه آويءَ ڪيهه!"

ٻلاٽو آهيون، مسافر آهيون، ياتري آهيون. پوءِ ڪٿي اَسين ڪنهن سان
موهه رکنداسين؟ ڪٿي اَسين چاهنا ۾ پونداسين؟ هڪ هڪ چاهنا اَسان کي ٻڌي
ٿي. اِنڪري چاهه کان پري رهون ۽ اُهو ڀائيهي ٿئي ٿو، جي اَسين پريوءَ جي
اِڇا قبول ڪريون ٿا. "پريو! جيڪي اَچي ٿو، تنهنجو پرساد ٿي اَچي ٿو." ڀائيهي
اَسين اَڇاهه ٿيون ٿا. ڇو ته پوءِ اَسان جي دل منجهان هڪ پرارٿنا وري وري
پيئي اَچي:-

'Not my will, but Thy Will be done,O Lord!

Not what I desire , but what you desire for me!'

پوءِ ماڻهو چاهه کان ڇٽي پوندو. هيڻو ڪو اِنسان ڪونه آهه، جنهن کي
ڪا نه ڪا چاهنا نه هجي. هڪ هڪ جي اَندر ڪا نه ڪا چاهنا پيئي آهي. اِ
چاهنا اَسان کي ٻڌي ٿي.

گوتم ٻُڌ کي جڏهن ٻوڌي ورڪ هيٺ درشن مليو، تڏهن پهرين پهريون
ڪيس اِها پروڙ پيئي ته اَسان جي دک جو ڪارڻ آهي چاهنا ۽ اِها چاهنا اَسان

مها منتر جي مهما

دادا :- اَڄ جو ويچار آهي مها منتر، جو توهين ڀڳتيءَ ۾، اُتساهه ۾ پرجي هٿ ستسنگ ۾ وري وري ڳائيندا آهيو:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

هي مها منتر اَسان کي اُپنشدن ۾ مليو آهي. اُپنشد ڪن رچيا؟ اَسان جي پراچين زماني جي رشين اِهي پستڪ رچيا. اِنهن اُپنشدن ۾ ڏنل آهه گفتگو رشين ۽ شاگردن، وديارٿين جي وچ ۾. ڪئن نه شاگرد وڃي رشين جي آشرمن ۾ رهندا هئا. ۽ ڪين رشي سکيا ڏيندا هئا. اها سکيا آڪاٽين جي روپ ۾ اِنهن اُپنشدن ۾ ڏنل آهه.

اُپنشد ڪيترائي آهن، جن مان خاص ڪري ڏهه اُپنشد مکيه ڪري ليکيا وڃن ٿا. ڪل اُپنشد شايد ٻه سؤ (٢٠٠) کان وڌيڪ آهن. اُنهن مان هڪ اُپنشد، جنهن جي گهٽي ڄاڻ لوڪن کي ڪين آهه، اُن جو نالو آهي "ڪالي سَنترنو" اُپنشد. هن اُپنشد ۾ هڪ ڳالهه جو ذڪر ڪيل آهه. ڪئن مهرشي نارد، - The teacher of men and gods جو پيو رٽن ڪندو آهه: سندس هٿ ۾ وينا : سندس مک تي مٺا وچن :- "ڀڄ من نارائڻ! ڀڄ من نارائڻ!" مهرشي نارد پنهنجي رٽن ۾ هڪ ڏينهن ديو لوڪ ۾ پهچي ٿو. برهما کي ملي ٿو. برهما سان ذڪر ڪري ٿو، ڪلجڳ ڪيڏو نه ڪٺور آهه. مايا موهڻي، سڄي جڳتر کي هڏي ويئي آهه. ڪي لوڪ ڏسو، اِندريه ڀوڳ ۾ وڃايل. ڪام ترشنا ڪين آنڌو ڪري ڇڏي ٿي. سڄو وقت هو پنهنجي شڪتي پيا وڃائين ڀوڳ ۾. ڪي لوڪ ڏسو لوڀ ۾ڦاٿل مستان. پئسي پدارٿ ڪٺي ڪرڻ ۾ مشغول. ٻي ڪا ڳالهه ڪين وڻي ڪين. لکاپتي چون، اَسين ڪروڙپتي ٿيون ۽ ڪروڙپتي چون، اَسين billionairs ٿيون. لوڀ جي اَٿر هيٺ اَڄي اُهي لوڪ ڪوڙ ۾ ڪِرن ٿا، پاپ ڪن ٿا. وري ڪي ڏسو طاقت جي پٺيان مستان. طاقت (Power) جي تلاش ۾ ڪئن نه اُهي غلطان آهن. آهڙي ڀڳ ۾، جنهن ڀڳ ۾ لوڪ ڏکيون ڳالهيون

ڪجهه جيڪلهن ڪين ڏيندا، اُهو ولي ڪائيندا. چوندا:- ”پريو! هي تنهنجو پر
آهي.“ جيڪلهن پنجن ئي ڳهرن ڪجهه ڪونه ڏنو تہ چوندا:- ”پريو! تنهن
اِڇا آهي تہ اَڄ اَسين ورت رکون!“ جيڪي لڳي، سو قبول ڪريو!
ليين ڳالهہ: سڀني کي ڏي آڳت اَڳاهہ. وڃو شيوا ڪندا. مانوَ ڌرم آهي
ڌرم. جيئرن کي سڪي ڪري سڱهو، وڃو سڪي ڪندا. ڪنهن کي رنڄايو
اِهو هڪڙو قاعدو پنهنجي جيون ۾ رکي سگهو تہ ضرور رکو. اِن ڪري ملو ڳال
اَسين ڪلهن ڪلهن ڏاڍو تڪليءَ سان ڳالهايون ٿا. ملو ڳالهايو! اَسان جا تڪا
ڪيترن کي رنج رسائين ٿا. ملو ڳالهايو. اِن ڪري گروڄن چيو:- ”جيڪ
توهين لڪو ڳالهايو ٿا، توهان کي پريوءَ جي دربار ۾ اَچڻ ڪونہ ملندو. پل ڪ
نہ پرُاپڪار جا ڪم ڪريو، ڪيڏيون نہ شيوائون ڪريو، جي ملو ڳالهائڻ نہ
آهيو تہ توهان کي اَندر اَچڻ ڪونہ ملندو.

”هڪ وشواس، هيو اَچاهہ،
ليون ڏي سڀن کي آڳت اَڳاهہ:
باقي سڀ پاڻيهي ڪندو اَللهہ!“

شل توهان سڀن تي آسيس اَچي! اَسين پنهنجي جيون، اِنهن ٽن ڳالهين
بڌُون. وشواس رکون. اِن ڪري سڀڪجهہ قبول ڪريون! پڪ ڄاڻون، جيڪي
لو، سو پريوءَ جي حڪم ۾ لڳي لو. اِن ۾ ئي اَسان جو ڀلو آهي.
هيو، اَچاهہ ليون: وڃون وڏيڪ اَچاهہ ٿيندا. چاهنا آهي جا اَسان
بڌي ٿي. چاهنا کان آزاد ٿيون!
ليون، سڀن کي وڃو آڳت ڏيندا! اَڳاهہ آڳت!
باقي پاڻيهي اَچي ڪندو اَللهہ!

(پونا: ٨-٢-

※

جو جيئي ٿو فقط پاڻ لاءِ، سو آهہ مُئل اِنسان:
جو مري ٿو ٻين لاءِ ، اُهو پائي ٿو پد نروان!

ٿي وڃي ٿو. پريوءَ ۽ جيو ۾ پوءِ تفاوت نٿي ڪين. جيو ۽ پريو ٻئي هڪ ٿي وڃن ٿا.

اِهي چار منزلون اِنسان پراپت ڪري سگهي ٿو، جي فقط مها منتر جو اُچارڻ ڪري ، ويهي جاپ ڪري.

تڏهن نارد برهما کان سوال پڇيو ٿو:- ”ڪرپا ڪري مون کي ٻڌايو ته اِن جاپ واسطي ڪي قاعدا (Conditions) آهن ڇا؟“

برهما چوي ٿو:- ”ڪي به قانون يا قاعدا ڪين آهن. ڪوبه اِنسان، ڪهڙيءَ به طرح هجي، ڪٿ به هجي، اِن منتر جو جاپ ڪري سگهي ٿو. ڇو ته اِهو منتر اَسانجي اَشدتا ڪٽي وڃي ٿو ۽ اَسانجي اَندر شدتا اَچي پيدا ٿئي ٿي.“

اِهو مها منتر هن يگ واسطي اَسان کي مليل آهه. اِهو مها منتر اِڪ ٻيڙي آهه، جنهن ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اَسان مان هڪ هڪ، ڀل ڪيڏو به پاپي هجي، ڀل ڪيڏو به دشٽ هجي، ڀل ڪيڏو به اَتياچاري هجي، فقط اِن منتر جي شرن پڪڙي ٿو، ڀو ساگر پار ڪري هلي ڪرشن لوڪ پهچي ٿو.

شريمد ڀاڳوت جي ٻئي اَسڪند ۾ هڪ شلوڪ ۾ ذڪر ڪيل آهي، شڪديو راجا پريڪشت کي ويٺو سکيا ڏئي. کيس چوي ٿو، هي منتر جو جپي ٿو، سو پُورنتا جي پد کي وڃي پراپت ڪري ٿو. جنهن به رستي تان هلي ٿو، اُن رستي تي ڪاميابي پراپت ڪري ٿو، پُورنتا جي پد کي پهچي ٿو. سنساري رستي تي پنڌ پيو ڪري ڇا؟ کيس ڀئسو پدارٿ کپي؟ کيس وديا کپي؟ کيس ٻيو ڪجهه کپي؟ جيڪي به جنهن کي کپي، جي فقط ان منتر جو آڌار پڪڙي، وڃي پُورنتا جي پد کي پهچي ٿو. جي پرمارٿ جي رستي تي پنڌ ڪري ٿو ته سولائيءَ سان وڃي پار پهچي ٿو.

هڪ پُراڻ، جنهن جو نالو آهي آدي پُراڻ، اِن پراڻ ۾ ذڪر ڪيل آهه، ڪٿ شري ڪرشن اَرجن کي سکيا ويٺو ڏئي. اَرجن کي چوي ٿو:-”منهنجا پيارا اَرجن! ياد رک، پريوءَ جي نام ۽ پريوءَ جي وچ ۾ تفاوت اَلبئي ڪين.“

گروجن اَسان کي ساکي سکيا ڏين ٿا:-

وڏا صاحب اُوچا ٿانءُ،
اُوچي اُوپر اُوچا نانءُ.

سڀ کان مٿي آهه پريوءَ جو نام. گروجن چون ٿا، پريوءَ کان مٿي آهه پريوءَ جو نام. اِهو نام اَسان کي سولائيءَ سان، سستو ملي ٿو. ڪو به دام اَسان کان نٿا ولن. اِنڪري اَسان کي نام جو ملهه نٿو لڳي. اِن ڪري شايد اَسين نام جو اِستعمال نٿا ڪريون. اَهڙي بخشيش سنت ستيرڪ، پريوءَ جا پيارا، اَسان

نٺا ڪري سگهن، جنهن يگ ۾ لوڪن کي چنتائون آهن، ڏڀ ويڙهي ويا آ

جنهن يگ ۾ اِنسانن کي وقت نٿو ملي جو پربوءَ جو ڪجهه ويچار ڪن، اِن ۾ ڪا اُميد آهي؟

تڏهن برهما نارد کي چيو ته:- ”منهنجا پيارا، نارد پيارا! اُميد هڪ واسطي آهي. هن يگ واسطي اَليئي هي سولو رستو. اُهو رستو وڃي لوڪن کي ڏيکار. اهو رستو اَليئي نام جو رستو. جي لوڪ فقط نام جو اُ ڪن، نام جپيندا رهن، نام ڳائيندا رهن، ڀو ساگر سولائيءَ سان پار ڪري س ٿا.

تڏهن مهرشي نارد پڇي ته:- ”ڪهڙو نام اُچارين؟“

اِن سوال جي جواب ۾ برهما اُهو منتر ڏئي ته، جنهن کي مها ڪري سڏيو ويو آهي. برهما چيو ته:- ”لوڪ جي فقط هي مها منتر وري اُچارين، ڀوساگر سولائيءَ سان پار ڪري سگهن ٿا.“

هري رام، هري رام، رام رام هري هري !

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

فقط اُچارڻ سان، برهما چيو ته، دل جي اَپوترتا ڌوپجي وڃي ٿي ۽ جي اَوديا ناس ٿي وڃي ٿي. ۽ جڏهن اَپوترتا ڌوپجي وڃي ٿي ۽ اَوديا ٿئي ٿي، پوءِ توهان ڏٺو آهه سورج سڄو وقت پيو چمڪي. پر جي ڪي ڪ کي بادل اَچي بيهندا آهن ته سورج جي روشنيءَ جو چمڪاٽ گم ٿي آهه. ساڳيءَ طرح پربوءَ جي جوت، پربوءَ جي روشني پيئي چمڪي. هرهنڌ چمڪي، ڏينهن جو ۽ رات جو پيئي چمڪي. پر اِن روشنيءَ جي اڳيان اَپوترتا ۽ اَوديا جا بادل، ڪڪر، جي روشنيءَ کي ڍڪين ٿا. اُهي ڪڪر، بادل گم ٿي وڃن، پربوءَ جي روشني اَچي چمڪي. جو جيو هن مها منتر جاپ ڪري ٿو، وري وري اُچاري ٿو، اُن جي اَپوترتا ڪٽ ٿي وڃي ٿي، جي وديا ناس ٿي وڃي ٿي. اُهو اِنسان پربوءَ جي جوت ۾ نواس ڪري

وڌيڪ برهما نارد کي ٻڌائي ته، جو ٻه هن مها منتر جو جاپ ڪري اُهو چئن منزلن کي پراپت ڪري ٿو:-

(۱) پهرين منزل سَلوڪتا. سلوڪتا آهي اُها منزل، جنهن منزل ۾ پربوءَ جي لوڪ ۾، ڪرشن لوڪ ۾ گهڙي ٿو.

(۲) ٻي منزل سَميپتا. سميپتا آهه پربوءَ جي نزديڪ رهڻ.

(۳) ٽين منزل سَروپتا. اُن منزل ۾ جڏهن اِنسان پهچي ٿو، سندس پربوءَ جي روپ وانگر ٿي پوي ٿو.

نوجوان هو، سندر هو. سندس مکڙو پيو چمڪندو هو. سندس اکين ۾ عجيب جوت هوندي هئي. فقط اِهو هڪ ڪم ڪندو هو، ويلو نام اُچاريندو هو. اِيندو هو، اَچي نگر ۾ پنندو هو. جيڪو ڪاڏو ڪيس ملندو هو، سو کائيندو هو. پيو وقت نام اُچارڻ ۾ گذاريندو هو. پاڻ کي سڏايائين هريداس،- هريءَ جو اِڪ نوڪر، هريءَ جو اِڪ داس.

ٿوري وقت ۾ هن پياري جي ساک پکڙجي وڃي ٿي. لوڪ چون ٿا، هي هڪ عجيب اِنسان آهي. ڪيترا هن کي سنت ڪري ليکين ٿا. پري پري کان ڪيترا هن پياري جي درشن واسطي اَچن ٿا. هن جو اَثر وڃي ٿو وڌندو.

نگر ۾ آهن ڪي حاسد، جن کي اِها ڳالھ نٿي وڻي ته هي هڪ فقير پني کائي. ڪم ڪري ڪين. هڪ هنڌ ويلو آهي. اُن جو اَثر لوڪن کي هيڏو اَچي ٿيو آھ، سهي نٿا سگهن. اُنهن مان هڪ شاهوڪار آھ. رامچندر سندس نالو: پر بادشاه کي خوش رکڻ واسطي پاڻ کي سڏائي ٿو رامچندر خان. رامچندر خان سهي نٿو سگهي. رامچندر خان جي اَندر اِير ڪا، حسد جي باه پيئي ٻري. چوي ٿو، هن کي مان ڪيرائيندس. هن بابت لوڪ پيا سمجهن، هي سنت آهي، هي ڀڳت آهي، هن جي زندگي پوتر آهي، پر مان لوڪن کي ڏيکاريندس ته هي اِنسان ڪهڙي قسم جو آھ. ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪري ٿو. هن سنت بابت گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو. هن سنت کي گاريون ڏئي ٿو. پر لوڪ ڪيس ڪوبہ ڌيان نٿا ڏين. لوڪن کي تہ خبر آهي تہ هريداس هڪ سچو ڀڳت آهي، جو هڪ هڪ کي پيو آسيس ڏئي، جنهن جي جيون نام جي پاڙ ۾ هڏل آهي.

نيٺ رامچندر خان هڪ Plan device ڪري ٿو. وئشائن وٽ وڃي ٿو. اُنهن کي چوي ٿو، توهين جيڪر منهنجي مدد ڪريو. توهين جيڪر وڃي هريداس کي ڪيرايو. مان لوڪن کي ڏيکاري سگهندس تہ هريداس اُهو پوتر اِنسان ڪين آهي، جو توهين سمجهو ٿا. وئشائون چون ٿيون، اِهو ڪم اَسين ڪين ڪنديونسين. اَسين بيشڪ ڪيترا پاپ جا ڪم ڪريون ٿيون، پر هي ڪڪرم جو ڪم ڪين ڪنديونسين. پر هڪ نوجوان وئشا، عمر ۾ ننڍي، اَتي سندر، سندس مکڙو پيو چمڪي، نازنين، اُها چوي ٿي، مان تيار آهيان. رامچندر خان چوي ٿو، مان وڏو اِنعام اُن کي ڏيندس، جو هريداس کي وڃي ڪيرائيندو. هيءَ وئشا رامچندر خان کي چوي ٿي:- ”ٽن ڏينهن جي اَندر مان پنهنجو ڪم پورو ڪري ڏيکاريندس.“ رامچندر خان ڪيس چوي ٿو:- ”تون هريداس وٽ اَڪيلي نہ وڃجانءِ. پاڻ سان پوليس وارو ولي وڃج. پوليس وارو پل لڪو ويلو هجي ۽ جنهن وقت تون هريداس کي ڪيرائين، اُن وقت سيٽي وڃائج. پوليس وارو اَچي raid handed هريداس

ڪي هن ڀڳہ ۾ ڏين ٿا.

پَدم پُراڻ ۾ ذڪر ڪيل آهہ، جو بہ نام جي اوٽ، نام جو آڌار پڪڙ
ٿو، اُهو تڪڙو ئي تڪڙو وڃي پار پهچي ٿو.

شري چئتنيہ مها پرڀو پنهنجن پيارن کي وري وري چوندو هو:- توها
جي دلين تي داغ آهن. توهان جون دليون پوتر صاف ڪين آهن. پنهنجون دليو
پوتر ڪرڻ چاهيو تہ مها منتر جو ويهي اُچارڻ ڪريو:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن ، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

مهاتما گانڌيِ پنهنجي زندگيءَ جي هڪ واقع جو ذڪر ڪري ٿو. چو
ٿو، وقت آيو، مون چيو تہ مان برهمچريہ جي زندگي رهندس. مون کي ڌرمپتني
پڻ سات ڏنو. پر چوي ٿو، ڪجھ وقت ڪانپوءِ هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو منهنج
دل جي اندر ڪام جو وڪار اُٿي ٿو. ڪيڏو نہ تکو وڪار! مان ٻيِ ڪنهن ڳا
جو ويچار ڪري نہ سگهان. سڄو وقت اِهو ڪام مون کي پڪڙي ويٺو. اُن وقت
مون رام نام جو هٿيار ڪم آندو. چوي ٿو، ويس رام نام اُچاريندو. ٽي ڏينه
۽ ٽي راتيون مون اِئين ڪيو. رات جي وقت بہ سجاڳ هوندو هوس. نام
اُچارڻ ڪندو هوس. ڏينهن جو سڄو وقت رام نام جو اُچارڻ ڪندو هوس. ٽ
ڏينهن ۽ ٽي راتيون پڌ هلي ٿي. پوءِ ڪام هارائي ٿو. اُن ڏينهن کان وٺي مو
وٽ ڪام جو وڪار ڪين آيو آهي. رام نام جي ڪيڏي نہ شڪتي آهي!

اِهو مها منتر برهما مهرشي نارد جي معرفت آسان سڀني کي ڏئي
شل اِن مها منتر جي اوٽ وٺون، آڌار پڪڙيون.

هريداس اِڪ ڪرشن ڀڳت هو. سندس جنم اوڀر بنگال جي اِڪ ڳو
۾ ٿئي ٿو. مسلم آڪهہ ۾ هي پيارو جنم وٺي ٿو. پر ننڍي هوندي کان وٺ
شري ڪرشن ڪيسِ ڇڪي ٿو. شري ڪرشن جو نام ٻڌندو هو، سندس دل اَچ
ٽپا ڏيندي هئي. اُتساهہ ۾ پرجي، ڀڳتيءَ ۾ پرجي، هيِ وريِ وريِ شريِ ڪرش
جو نام اُچاريندو هو.

"هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!"

سندس مائٽن کي اِها ڳالهہ نٿي وڻي. جت رهي ٿو، پاڙي وارن کي
ڳالهہ نٿي وڻي تہ هي مسلمان ٿي ڪري ڪرشن جو نام ٿو اُچاري. ننڍي هوند
پنهنجو ڳوٺ ڇڏي اِڪ ٻئي ڳوٺ بينا ڪول ۾، اُت پرسان هڪ جهنگ آه
اُن ۾ هڪ جهوپڙي ٺاهي اُچي رهي ٿو. سڄو ڏينهن ۽ رات جو ڪيترو وق
فقط نام ويٺو اُچاريندو هو. ٻيو ڪو ڪم هيِ پيارو ڪين ڪندو هو.

ڪر. منهنجي سامهون تون ويهي رهه. پيو نه ته رڳو تون نام جو اُچارڻ، جئن مان ڪريان ٿو، تون ويهي ٻڌ." هريداس ويٺو ڳائي:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

هيءَ وئشا ويٺي ٻڌي. رات وچي پيئي گذرندي. پرڀات آئي آهه. سج اَڃا ٿو چمڪي. وئشا ڏسي ٿي، هن جو جاپ اَڃا پورو ڪين ٿيو آهه. پر چوي ٿي، هينئر روشني اَچي ٿي آهه. هينئر وڏيڪ منهنجو هٿ وهڻ اَجايو آهه. هلي وڃي ٿي.

ويچارو رامچندر خان اُت جاڳيو ويٺو آهه. سڄي رات ڪيس ننڊ ڪين آئي آهه. وئشا ويئي آهه هريداس وٽ. ضرور ڪامياب ٿيندي. مون کي اَچي خبر ڏيندي ۽ مان هينئر ڪيس پوليس وارو ڏيندس، جنهن سان گڏجي وڃي هن سنت کي ڪيرائيندي ۽ پوليس وارو وڃي سنت کي پڪڙيندو.

وئشا اَچي ٿي. اَچي رامچندر خان سان ذڪر ڪري ٿي. چوي ٿي:-"هريداس مون کي پڪ ڏني آهي، مان توکي قبول ڪندس ضرور. پر مون کي پنهنجو جاپ ڪرڻ ڏي. مون پرڀوءَ سان اَنجام ڪيو آهه. اُهو اَنجام مون کي پورو ڪرڻ ڏي. پوءِ آزاديءَ سان توسان ويهي سگهندس. تون دل نه لاهه. مون دل ڪين لائي آهه. مان وري اَڄ رات جو ويندس. اُميد ته تيستائين سندس جاپ پورو ٿيو هوندو. پوءِ مون کي چيو اَٿس ته مان تنهنجي خواهش پوري ڪندس. منهنجي خواهش پوري ڪندو ۽ توکي اَچي مان رپورٽ ڪنديس."

ٻي رات ٿئي ٿي. سنجها جو وقت آهي. ساڳيا ڳهڻا، چمڪندڙ وستر پهري اَچي ٿي. تلسيءَ جي اَڳيان نمي ٿي. اَندر اَچي هريداس جا چرن ڇهي ٿي. ڏسي ٿي ته هريداس اَڃا پيو نام اُچاري. هريداس هن وئشا کي ڏسي ٿو. ڪيس چوي ٿو:- "تون ڀلي آئينءَ. منهنجو نام اُچارڻ اَڃا هلي پيو. پورو ٿئي. پرڀوءَ سان اَنجام ڪيو اَٿم. اِهو اَنجام پورو ٿئي. اُميد اَٿم، شايد اَڄ رات جو ئي پورو ٿي وڃي. جاپ پورو ٿئي، پوءِ ٻئي هڪ ٻئي سان ملنداسين، مزا ڪنداسين. تون رڳو هتي ويهه. مان ويٺو نام اُچاريان. تون ويٺي نام سڻ."

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

نام هلي پيو. وئشا جي دل اَندر ڪيترين اُميدون. ٻڌي پيئي نام بيشڪ: پر وري وري سندس من ڀڄڪي وڃي ٿو. هيڏا هزار رپيا مون کي ملندا. پوءِ مان هي ولنديس، هو ولنديس. تن ڏينهن ۾ مولڙون ڪين هونديون هيون، نه

کي پڪڙيندو.“ پر هيءَ وئشا چوي ٿي:- ”پل ڀرين مان پاڻ سان پوليس و
نہ ولي وڃان. پل ڀرئين ڏينهن مان پاڻ وڃي هن کي ڪيرائڻ جي ڪوش
ڪريان. جي مان هن کي ڪيرائي سگهان تہ پوءِ ٻئي ڏينهن مان پوليس وا
کي ولي ويندس.“

ٻئي ڏينهن سنجها جو وقت آهي. چمڪندڙ وستر ڀري ٿي. گهٽا ڀھ
ٿي. سونهن ۾ پيئي چمڪي. سنجها جي وقت اَچي ٿي، جنهن وقت سج
آهي ۽ اونده شروع ٿي ويئي آهہ. لوڪ سڀ پنهنجن گهرن ۾ آرامي آهن. اَڪيل
لڳي پيئي آهي. هن سنت جي جهوپڙي جهنگ ۾ هوندي هئي، جت اُن و
ڪوبہ اِيندو ڪين هو. اَڪيلائي آهہ. هيءَ وئشا اَچي ٿي. جهوپڙيءَ جي ٻاھ
آهي تلسي. تلسيءَ کي نمي ٿي. هريداس جي دل ڪيس ڪينچٽي آهہ. هريد
جا چرڻ چمي ٿي. هريداس ويٺو منتر اُچارڻ ڪري. هريداس جي زندگيءَ
اِهو قانون هوندو هو، هر روز گهٽ ۾ گهٽ لي لک پيرا نام جو جاپ ڪ
هو. هريداس اُن وقت ويٺو نام جو جاپ ڪري. هن جا چرن وئشا اَچي
ٿي. ڏسي ٿي، هريداس ڌيان نٿو ڏئي. چانئٺ تي وڃي وهي ٿي. پنهنجا
هيٺ مٿي ڪري ٿي. پنهنجا انگ ننگا ڪري ٿي. هريداس کي لالچائڻ
ڪوشش ڪري ٿي. پر هريداس ڌيان نٿو ڏي. هريداس پنهنجي نام جپڻ
مشغول آهي:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

هريداس ويٺو نام جپي. نيٺ وئشا اَچي ٿي سندس اَڳيان ٻيهي. ڪ
چوي ٿي:- ” اَءِ ڪرشن جا پيارا! تون ڪيڏو نہ سھڻو آهين! تنهنجو مکڙو ڪ
نہ سندر آهہ! تنهنجون اَکيون ڪهڙيون نہ مٺيون آهن! مون توکي ڏٺو آهہ،
توتي عاشق ٿي پيئي آهيان. مان سمجهان ٿي ، ڪابہ اِستري توکي ڏسن
ضرور توتي موهت ٿيندي. مان تہ توتي عاشق ٿي پيئي آهيان. مان توکا
جي نٿي سگهان. مون کي تون قبول ڪر! جي تون مون کي قبول نہ ڪ
تہ مان وڌيڪ زنده رهي ڪين سگهنديس. قياس ڪر مون تي: تون مونکي
ڪر!“

تڏهن هريداس ڪيس چوي ٿو:- ”مان توکي قبول ڪندس، اِن جي
پڪ ڄاڻ: تون ٿورو صبر ڌار. منهنجو جاپ هلي پيو. پريوءَ سان منهنجوا
آهہ. اُهو اَنجام مان پورو ڪريان. منهنجو جاپ پورو ٿئي، پوءِ اَسين ٻئي م
ڪنداسين. مان توکي قبول ڪندس ضرور. اِها تون پڪ ڄاڻ. تون رڳو هڪ

ڪيا آهن. اُنهن سڀني پاپن جي مان معافي گهران ٿي.

تڏهن هي سنت ڪيس چوي ٿو:-”هڪ هڪ واسطي اُميد آهه. ڀل ڪوبه پاپي هجي، دراچاري هجي، اَتياچاري هجي، هڪ هڪ واسطي اُميد آهه، جي هوُ نام جي اوٽ، نام جي شرن پڪڙي ٿو. تون وڃ. جيڪي پاپ جي ڏنڊي مان پئسا تو ڪمايا آهن، اُهي دکين دردرن، اَپنگن، handicapped, disabled، سنتن سادن جي شيوا ۾ سڀ پئسا خرچ ڪري تون اَچي هن جهوپڙيءَ ۾ رهه. ۽ نام جي اوٽ ، نام جي شرن اَچي وٺ. تون به سولائيءَ سان ڀوساگر پار ڪري هلي ڪرشن لوڪ ۾ پهچندينءَ!“

اِئين وئشا ڪري ٿي. رامچندر خان وٽ هينئر ڪونه ٿي وڃي. وڃي سڀ پنهنجا پئسا خرچ ڪري ٿي. پنهنجو مٿو ڪوُرائي اَچي ٿي. اِستريءَ جي ڪيتري سونهن وارن ۾ ٿيندي آهي. چوي ٿي، هيءَ سونهن مان ڇا ڪنديس؟ پنهنجا وار ڪوُرائي ٿي. سادا وستر پهري اَچي ٿي. سنت هريداس ڪيس initiate ڪري ٿو اِن منتر ۾:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

ڪيس معنيٰ ٻڌائي ٿو. ”هري“ معنيٰ جو هرڻ ڪري، جو اَسان کان ڪسي ولي. ڇا ڪسي ولي؟ سڀ وڪار، ترشنائون. ”هري رام“: رام اُهو، جو هرهنڌ رمي رهيو آهه. ڪوني ڪوني ۾، ڪنڊ ڪنڊ ۾ رمي رهيو آهه. جت ڪت حاضر آهه.”هري ڪرشن“: ڪرشن اُهو، جنهن کي آڪرشن شڪتي، ڇڪڻ جي شڪتي آهه. اُهو جو هرهنڌ حاضر ناظر آهه، اُهو جو اَسان جا پاپ، وڪار ۽ ترشنائون ڪسي ٿو، ناس ڪري ٿو، اُهو اَسان کي پيو ڇڪي. هن وقت اَسين سندس ڇڪ محسوس نٿا ڪريون، ڇو ته مٽيءَ جي تهن ۾ ويڙهيل آهيون. جي ڪا سئي مٽيءَ جي تهن ۾ ويڙهيل هوندي آهه، چقمق اُن کي ڇڪي ڪين سگهندو آهي. مٽي ٿوري پري ڪريو، يڪدم سئي چقمق وٽ ڇڪجي ايندي. شري ڪرشن پيو اَسان کي ڇڪي. پر هن وقت اَسين ڇڪ محسوس نٿا ڪريون. مٽي دور ڪريون، اَپوترتا کان پري رهون. اِنڪري ٻيو ڪجهه ڪين ڪريون. فقط وٺي نام اُچاريون.

هريداس پنهنجي جهوپڙي هن ٻالڪيءَ کي ڏيئي وڃي ٿو. چويس ٿو:-”مان ٿي ڏينهن اَڳ وڃڻو هوس. پر تنهنجي صدقي ٽي ڏينهن مان هتي رهيو آهيان. هيءَ جهوپڙي تنهنجي آهه. تون گهٽ ۾ گهٽ ٽي لک ڀيرا روز جاپ ڪج. ٻيِي ڪائنج، جيڪي توکي ملي. ڪڏهن ڪڏهن ورت رکج. سادي ڪاڏي ڪائڻ سان،

ته چوي ها:- مان، هينئر جيڪا نئين موٽر ڪار ۱۱۸ نڪتي آهه، اُها ولنديس. اَهڙيءَ طرح ڪيترا سپنا هن جي اَندر اَچن ٿا. پر وري وري سندس ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو. هريداس ويلو نام اُچاري. هيءَ وئشا چوي ٿي، اَجا ٽڪجي نٿو. اَجا هن جو جاپ پورو نٿو ٿئي، جو اَنجام هن ڪيو آهي.

بيو صبوح ٿئي ٿو. دلگير ٿي اُٿي ٿي. هريداس جي چرنن ۾ سِر جهڪائي ٿي. هريداس کيس چوي ٿو:- ”تون دلگير نه ٿي. مون پڪي سمجهيو ته اَڄ رات جو ئي منهنجو جاپ پورو ٿيندو. مون پريوءَ سان اَنجام ڪيو آهي ته هن مهني جي اَندر مان ڪروڙ ڀيرا نام جپيندس. مون پڪي سمجهيو، اَڄ رات جو ضرور ڪروڙ اَچي پورو ٿيندو، پر اَجا پورو ڪين ٿيو آهه. مون کي اُميد آهه ته اَڄ رات جو ضرور پورو ٿيندو. تون ضرور اَچجانءِ. پوءِ اَسين هڪ ٻئي کي ملنداسين. اُن جي تون ڪابه چنتا نه ڪج.“

هيءَ جا دلگير هئي، اُن جي اَندر هينئر اُميد اُٿي ٿي. رامچندر خان وٽ اَچي ٿي. هيءَ رات هن ويچاري جاڳندي گذاري آهه. بستري ۾ پيو Turn & toss ڪري. وئشا اَچي ساڻس ذڪر ڪري ٿي. نا اُميد ٿئي ٿو. پر وئشا کي چوي ٿو:- ”منهنجي اُميد تو ۾ آهه. تو اَنجام ڪيو هو، لن ڏينهن اَندر منهنجو ڪم ڪنديءَ. ٽين رات شروع ٿئي ٿي. ڏسجانءِ 'You do not fail me'

ٽينءَ رات وري به چمڪندڙ وستر پهري، وڏا perfumes هڻي اَچي ٿي. تلسيءَ اَڳيان سِر جهڪائي ٿي. تلسيداس اڳيان سر جهڪائي ٿي. ڏسي ٿي، منتر جو جاپ پيو هلي. اَچي چائنٽ تي وهي ٿي. ٻڌي ٿي. ڪيترا ڀيرا منتر ٻڌي اَٿائين. سندس دل تي ڪجهه اَثر ضرور ٿيو آهي. • اَڄ رات جو کيس اِها پريرنا پوي ٿي، هي ويلو ڳائي، مان به ڇو نه ڳايان؟ ڳائڻ ۾ هوشيار هئي. سندس آواز رسيلو هو. سندس آواز ۾ ڇڪ هئي. ڳائيندي هئي، ٻاڻ کي وساري ڇڏيندي هئي. جئن هريداس ويلو ڳائي، هيءَ به ڳائڻ شروع ڪري ٿي:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن ، ڪرشن ڪرشن هري هري!

ڳائي ٿي. عجب اِسرار: ڳائڻ سان سندس هردو وڃي پيو وڏيڪ وڏيڪ شڌ ٿيندو. هينئر اَچي سنت جي چرنن ۾ ڪِري ٿي. روئي ٿي. ٻاسي ٿي. سندس کي ٻڌائي ٿي ته کهڙي پاونا سان تو وٽ آيس. ڇو ته رامچندر خان مون کي چيو، مان توکي وڏو اِنعام ڏيندس، جي تون هن کي وڃي ڪيرائينديءَ. اِ پاونا سان مان تو وٽ آيس. توکي ڪيرائڻ آيس. پر مان ڏسان ٿي، تو مو کي چاڙهي ڇڏيو آهي. منهنجي سُرت تو چاڙهي ڇڏي آهه. ڪيڏا نه پاپ مو

اَلپ مارگ

دادا:- اَڄ جو ويچار آهي هڪ اکر ۾:-
”اَلپ!“

پياري دادا(ساڌو واسواڻيءَ) کان هڪ ڏينهن پڇيوسين سوال:- ”دادا! ڪيترائي مارگ آهن، ڪيترائي رستا، جي اَسانکي پريوءَ ڏي وٺي هلن ٿا. توهانجو رستو ڪهڙو؟ ڪرم مارگ آهي توهانجو؟ ڪرم يوگ جو رستو؟ گيان مارگ جو رستو؟ ڀڳتي يوگ جو رستو؟ راڄ يوگ جو رستو؟ ٻيا ڪيترا مارگ،-پرڪرتي مارگ، نام مارگ،-نام جو رستو؟“

تڏهن پياري دادا جواب ڏنو:- منهنجو رستو آهي”اَلپ مارگ!“ ”اَلپ“ معنيٰ ”ننڍو.“ پياري دادا چيو:- ”منهنجو مارگ آهي ننڍي ٿيڻ جو رستو. ننڍا ٿيو! ننڍا ٿيو! ننڍا ٿيو! پريوءَ کي وڏا ڪم ڪين کپن. ڪيڏا نہ وڏا ڪم ڪيترا ماڻهو ڪن ٿا. وڃن ٻيا ڪم کي وڌائيندا.“ پريو چوي ٿو:- ”مونکي توهين ننڍڙا ڪم ڏيو، جنهنيم توهين پنهنجي دل جو پيار، دل جو پريم، دل جي ڀڳتي، دل جي شرڌا وجهي ڏيو.“ پياري دادا چيو:- ”اِهي ننڍڙا ننڍڙا ڪم، ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون پياري پريوءَ جي چرنن ۾ رکو، پريوءَ کي قبول آهن.“ پريو چوي ٿو:- ”مونکي اُهي وڏين ڳالهين کان وڌيڪ قبول آهن.“

شريمد ڀڳوت گيتا ۾ هڪ شلوڪ آهي:- ”پترم، پشپم، ڦلم، تويم!“ شري ڪرشن چوي ٿو:- ”اِڪ پتو، اِڪ پشپ، اِڪ ڦل، اِڪ پاڻيءَ جو ڦڙو يا پاڻيءَ جو چُڪو تون مونکي ڀڳتيءَ ۾ ڏي، سڪ ۾ ڏي، پريم ۾ ڏي، مونکي قبول آهي! منهنجي لاءِ اُهو وڏين ڳالهين کان وڌيڪ آهي. اِهو آهي”اَلپ مارگ.“

هڪ ڏاڍي ملي ڳالهہ هڏايل آهي. پريوءَ جي دربار جي ٻاهران هڪ فرشتو بيٺو آهي. ماڻهو اَچن ٿا. اَچي ڪيس چونٿا:- ”اسانکي اَندر وڃڻ ڏي.“ فرشتو چوين ٿو:- ”خبر ڪريو، توهان ڇا ڪيو آهه، جو توهانکي مان اَندر وڃڻ ڏيان؟توهان کي مانکہ جنم مليو، اُهو جنم توهان ڪهڙين ڳالهين ۾ خرچ ڪيو؟“ ”هيري جهڙا جنم اَمولڪ، هاٿ نہ آويءَ پياري!“ اِئين چوي ٿو پيارو دادا پنهنجي ٻاڻيءَ

سادي وستر پهرڻ سان، تون پنهنجي اِندرين تي ضابطو رکي سگهندينءَ، تنهنجي جيون نئين ڦيندي. نئين تہ تون اَڳيئي ٿي ويئي آهين. ڪرشن توکي قبول ڪيو آهہ. مان تہ ڪرشن جو داس آهيان. مون توکي اَنجام ڏنو ، مان توکي قبول ڪندس ضرور. رڳو ترس. مون توکي قبول ڪيو آهہ. ڪرشن توکي قبول ڪيو آهہ. هينئر تون پنهنجي نئين زندگي شروع ڪر.“

هريداس اِن ڳوٺ مان گم ٿي وڃي ٿو. جڏهن تہ پنهنجي شڪتي هن ٻالڪيءَ ۾ وجهي وڃي ٿو. ٿوري وقت ۾ هن ٻالڪيءَ جي جيون عجيب ٿي پوي ٿي. لوڪ چون ٿا:- ”هيءَ تہ سنتياڻي آهہ.“ پري پري کان لوڪ هن سنتياڻيءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائڻ ۽ آسيس پنڻ لاءِ ايندا هئا.

پل وڌيڪ اَچ توهان کي نہ ترسايان. گهڻو وقت توهان کي ترسايو اَٿم. ڪريا ڪري ڪميا ڪندا. پر مون پاڻ اِئين پئي سمجهيو، جڻ هريداس جي جهوپڙيءَ ٻاهران بيٺو آهيان. هريداس جي جهوپڙي، اُن ڪرشن ڀڳت جي جهوپڙي، هن ٻالڪيءَ جي جهوپڙي، جا سنتياڻي ٿي پوي ٿي، جنهن جي چرنن ۾ مون وري وري سِر جهڪايو آهہ. اَڄو تہ سڀني ڪرشن ڀڳتن جي چرنن ۾ سِر جهڪايون. سنڌي جيون مان اِهو هڪ گڻ کڻون. پنهنجا ڪم ڪاريون ڪريون، ڪندا رهون، پنهنجا فرض پالن ڪندا رهون، پر وري وري وقت بچائي هڪ منٽ، ٻہ منٽ بچائي، دل جي اَندر اِهو مها منتر اُچاريون. سويل صبوح جو اُٿي، ٿورو وقت بچائي، سانت ۾ ويهي، ٻيو ڪجهہ نہ ڪريون، فقط ويهي نام اُچاريون:-

هري رام، هري رام، رام رام هري هري !
هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

(پونا: ١٢-٨-٩٠)

تون سڀ ڪجهہ سائين، مان ڪجهہ ڪين آهيان:
اَٿم پياس، پريتم! اَچي توکي پايان!

بچائيندو. جيئن ڪجهه ڪلو ٿيندو هو، ويندو هوس اَڪثر ڪري ٺڪرين تي مندر ٺهرائيندو، پهرين ٺڪري ڳوليِ اِيندو هوس ، پوءِ پئسا ڪٺا ڪندو هوس. پاٺوت پئسا ڪونہ رکندو هوس. ويندو هوس مندر ٺهرائيندو ،- سنگمرمر جا مندر،- ڪنهن ۾ لڪشميءَ جو پتلو، ڪنهن ۾ سرسوتيءَ جو پتلو، ڪنهن ۾ شري ڪرشن جي مورتي رکندو هوس. مون پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪونہ رکيو. ويس مندر ٺهرائيندو. مون ڪي نہ اَچڻ ڏيندين تہ ڪنهن کي اَچڻ ڏيندين؟ هي بہ تہ مندر آهي پرڀوءَ جو. مون هيڏا مندر ٺهرايا پرڀوءَ جا ، مونکي تہ اَچڻ ڏي اَندر". فرشتو چويس ٿو:- "ترس، پڇا ڪريون."

اَهڙيءَ طرح هڪ ٻئي پٺيان هڪ هڪ اَچي ٿو: اَچي پنهنجو پنهنجو ٻڌائي ٿو. ڪنهن اِسپتالون ٺهرايون هُيون، ڪنهن مندر ٺهرايا هُئا. سڀني کي چون ٿا:-"ترسو، ترسو."

هڪ ماٺهو ڏٺائون بيٺو هو ڪنڊ ۾. ويٺي گفتگو ٻڌائين. فرشتو چويس ٿو:- "تون اَچا آيو ڪين آهين ؟ تو ٻڌايو ڪونہ آهي تہ تو ڇا ڪيو آهي؟" هي چوي ٿو:- "مون تہ ڪجهه ڪيوئي ڪونهي. ڪجهه ڪيو هجيم تہ ٻڌايان. هنن جا هيڏا ڪم، اُهي موليِ ويا. مان اُنهن جي اَڳيان ڪهڙي چيز آهيان؟ مان تہ اِڪ واڍو هوس. ڏينهن جو ڪم تي ويندو هوس. وات تي اِڪ ڪُٽيا هئي، جنهن ۾ اِڪ سورداس وڏوا رهندي هئي. ڏسي ڪونہ سگهندي هئي. مان شام جو اُتان لنگهندو هوس. ٻهاري ڪٽي سندس ڪُٽيا جي صفائي ڪندو هوس. مٽڪي ڪٽي وڃي پاڻي ڀري اِيندو هوس. هن لاءِ ڀاڄي رڌي، ماني پچائي ڪيس ڏيندو هوس تہ تون کائجانءِ. دوا درمل يا ٻيو ڪجهه کپندو هوس تہ ڪيس وٺي ڏيندو هوس. اِهو ڪم ڪري پوءِ مان پنهنجي ڪم تي ويندو هوس. ٻيو تہ ڪجهه مون ڪيو ئي ڪونهي. مان ڪيئن هام هڻان تہ مونکي اَندر اَچڻ ڏيو. جڏهن مندرن وارا، اِسڪولن وارا، پالن وارا، اُپديشن وارا سڀ موليِ ويا. مان اُنهن جي اَڳيان ڇا آهيان؟" فرشتو چوي ٿو:- "دروازو کوليو. هنکي اَندر اَچڻ ڏيو". پڇائونس:-"ڇو؟" فرشتو چوي ٿو:- "هن اَلپ مارگ ۾ پنڌ ڪيو . هنجي جيون هئي اَلپ مارگ جي جيون. هن جيڪي ڪيو، ڪيائين پرڀوءَ کي اَرپڻ. پنهنجي واسطي ڪجهه ڪين گهريائين. نڪي مان شان، نڪي پئسو پدارٿ، نڪي وڏائي، ڪجهه ڪين گهريائين. ڪرشن اَرپڻ! ڪرشن اَرپڻ! ڌرم، ڀشپم، قلم، توبم! ڪرشن اَرپڻ! ڪرشن اَرپڻ!" سڀني کي عجب لڳو! اَسان هيڏا ڪم ڪيا، اَسانکي اَچڻ نہ ڏنائون.

پياري دادا چيو تہ اِهو بہ هڪ مارگ آهي "اَلپ مارگ." ننڍڙيون ننڍڙيون

۾. هي مانڪ جنم سولو هٿ نٿو اَچي. اَهڙو اَمولڪ جنم تو کهڙين ڳالهين
پٺيان وڃي ڦٽو ڪيو؟ فرشتو چوڻ لڳو:- ”توهان ڇا ڪيو آهه؟“ پهرين هڪ
اَچي لڳو. چوڻ لڳو:- ”مون کي ننڍي هوندي سيکاريو ويو ته جيون ۾ جيڪي
اَٿيئي، سو اَٿيئي تپسيا. اَهڙو تپسوي ٿي ويس، وڻن ۾ پاڻ کي اُبتو ڪري
لٽڪيندو هوس. ڪيترا ڪيترا ڏينهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ هٿ کين لائيندو هوس. مون
ورت رکيا. نيم پالن ڪيا. مون وڏيون تپسيائون ڪيون. مونکي ڪيئن نه اَند
اَچڻ ڏيندين؟“ فرشتو چوڻ لڳو:- ”پيارا! ترس، اَسانکي پُڇا ڪرڻي پوندي.
تپسيائون بيشڪ ڪيون، پر پهرين پڪ ڪريون ته توکي اِنجو اُجُرو اَڳيئي مليو
چڪو آهه، لوڪن تنهنجي واه واه ڪئي آهه.“ اَڪثر ڪري تپسوي اِيندا آهن
لوڪ ڏسي ڏاڍي عجب ۾ پئجي ويندا آهن. چوندا آهن، هنجي ڪيڏي
تپسيا آهي. هي ڪيڏو نه تپسوي آهي. واه واه پيا ڪندا آهن. پوءِ واه واه پڌرو
سان ڪيترا پيرا اِنسان جي اَندر آيو، اَيمان اَچي لڳو وڃي. فرشتو چويس لڳو:- ”ترس
پڇا ڪريون، تو تنهنجي پاڻا سان تپسيا ڪئي.“

ٻيو اَچي لڳو. چوڻ لڳو: ”مونکي ڪيئن نه اَچڻ ڏيندين؟“ فرشتو چويس
لڳو:- ”تون خبر ڪر، تو ڇا ڪيو؟“ چوڻ لڳو:- ”مان پاٺ ايڏا ڪندو هوس
هڪ پاٺ گيتا جو پورو ڪيندو هو. ٻيو شروع ڪندو هوس. ٻيو پورو ڪيندو هو، ٽيو
شروع ڪندو هوس. ٽيون پورو ڪيندو هو، چوٿون شروع ڪندو هوس. هزارن
مون اَڻَڳڻي ڪيترا گيتا جا پاٺ ڪيا هوندا. مونکي نه اَچڻ ڏيندين ته ڪنهنکي
اَچڻ ڏيندين؟“ فرشتو چويس لڳو:- ”تون ترس، ايڏا پاٺ تو ڪيا. پوءِ اُنهن پاٺ
جو توکي اُتيئي ته اُجورو ڪين مليو؟ لوڪن تنهنجي واه واه ڪئي ڇا؟
اَسين هڪ پاٺ مهني ۾ ڪريون ته به وڏي ڳالهه. هي هيڏا پاٺ ٿو ڪري، هنجي
ضرور واه واه ڪئي هوندائون.

ٽيون اَچي لڳو: چوڻ لڳو:- ”مونکي اَچڻ ڏيو.“ فرشتو چويس لڳو:- ”ٻڌا
تو ڇا ڪيو آهي؟“ چوڻ لڳو:-”مان رامايڻ ۽ ڀاڳوت تي اُپديش ڏيندو هوس
منهنجي زبان ۾ ايڏي شيرين هئي، ايڏو ميٺاج جو نه فقط سوَن، نه فقط هزارن
پر لکن جي تعداد ۾ روز روز رات جو لوڪ ٻڌڻ اِيندا هئا. ايترن کي
پرڀوءَ جو پيغام ٻڌايو آهي. مون کي نه اَچڻ ڏيندين ته ڪنهنکي اَچڻ ڏيندين
فرشتو چويس لڳو:- ”تو پاڻ ڇيو ته لکاه ماڻهو اِيندا هئا. پهرين پڇا ڪريون
اِنهن لکن ماڻهن تنهنجي واه واه ڪئي؟ توکي اُتيئي اُجورو ڏيئي ڇڏيائون
تنهنجو اَڃا ڪجهه رهيل آهي، جو توکي اَندر اَچڻ ڏيون.“

چوٿون اَچي لڳو: چوڻ لڳو:-”منهنجي ڪمائي ٿيندي هئي: ويندو هو

اِهي راڄ ڀاڳ ڇا ڪندس؟ مون تہ ڪيو ڪرشن اَرپنم! ڪرشن اَرپنم! جڳ ملي، اُها بہ اُن ڏني. منهنجي ڪري سڀ ڪونہ ٿي. سڀ اِنڪري مليِ جو ڪرشن جي ڪرپا ٿي! ڪرشن جي اِڇا ٿي! پوءِ پياري دادا هڪ ڏاڍي مٺي ست ڇئي، جا اَڃا تائين ياد اَٿم. سالن جي ڳالهہ آهي. اَلائي ڪيترا سال اَڳ، پياري دادا هيءَ ڳالهہ ٻڌائي. پياري دادا اَسان کي چيو:-

'Li stepped into a boat and was heard of no more.'

"ٻيڙيءَ ۾ هليو ويو. ڪيڏانهن ويو؟ ڪنهنکي خبر بہ ڪونہ پيئي." اَهڙا بہ اِنسان آهن. اِهي آهن اَلپ مارگي. ڪڏهين ڪڏهين اِنهن اَلپ مارگين کي پڙهو ڪوٺي ٿو. چوي ٿو:- اَچو، اَچي نيتا ٿيو، اَڳواڻي ڪريو: پر اُنهنجي دل اَندر اَلپ مارگ! ڪم پورو ٿيندو: پوءِ پاڻ گم ٿي ويندا.

When the work is done, the worker withdraws.

مهاتما گانڌي اَهڙو اِنسان هو. بيشڪ، سندس ڪيڏو نہ مان شان هو. لوڪ ڪيئن نہ ڪيس ٻڌندا هئا، پر سندس دل اَندر اَلپ مارگ.

هڪڙو Earl ولايت ۾ هو، جنهن بابت مون پڙهيو. Earl ولايت ۾ تمام شاهوڪار ۽ وڏي ڪُل جا ڪري ليکبا هئا. هي Earl اِسٽيشن تي هڪ ڏينهن ريلوي پليٽفارم تي سادي پوشاڪ ۾ بيٺو هو. هونئن Earl رواجي طرح سوٽ بوٽ، نيڪ ٽاءِ پائي نڪرندا آهن. پر هي هڪ ڏينهن سادي پوشاڪ ۾ اِسٽيشن تي بيٺو هو. ٽرين اَچي بيٺي. اِن ٽرين مان هڪ مائي لٿي، جنهنکي وڏي ٽرنڪ هئي. پورٽر (Porter) کي چيائين تہ مونکي فلاڻي Earl گهرايو آهي. مونکي نوڪري ڏني اَٿائين. مونکي جيڪر اُت پهچائين". پورٽر چيس تہ" اُهو گهر تہ ڇگو پري آهي ۽ مان توکان پنج شلنگ وٺندس." هن مائيءَ چيو تہ "مونکي فقط هِڪ شلنگ آهي. مان ڇا ڪريان؟" ويچاري منجهي بيهي رهي.

هن Earl اِهو ٻڌي ورتو. هن مائيءَ کي خبر ڪين تہ مان اُن Earl وٽ ٿي ٿي وڃان. هي Earl ويو مائيءَ وٽ : چيائينس:- "مان توکي مدد ڪري سگهان ٿو؟" مائيءَ ٻڌايس تہ منهنجي هيءَ تڪليف آهہ. Earl چيس:- "اِهو سامان مونکي ڏي. مان ٿو هلي توکي پهچايان." هي Earl جو پاڻ تمام وڏو ماڻهو هوندو هو، اِها وڏي ٽرنڪ پنهنجي سِر تي رکي هِن مائيءَ کي وٺي اَچي و ۽ چيس ٿو تہ "هي آهي Earl Castle ۽ هي آهن Servant Quarters. ٻئي ينهن صبوح جو هيءَ مائي اَچي ڏسي ٿي تہ هي ماڻهو تہ ساڳيو آهي. شايد Ear جو نوڪر آهي يا ڇا؟ پوءِ جڏهن هن کي خبر پوي ٿي تہ هي اُهو Earl آهي ڻ، ڏسو ها، روئي جو روئي، هنجي چرنن تي ڪِري پيئي. چيائيس:- "مونکي

ڳالهيون ڪريو. ننڍڙا ٿيو. وڏين ڳالهين جي پٺيان ڊوڙون نه پايو. وڏا ماڻهو ڪيترائي
آهن، اُهي ويٺا وڏيون ڳالهيون ڪن. اَسين ڪريون ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون
ٻچڪڙيون ڳالهيون، جيڪي ڪير ڏسيئي نه.
هڪڙو ماڻهو هوندو هو. صبوح جو نڪرندو هو پاڻ سان هڪ ننڍڙي ڳوٿڙي
کڻي، جنهن ۾ مشتي پيئي هوندي هئي. مشتي ٿيندي آهي کنڊ وانگر،
وانگر. ڪو وڻ ڏسندو هو. اُنجي ڏاڙ ۾ وجهي ڇڏيندو هو. ڪيليون اَچي کائيندي
هيون. چوندو هو:- ”ڪرشن! اِهي ڪيليون به ته تنهنجو روپ آهن. منهنجي
دل جو پيار ڪيليون توکي اَچي پهچائينديون.“
ٻيو هڪ ماڻهو هوندو هو. ڪُتن لاءِ روٽيون پچائي کڻي ويندو هو. ڪ
ڪتو ڏسندو هو، ويچارا ڪتا ڪيترا بکايل ٿين ٿا، چوندو هو:- ”ڪتي ۽ چاندا
۾، هاٿيءَ ۽ ڳئوءَ ۾، براهمڻ ۾ هڪ ڪرشن جو روپ آهه. شري ڀڳوان ڳ
۾ چيو آهي:- ”سڀني ۾ تون پيو وسين!“ منهنجا ڪرشن! منهنجي ننڍڙي پ
تون قبول ڪجانءِ!
پياري دادا هڪ ڏينهن اَسان سان ذڪر ڪيو هڪ Chinese Patriot جو، اُن
نالو هو ”لي“ (Li). لِي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندو هو. پنهنجو ڪم ڪندو هو.
بابت لوڪن کي ڏاڍو سٺو اَثر هوندو هو ته هي سچو اِنسان آهي. لوڪ چون
هئا ته ٻيا راڄنيتي ماڻهو ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪن ٿا، پر اُنهن ۾ سچائي ڪونهي
هن ماڻهوءَ ۾ سچائي آهي. هڪ ڏينهن هنجي ملڪ تي هڪ وڏو لشڪر ڪ
ڪري اَچي ٿو. بادشاهه کي صلاح ڏين ٿا ته ”جي ڪير بچائيندو ته هي
بچائيندو. اِن لِي کي تون چئه. اِن لِي کي فوج جو ڪپتان ڪري رکنديں
سڀ ماڻهو هن سان شامل ٿيندا ۽ اُتساهه سان دشمن کي منهن ڏيندا.“ بادش
لِي کي فوج جو ڪپتان ڪري ٿو. لِي چوي ٿو:- ”مان حاضر آهيان. جي مل
جي شيوا ٿي سگهي ته ڏاڍو سٺو.“ لِي لشڪر وٺي هلي ٿو. لِي جي پٺيان س
لوڪ. چون ٿا، جي لِي اَسان سان آهي ته اَسين هلنداسين. ٿوري ئي وقت
جيڪو لشڪر ڪاهي آيو، تنهنکي شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيائون. لِي وري مو
پنهنجي ڳوٺ وڃي ٿو. بادشاهه لِي کي چوائي موڪلي ٿو:- ”هاڻ تون هِت راڄڌان
۾ اَچ ته تنهنجو اَسين شان ڪريون ۽ مان توکي پنهنجو اَڌ راڄ ڏيندس.
سڄي ملڪ کي بچايو آهي. سچ پڇ ڏيڻ ته سڄو ئي ملڪ ڪپيم. پر مون
به ڪجهه لوڀ پيو آهي. اِنڪري اَڌ مان پنهنجي لاءِ رکان ٿو، اَڌ مان تو
ڏيندس، تون اَچي اِهو اَڌ راڄ وٺ.“ چون ٿا، لِي راجا کي چوائي موڪ
ٿو:- ”راجن! منهنجو ڪم پورو ٿيو. هينئر منهنجي وڏيڪ ضرورت ڪينهي.

ڪروڙپتي آهي. سمجهو ڪنهن جي عمر ۴۵ سال ته ۴۵ ڪروڙ اَکر ڳالهائي چڪو آهي. سمجهو ڪنهن جي عمر ۵۸ سال ته ۵۸ ڪروڙ اَکر ته ڳالهائي چڪو آهي.

شري اِيشا هڪ موقعي تي چيو:- ”توکي فقط حساب اُنهن اکرن جو نه ڏيڻو پوندو، جيڪي ڪوڙا اَکر آهن، جنهن ۾ تو ٻين کي رنجايو آهي يا جن اَکرن دئاران تو ٻين کي ٺڳيو آهي يا جن اَکرن دئاران تو ٻين کي تڪليف پهچائي آهي، پر هڪ هڪ اَکر جيڪو تو اَجايو ڳالهايو، اُنجو به توکي حساب ڏيڻو پوندو.“ هاڻ، اَسان جا اَجايا اَکر ڪيترا نه هوندا. لَيه هزار اَکر جي ڳالهايون ٿا، سجايا لَيه ٿيا ته به وڏي ڳالهه ٿي. تنهن جي معنيٰ ۲۹ هزار ۹ سؤ ستر اَجايا اَکر تن جو روز روز اَسان کي حساب ڏيڻو پوندو. اِن ڪري ستپرڪ چوندا آهن ته جيڪو به اَکر ڳالهايو، پهرين جيڪر پاڻ کان پڇو:- ”ضروري آهي؟“

مان پنهنجي آزمودي مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته ڪيترا آکر چوڻ چاهيندس، پوءِ پهرين پاڻ کان پڇندو آهيان ته ”ضروري آهي ڇا؟ ضروري ته آهي ڪونه؟ پوءِ ڇو ٿو ڳالهائين پيارا؟ اَجائي پنهنجي شڪتي ڇو ٿو وڃائين؟“ هڪ هڪ اَکر جيڪو مان ڳالهايان ٿو، مان پنهنجي شڪتي وڃائو وڃايان. ڇا جي لاءِ ٿو وڃائين؟ اُها شڪتي تون اُلٽي ڪر. اَندر موڪل ته ڪٽي جيڪر وڃي پهچين. اِهي لَيه هزار اَکر اَسان مان هڪ هڪ واسطي هوائي جهاز ٿي سگهن ٿا، جنهن هوائي جهاز ۾ چڙهي اَسين چداڪاش ۾ پهچي سگهون ٿا. پر اَسين پنهنجي شڪتي وِيئا وڃايون، وِيئا ظايع ڪريون.

سنت روچلداس، اُنجي ڪٽيا ۾ جيڪر توهين وڃو ها، اَجا تائين مان سمجهان ٿو اُلهاس نگر ۾ قائم رکي اَٿن. مان سنڌ جي ٿو ڳالهه ڪريان. سنڌ ۾ سندس ڪٽيا هوندي هئي. گهڙبو ھو، سامهون پٽي لڳل پيئي هوندي هئي، ننڍڙي پٽي، جنهن تي هي اَکر لکيل هوندا هئا:- ”جهبا روڪو، ديد لڳائو!“ پنهنجي زبان کي تون پڪڙ، زبان کي قبضي ۾ رک. اَسان جي زبان پيئي لَڙ لڙ ڪري. ڪتي جي زبان توهان ڏٺي آهه. ڪتو هئي ڪتي کي ڏسندو آهي، ڪدم ڀئونڪڻ شروع ڪندو آهي، پوءِ زبان لَڙ لَڙ ڪندي اَٿس. ته جيئن ڪتي جي زبان، تيئن اَسان جي زبان به سڄو وقت لَڙ لَڙ پيئي ڪري. ”جهبا روڪو، ديد لڳائو.“ اُها شڪتي تون بچائي، پنهنجون اَکيون، پنهنجي نظر محبوب جي صورت ۾ کپاءِ، ديد لڳاءِ. اَهڙي حالت ڪر جو جتي نهارين، اُتي تون پنهنجو محبوب، پنهنجو پريتم، پنهنجو گرديو، پنهنجو مرشد، پنهنجو اِشٽ ديو پيو پسين.

پياري دادا چيو:- پهريون ٻئي پهريون قانون آهي ”اَلپ ٻولڻ.“ اِهو هڪڙو ڏن توهين ڪريو. مان جيڪر وڏيڪ اَوهانکي ڪجهه نه چوان. توهين اِڳو اِها

معافي ڏي". Earl چيس:-"معافي ڇا جي؟ اِهو تہ منهنجو فرض هو. هي
تون هئينءَ، پر جي ٻي ڪا هجي ها، مان اُن کي بہ مدد ڪريان ها!"

اَلپ مارگ: ننڍڙو مارگ! پياري دادا هڪ موقعي تي ڪراچيءَ ۾ اَسان
سري جپ صاحب تي اُپديش ڏنا. اِهي اُپديش ڪتا ڇپيل آهن ٿن lumes
۾. هڪ هڪ ٽُڪَ ڪٽي پياري دادا ڏاڍي عجيب نموني سمجهائي آهي. جڏ
اِها ٽُڪ اَچي ٿي:- "اَمرت ويلا سچ نانءُ، وڏيائي ويچار!" پياري دادا چيو
"اَمرت ويلي جو اُٿي ستنام اُچاريو ۽ پرڀوءَ جي وڏيائيءَ جو ويچار ڪريو." پ
جي وڏيائي ڇا ۾ آهي؟ پرڀوءَ جي وڏيائي دنيا جي وڏائي ڪونهي. پرڀوءَ
وڏائي آهي، پريو ڪڏهن نہ نماڻو ٿي اَچي ٿو! اَچي اَسانجي شيوا ڪري
پريو جو پاڻ مالڪ آهي، The Creator of the Universe ڪرتا پرک، اُهو
اَچي اَسانجي شيوا ڪري ٿو نماڻو ٿي، نئڙت ۾. اَسين ڪير آهيون، جو چئون:- اَ
وڏا ليڊراسين، اَسين هيئن ڪنداسين.

گرونانڪ ديو جن جي ڳالهہ جو ذڪر پياري دادا اَسان سان ڪيو. ڪ
لهڻو چڙهيو ويٺو آهي گهوڙي تي ۽ گروجن پاڻ گهوڙي جي واڳ جهلي ڪ
ڪرتارپور ۾ وٺي اَچن ٿا. ڪيڏي نہ نئڙت! اِهو آهي اَلپ مارگ!

ننڍڙين ڳالهين ۾ اَسين پرڀوءَ سان ناتو رکون. پرڀوءَ جي چرنن ۾ اَ
ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون رکون. وڏين ڳالهين جي پٺيان نہ پئون ۽ اِهي ننڍ
ڳالهيون هڪ هڪ لاءِ کليل آهن. اِنهن جو دروازو ڪڏهن بند ڪونہ ٿو ٿئي. و
ڳالهين لاءِ دروازا بند ٿي وڃن. ننڍڙيون ڳالهيون سڀن لاءِ کليل آهن. جنه
وٺن، سو ڪٽي.

هڪ موقعي تي پياري دادا کان پڇيوسين تہ "دادا! اَلپ مارگ ۾
ڪرڻ لاءِ ساڌن ڪهڙا آهن؟"

پياري دادا چيو:- "اَلپ مارگ ۾ پنڌ ڪرڻ لاءِ ٽي ساڌن آهن:-
پهريون ساڌن آهہ "اَلپ ٻولڻ"، ڳالهايو گهٽ. مان سمجهان ٿو تہ جي ويهي ڏ
تہ وڏي ۾ وڏي بيماري ڪهڙي آهي؟ توهان مان گهڻا، مان سمجهان ٿو،
ڪين آهيو. ڳالهائڻ جي بيماري، هڪ هڪ کي لڳي پيئي آهي. سائنسدانن
اَپيلس ڪيو آهي:-

On an average, a person speaks thirty thousand words per day.

هي سائنسدانن جون statistics آهن. چون ٿا:- "سراسري طور هڪ
روز ٽيهہ هزار اَکر ڳالهائي ٿو." هفتي ۾ بہ لک ٽيهہ هزار. معنيٰ سال ۾
کان وڌيڪ اَکر اَسان مان هڪ هڪ ڳالهائي ٿو. اَکرن ۾ اَسان مان هڪ

مان آيو آهيان." سقراط چيس:-"پوءِ مونکي ڇو ٻڌائين. ڀرين پڪ ڪر تہ اِها ڳالھ سچي آھ يا نہ؟ تنهنجي مُکہ مان جيڪا ڳالھ نڪري ٿي، اُها سچي ڳالھ نڪري ٿي يا نہ؟" پوءِ سقراط ٻيو سوال پڇيس. چيائينس:-"جيڪا ڳالھ تون مونکي ٻڌائين ٿو، ڪمائتي آهي؟ ڪنهن کي ڪتب اِيندي؟ ڪنهنکي ڪمائتي ٿيندي؟" ماڻهوءَ چيس :- "نہ، نہ، ڪمائتي ڪهڙِي ٿيندي. اِهي يَٽ شَٽ جيڪي پيا هٽندا آهن، ٻُڌي آيس، چيم توکي ڪري ٻڌايان." سقراط چيس تہ"ٽيون جواب مونکي ڏي. اِن ڳالھ ۾ ميٺاڄ آهي يا اِها ڳالھ ڪو ٻڌندو، اُنکي ڏکہ ٿيندو؟ اُنجي دل کي رنج رسندو؟" چيائين:- "آهي تہ اِئين برابر. جنهن بابت ڳالھ ڪيائون، اُهو جي ٻڌي تہ اُنکي تہ ڏاڍو رنج ٿيندو." سقراط چيس تہ"مون سان اِهي ڳالهيون نہ ڪر."

تن ڏينهن ڪانولي، اَڍائي هزار ورهيہ اُنکي ٿي ويا آهن، چون ٿا:-

These are the three great laws, three great rules of speech. Before you part your lips to speak anything, ask yourselves three questions:-

1) Is it truthful?

(2) Will it serve any useful purpose?

(3) Is it sweet? Is it gentle? Will it hurt any one?

هيءَ سچي ڳالھ آهي؟ ڪنهنکي ڪتب اِيندي؟ ۽ ڪنهنجي دل کي رنجائيندي تہ ڪونہ. ٽنهي سوالن جا جواب جيستائين اَسانکي "ها" (yes) ۾ نہ ملن، تيستائين اَسان کي ڳالهائڻ نہ گهرجي . اِن ڪسوٽيءَ سان اَسين هڪ هڪ اَکر Judge ڪريون.

پياري دادا هڪ ڏينهن اَسان سان ڳالھ ڪئي. چيائين حيدرآباد سنڌ ۾ مان آشرم ۾ مٽي ماڙيءَ تي ويٺو هوس. هڪ مائي ٻوڙندي ٻوڙندي مون وٽ آئي. چيائين:- "فلاڻيءَ اُلٽي ڪئي، اُن اُلٽيءَ مان ڪانوَ نڪري پيا." پڇائونس تہ "نيٺ ڳالھ ۾ ڇا آهي؟ اُلٽيءَ مان ڪانوَ ڪيئن نڪرندا؟" نيٺ ڏنائون تہ ڳالھ شروع هيئن ٿي. جو هن مائيءَ کي اُلٽي آئي ڪاري، ڪهڙو ڪانءُ. تنهن مان اَچي ڳالھ ٻهتي، هن مائيءَ اُلٽي ڪيي، جنهن مان ڪانوَ نڪتا. پڇائونس تہ "اُڏاميا يا نہ؟" چيائين:- "اُڏاميا تڏهن تہ ٻا خبر ڪٽي آئي آهيان." تہ ڪيترِيون ڳالهيون اِئين ٿين ٿيون.

First verify the truth of what you wish to communicate to others.

اَلپ مارگہ اِهو آهي. اَلپ مارگہ آهي هڪ هڪ اَکر سنڀالي ڳالهائڻ."اَلپ ڻ."

هڪڙي ڳالهه پاڻ سان ڪٽي وڃو. رڳو وري وري پاڻ کان پڇو ته ”هي اکر جيڪو مان ڳالهايان ٿو، ضروري آهه ڇا؟“ ڪيترا ڀيرا توهين چوندا:- ”ڇا جو ضروري آهه؟ هوا ۾ هڏل ڳالهه آهه.“ سائنسدان اسانکي ٻڌائين ٿا، هي سائنسدانن جون کوجنائون ٿيل آهن. چون ٿا:- ”جيڪو اکر نڪري ٿو، اهو Universe ۾ پيو ڦري. It doesn't die .It keeps on running round and round and round. اِهي اکر اچي اسانکي اُت پڪڙيندا. اسانجي خلاف شاهدي ڏيندا ته هيترا اکر هن ڳالهايا. هينئر هي ساڻ ٿي آيو آهه، پر اسين توهان کي ٻڌايون ٿا ته هيترا اکر هن ڳالهايا. هڪ هڪ اکر اچي اسانجي خلاف شاهدي ڏيندو. نوري گرنٿ ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي:- ”آنگر سريرا شاهد ٿيندا“. تيئن جيڪي اکر اسين ڳالهايون ٿا، اُهي شاهدي ڏيندا.

هڪ رڳو ننڍڙو ساڌن جيڪر اسين هينئر کان ئي ڪريون. وري ٻئي مهني ملنداسين. اِهي ڏينهن ڪوشش ڪري اسين اِهو ننڍڙو ساڌن ڪريون. اکر ڳالهايون، تنهن کان اڳ ۾ پاڻ کان پڇون:- ”ضروري آهي ڇا؟“ ڪيترا ڀيرا فقط اِشاري سان ڪم ٿيندو آهه، اکر ڳالهائڻ جي ضرورت ڪونه ٿيندي آهي. جي اِشاري سان ڪم ٿئي ته اکر نه ڳالهايون. جي اسين اِن جگياسا مارگ ۾ پنڌ ڪرڻ چاهيون، جي اسانجي اندر جگياسا ڀاو آهي، جي اسين چاهيون ٿا ته اسين پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريون، جي اسين چاهيون، پريو! اسين به اچي تنهنجا ڪمل چرڻ پايون، ڪرشن! اسين به اچي تنهنجو ديدار ڪريون ته اِن الپ ٻولڻ جي راه ۾ هلون، پر جي اسان جي اندر اِها اِڇا ناهه، ته ڀوءِ جيترا اکر وڻن، اوترا ڳالهايون. مان نٿو چوان ته توهين نه ڳالهايو. جي ڳالهائڻ چاهيو ته ڀل ڳالهايو، پر جي الپ مارگ ۾ توهان کي هلڻ جي پياس آهي ته هڪڙو ساڌن ڪريو. ڀرين پاڻ کان پڇو:- ”ضروري آهه ڇا؟“ اِشاري سان ڪم ٿي سگهي ته ڀوءِ مان اکر ڇو ڳالهايان؟ هڪ اکر سان ڪم ٿي سگهي ته ٻه اکر ڇو ڳالهايان؟ ٻن اکرن سان ڪم ٿي سگهي، ته ٽي اکر ڇو ڳالهايان؟ پنهنجي شڪتي بچايو.

سقراط جنهن بابت هڪ کان وڌيڪ ڀيرا توهان سان ذڪر ڪيو اٿم، سقراط وٽ هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو ڊوڙندو ڊوڙندو آيو. چيائينس:- ”سقراط! سقراط! هيءَ ڳالهه ٻڌي اٿيئي؟ مان توکي ٻڌايان؟“ سقراط چيس:- ”ترس، ترس، سهڪين ڇو پيو؟ تون ويهه، تون ترس. ڀرين ٻڌاءِ ته جيڪا ڳالهه مونکي ٻڌائڻ چاهين ٿو، اُها سچي آهي؟ پڪ ڪئي اٿيئي ته سچي آهي؟ اِئين ته ڪونهي ته بزار مان ٻڌي آيو آهين ۽ مون کي ٻڌائين ٿو.“ ماڻهوءَ چيس:- ”برابر، ٻڌي بزار

ڪرين، پيو ڏڪ وجهي ڇڏ. اِهو شيشو خالي ٿئي، مون کان پيو پڙهائي ويچارو. " .Keep your mouth shut and you will be happy

گهڻو ڪري هيءَ جيڪا مار ڪُٽ ٿئي ٿي، ڳالهائڻ جي ڪري . تون ڇا، تون ڇا، ٿئي ٿي. اوڏي مهل هڪوار جوش لڳي وئي، پوءِ پرواهه ناهي. پر جي هُن تون ڇا، تون ڇا ڪئي، لڙائي لڳي ٿي. لڙايون اِئين لڳنديون آهن.

"اَلپ مارگ" جو پهريون ئي پهريون قدم آهي "اَلپ بولڻ."

هڪ پيڻ:- دادا، پيا ٻه مارگ ڪهڙا آهن؟

دادا:- پهريون "اَلپ بولڻ" ٻيو "اَلپ آهار". اَسين ڪيترو نه کائون ٿا! پيا کائون. مان هڪ گهر ۾ هوس. ڪائي اُتيا هئا ڇگيءَ طرح ۽ جيئن پارٽ ۾ اوگرايون وغيره ڏيندا آهن، پئي ڏنائون. ماڻهو آيو. پاڙي ۾ شادي هئي. شاديءَ جو پلاهه آيو. سُڱنديون گهر ۾ اَچي ڪليون. ڏسان هي پيارا وري ميز تي کائڻ لاءِ وينا آهن.

اَسان سنڌين ۾ اِهو ڏاڍو رواج آهه، جنهنجي گهر ويندا، ڇڏيندو ڪونه، جيستائين توهان ڪجهه کاڌو نه آهي. مونکي ڪير چوندو آهي، مان چپ بند ڪري ڇڏيان. چوان هنکي تالو لڳل آهي. توهين رڳو اِهو هڪ قاعدو ڪريو. مان گهٽيئي ٿو قاعدا توهان کي ٻڌايان، من هِڪ ڪٽو. گهٽي کائڻ سان بيماريون ٿين ٿيون. بدهاضمو ٿئي ٿو. بدهاضمو اَتو پاڙ سين بيمارين جي. گهٽي کائڻ ڪري آلس ٿئي ٿو. جنهن ڪري اَسين جيڪو ٿيون قدم اَلپ مارگ جو آهه، اُهو نٿا کڻي سگهون. آلس ۾ وڏيڪ گذاريون ٿا. پنهنجا پيٽ ڏلهي رات جو سمهون ٿا.

مون سان ذڪر ڪيائون. هڪ اَهڙي dinner ٿي. اَهڙيون dinners توهان گهٽيون ڏٺيون هونديون. مان ڪونه ويندو آهيان. مونکي ٻڌايائون. چيائون courses شروع ڪيائون. پهريون course ساڍي ٩ بجي شروع ٿيو، پڇاڙيءَ جو course ساڍي ١٢ بجي. ساڍي ٩ کان ساڍي ١٢ تائين courses پئي آيا. وچ وچ ۾ drinks يا ٻيو ڪجهه پئي پيتائون. نيٺ ڪهڙي حالت ٿي هوندي. ۽ اِن کائڻ جي ڪري اَسين ڪيڏا پاپ ڪريون ٿا. ڏسو، ڇا ٿا کائون؟ سادو کاڌو کائون. سادو کاڌو هوندو بڪ کان وري ٻه گهٽ کائيندا. وڻندو ڪين. چوندا، هي کاڌو ڪهڙو آهي، چوندا بس. سوادي کاڌو کائيندا، ويندو وڏيڪ وڏيڪ دل ٿيندي ته اَسين کائون، وڏيڪ کائون، پوءِ پڇتايون ٿا. روز روز اَسين پڇتايون ٿا.

پياري دادا وٽ هڪ نوجوان آيو. چيائين:- "دادا! مان نڪو ستسنگ ۾ اچي سگهان ٿو، نڪو ڌيان ۾ ويهي سگهان ٿو، نڪو تپسيائون ڪري سگهان ٿو. منهنجي لاءِ ڪو رستو آهي؟ سولو رستو جيڪر مونکي ڏسيو، جنهن رستي تان هلي مان به سکي ٿيان. مان سکي ٿيڻ ٿو چاهيان."

هڪ هڪ کي پياس آهه ته سکي ٿيان. هڪ هڪ جنهن به مارڳ تان پنڌ ڪري ٿو، فقط اِهو ويچار اٿس ته مان سُکي ٿيان. پوءِ ڪو سمجهي ٿو سُک پئسي ۾ آهي، اِن ڪري پئسي جي پٺيان پيو ڊوڙون پائي . ڪو سمجهي ٿو سُک آهي اِندرين جي وِلاس ۾، اِنڪري اِندرين جي ڀوڳ وِلاس پٺيان پيو ڦري. ڪو سمجهي ٿو ته سُک آهي مان شان وڏائيءَ ۾، وڏائيءَ پٺيان پيو ڦري. سڀني جي دل اَندر نيٺ اُٿو پياس ته اَسين سُکي ٿيون.

هن نوجوان پياري دادا کي چيو:- "مونکي ڪا راهه ڏسيو، ڪو سولو ساڌن ٻڌايو. مان هِي وڏيون ڳالهيون ڪري نٿو سگهان." پياري دادا چيس:- 'Keep your mouth shut and you will be happy.' "جي سُکي ٿيڻ ٿو چاهين ته پنهنجو مُک بند ڪر، پنهنجا چپ بند ڪر. چپ نه کول. ڳالهاءِ نه. ڳالهائيندين ته دکي ٿيندين." نوجوان چيو:- "دادا! سڄو وقت چپ بند ڪري وهڻ، اُهو ٿي دک آهي. اُهو ٿي منهنجي لاءِ وڏو دک ٿي پوندو. چپ جي نه کوليان ته باقي ڇا ڪريان؟" تڏهن دادا چيس:- "جي تون چپ کولين ته يا پرڀوءَ جون ڳالهيون ڪر يا پرڀوءَ جي سنتن جون ڳالهيون ڪر."

فقط اِهو هڪ ساڌن اَسين ڪريون. يا چپ رکون بند، يا چپ کوليون ته پرڀوءَ جون ڳالهيون ڪريون. ايڪ اونڪار، ست نام، ڪرتا پرک، نربئُو، نرويُر، اَڪال مورت......يا پرڀوءَ جي سنتن جون ويهي ڳالهيون ڪريون. ڏاڍو سُکي ٿينداسين.

•

هڪ مائي روئندي آئي سنتن وٽ. چيائين:- "منهنجو گهوٽ مونکي ڏاڍو ٿو ماري." سنتن چيس:- "اَسانکي پاڻيءَ جو شيشو آڻي ڏي، توکي پڙهي ڏينداسين." ڏاڍي خوش ٿي. ويئي، شيشو پاڻيءَ جو ڪڻي آئي. سنتن کيس پڙهي ڏنو. چيائين:-"هي وڃي گهوٽ کي پيئاريان، پوءِ مونکي مار نه ڏيندو." سنتن چيس:- "نه، اِهو پاڻي تنهنجي لاءِ آهي. اِهو پاڻي تون وات ۾ جهلي ويهه. ٿُڪ وات ۾ پيو هجيئي." چيائينس:- "اِن جي معنيٰ ڇا؟" سنتن چيس:- "وات ۾ پيو هوندءِ ته گهوٽ سان ڳالهائيندينءَ ڪونه. تون تکو ڳالهائينس ٿي، هُو توکي ٿڪ ٿو هڻي. تون تکو ڳالهائيندينءَ ڪونه، هُو توکي ٿڪ هڻندو ئي ڪونه. ٿُڪ وات ۾ وجهي ڇڏ. هڪ ٿُڪ ٻررو

موهي اَپني هِي رنگ ۾ رنگ لي

هولِي قدرت جو هڪ ڏينهن آهي. هولِي بهار جي مؤسم پاڻ سان کڻي اَچي ٿي. سياري جي ننڊ ۾ قدرت سمهيل هئي، هوليءَ جي ڏينهن سجاڳ ٿئي ٿي. توهين ڏسندا نوان گُل ڦُل، خاص ڪري اُتر ڀارت ۾. هن پاسي گهٽ آهي. هن پاسي اَسان جون مندون ٽيندون آهن ٿي،- سيارو، اونهارو ۽ چؤماسو، پر اُتر ڀارت ۾ چار مؤسمون ٿينديون آهن،- بهار، اُونهارو، سرءُ، سيارو. هوليءَ کان بهار جي مؤسم ڦُوهه ۾ اَچي ٿي. عجيب قسمن جا گل، عجيب رنگن جا گُل توهين ڏسندا اَچي پرڪاش ٿين ٿا. پرٿوي، جا هيترو وقت ستل هئي سياري جي ننڊ ۾، هينئر سجاڳ ٿئي ٿي. ٿڌي هِير لڳي ٿي. اَسان وٽ بہ ڏسو کهڙيون نہ مٺيون هوائون پيبون لڳن. جت نهارَ، اُت آنند ئِي آنند! هولِي پاڻ سان اِهو پيغام کڻي اَچي ٿي تہ هڪ هڪ سياري جي پٺيان بهار، بسنت ضرور اَچي ٿِي. اَسان جي جيون ۾ ڪيترا سيارا اَچن ٿا، پوءِ اَسين دلگير ٿي ٿا وڃون. اَسين دکہ ۾ ڪِري ٿا پئون. هولي اَچي ٿِي اَسان کي ٻڌائڻ تہ توهين دلگير نہ ٿيو، توهين دُکہ ۾ نہ ڪِرو، توهين سُست نہ ٿيو، پر توهين نهاريو ڪنهن وقت ٿِي اَچي بسنت بهار، وري اَچِي اَسان جي جيون ۾ کُلي ٿي، اَچي اَسان جي جيون کي نئون رنگ ڏئي ٿي. هوليءَ سان قدرت جو نئون سال شروع ٿئي ٿو. سچِي قدرت نئين ٿي پوي ٿي.

اَسين بہ جيڪر نئون سال شروع ڪريون ۽ نوان ٿيون. اَسين جهونين ڳالهين ۾ اَٽڪيا پيا آهيون. جهونين ڳالهين کان آزاد ٿيون، ڇُٽون. اَسان کي جهونيون ڳالهيون ڪيئن نہ جهلي بيٺيون آهن. فلاڻي مون سان هيئن ڪيو، فلاڻي مون سان هوئن ڪيو، فلاڻي منهنجو پورو آدر ڀاءُ ڪين ڪيو، فلاڻي مون بابت گهٽ وڌ اَچي ڳالهايو. اِهي سڀ جهونيون ڳالهيون وساريو. جي توهان کي سچي آزادي کپي، جوئي جيون جو سچو خزانو آهي، تہ اِهي جهونيون ڳالهيون ڦليون ڪريو. هِڪ هِڪُ نئون سال پاڻ سان اِهو پيغام کڻي اَچي ٿو:- "نوان ٿيو! نوان ٿيو!" ڪيترن اَسان کي رنجايو آهي، ڪيترن شايد اَسان کي ڏکيو آهي، ڪيترن اَسان

Every day we repent because we have eaten more than we should have.

پياري دادا هڪ ڏينهن Romans بابت ذڪر ڪيو. چيائين Romans پيا کائيندا، پيا کائيندا هئا. دادا چيو:- هنن Vomitarians ناهيا. Vomitarians جا هئا؟ کائي پوءِ وجي اُلٽيون ڪندا هئا. وري اَچي وهندا هئا، وري کائي وري وڃي اُلٽيون ڪندا هئا..Romans جا، پر مان توهان کي هتي جي ڳالهه ٻڌايان. هڪ ڇوڪريءَ بابت مونکي ٻڌايائون. هڪ هاسٽل ۾ رهندي هئي. ميس ۾ ويندي هئي کائڻ. ميس واري ڏلو هيءَ وجي پيئي کائيندي، وجي پيئي کائيندي. کائي وري وجي ٿي ٻاهر. ڪٿي ڪجهه ڪونہ ٿي وجي. وري اَچي ٿي وهي. وري اَچي ٿي کائي. پوءِ نيٺ پڇا ڪيائون. چيائون، هيءَ وجي ٿي باٿ روم ۾، اُت اُلٽي ڪري وري اَچي ٿي کائي. ڏاڍي پتلي هوندي هئي.

هڪ ڀيڻ:- بيماري هوندس.

دادا:- ضرور بيماري هوندس. جنهن ڪري ائين ڪندو. پر اِها مانسڪ بيماري ٿي. سريرڪ نہ، جسماني بيماري نہ.

ڀيريون "اَلپ ڀوڄن" ڀيو "اَلپ آهار"، ٿيون "اَلپ ندرا." جي اَلپ آهار هوندو، کائيندا سين ٿورو ٿورو تہ پاڻهي ننڊ اَسانجي ڦٽندي، جاڳ ٿيندي. رات ملي آهہ رام ريجهائڻ واسطي. جاڳي جاڳي رام ريجهاءِ!

"اَلپ" اِهو هڪڙو اَکر پاڻ سان کڻي وڃون! ڪوشش ڪريون، جو تہ مونکي بہ تہ اِنجي ضرورت آهي. ڳالهيون، تنهن کان اَڳہ پڇون پاڻ کان هڪڙو سوال:-"ضروري آهي جا؟" ڪيترا پيرا ڏسندا، ضروري ڪونهي. مان ڪري وهنداسين. ڏاڍي آتمڪ شڪتي، اَسان جي اَندر جي کلندي، يا اِهي ٿي سوال پڇون:-"سچ آهي؟" "ڪنهنکي ڪتب اِيندو منهنجو ڳالهائڻ؟" "ڪنهنکي رنجائيندو تہ ڪونہ؟"

مونکي بہ آسيس ڪجو نياڻيون! منهنجا پيارو! جوڻ ڏاڍو سولو آهي. اَوهانکي ٻڌائي وڃان ٿو. شل جا راهہ پيارو دادا بتائي ويو آهي، مان اُن تي هلان. شل اَسين سڀ اُنتي هلڻ جي ڪوشش ڪريون!

(پونا: ١١-١٠-٨٦)

⁂

بابت بہ توھان جي دل اَندر وير وروڌ ھجي يا ٻيا ويچار ھجن، ريس ھجي، حسد ھجي ، تيسو ھجي، وڃي اُنھن کي پريم ۾ ملو. چئو:- ” آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾!“ ڪو مرد آھي، پنھنجي اِستريءَ سان پوريءَ طرح نٿو ھلي، ھن ويچاري کي اِھو پارٽ ڪرڻو آھي.اِستريون ڪيترين تہ روئي روئي آپگھات وڃي ڪنديون آھن، اَھڙي حالت بہ ٿيندي آھي.

ھڪ پيڻ:- آپگھات بہ تہ پارٽ آھي نہ؟

دادا:- نہ، اُھو پارٽ ڪونھي. اُھي آپگھات ڪري پاڻ کي ڇڏائين ٿيون، پر پارٽ پورو نٿو ٿئي. اَسين جيڪر ھوليءَ جي ڏينھن سڀ ڪجھ وساري چئون:- ” آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾!“ ڏسو نئون سال ٿيندو آھي، نوان ليجر (Ledger) ماڻھو ٺاھيندا آھن. نوان حسابن جا ڪتاب رکندا آھن. نئون Cash Book کٽندا آھن. نئون حساب جو ڪتاب ھينئر کولڻو آھي. اڳيان ڪتاب اَجايا ويا. نئون ليجر(Ledger) کوليون.

اَسين سيلان (ڪولمبو) ۾ وياسين.اُت ھڪ ڀڳت جن ھو. چترومل ھن جو نالو . اُن کي .C.J ڪري ڪوٺيندا ھئاسين. مان چوندو ھوس، ھي Sage آھي. .C.J نہ، پر Sage آھي . عجيب ماڻھو ھو. ڏادا ٿورا اَھڙا روح پرٿويءَ تي اَچن ٿا. اُن کي ھرويرو اِن لاءِ شاباس ڪونہ ڏبي. ھن کي اِن پارٽ لاءِ پريوءَ موڪليو. آھيون تہ سڀ sages، پر ڪنھن sage کي ڪو پارٽ ڪرڻو آھي، ڪنھن کي ڪو.

رامايڻ بابت اَسان کي ٻڌايل آھي تہ پريو پنھنجي دربار ۾ ويٺو ھو. چيائين تہ ھاڻي رام کي پرٿويءَ تي موڪلڻو آھي. شري رام جو پارٽ ڪير کڻندو؟ سيني ھٿ مٿي ڪنيا شري رام جي پارٽ ڪرڻ لاءِ. ھڪ کي چونديائون. چيائون، ھي رام جو پارٽ پرٿويءَ تي پوريءَ طرح ڪري سگھندو. پوءِ ٻيا پارٽ ٿيا. ڪوشليا ماتا، دشرٿ راجا، لڪشمڻ، شترگھن، وغيره. اِھي سڀ پارٽ ٿيا. ھڪڙو پارٽ ڪير ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ھو،- راوڻ جو پارٽ . وري وري شيون نيڪال ڪرڻ وقت ايڪ وار، دو وار، تين وار ڪندا آھن. پريوءَ گھٽيئي دفعا تين وار ڪيا، پر ڪير سامھون اَچيئي نہ. نيٺ ھِڪُ، جو پريوءَ کي ڏاڍو پيارو ھو، اُن ڏٺو تہ ڪير بہ راوڻ ٿيڻ لاءِ تيار ڪونھي. پريوءَ کي چوي ٿو:- ”پريو! مان توھان جو اِنھو آھيان، مان تيار آھيان.“ اِن ڪري ڪو ڪيل ٿوروئي بند ڪبو. راوڻ بہ ڪنھن کي ٿيڻو آھي. ھي جيڪو راوڻ ھو، سو پريوءَ جو پيارو ھو. پر اِھو ن کي پارٽ ڪرڻو ھو. ڏسو، ڪھڙيءَ طرح پارٽ پئي ڪيائين. توھان کي شايد سري ويو آھي، پر مونکي چون ٿا تہ رامايڻ ۾ جيڪڏھن ڪنھن سلي ۾ سلو

ڪي تڪليف پھچائي آھي. اَڄ ۽ سڀان ڪو ڏينھن آٿو: اَصل اُنھن جي نالن سان پڪاريو:- ”ليکچند، توکي معافي! للومل، توکي معافي! سرسوتي، توکي معافي! ستي، توکي معافي! سندري، توکي معافي! سپاڳي، توکي معافي! سدوري، توکي معافي!“ شايد ڪنھن مون بابت گھٽ وڌ ڳالھايو آھي، ڪنھن منھنجو اَجوڳ فائدو ورتو آھي، ڪنھن مون سان لڳي ڪئي آھي، ڪنھن مونکي تڪليف پھچائي آھي، سڀني کي معافي ڏيو!

مان توھان کي ھدايان ته اِھا ڳالھ سچ پچ ڇا آھ؟ سچي حقيقت مان توھان کي ھدايان ٿو. ناٽڪ ٿيندو آھي نه: ناٽڪ شروع ٿيندو آھي، تنھن کان اَڳ سڀ اَئڪٽر (actor) پاڻ ۾ ڏاڍي پيار ۾ ھوندا آھن. ھڪ ٻئي کي پيا کارائيندا آھن، ھڪ ٻئي جي سنڀال لھندا آھن، ھڪ ٻئي سان محبت، سنيھ جو رستو ھوندو اَٿن: پر جڏھن اَچن رنگ منچ (stage) تي، اُن وقت ھڪ ھڪ کي پنھنجو پارٽ ڪرڻو آھي. اُن پارٽ ۾ ڪيترا پيرا دشمني ڏيکاريندا آھن، جا ھونئن حقيقت ۾ دشمني ڏيکارڻ مشڪل ٿي پوي،اَھڙي ڏيکاريندا آھن. ھيءَ دنيا ھڪ رنگ منچ (stage) آھ. اَسين اَئڪٽر آھيون. ھي کيل جڏھن پورو ٿيندو، ھڪ ٻئي کي ڀاڪر پائيندا‌سين. ھتي ھينئر وڙھون پيا، ھتي تکو پيا ڳالھايون، ھتي ھڪ ٻئي سان لڳيون پيا ڪريون، ھتي ھڪ ٻئي بابت گھٽ وڌ پيا ڳالھايون، پر جڏھن کيل پُورو ٿيندو، اَسين ھي سرير ڇڏي ٻيءَ پر ھلنداسين، ڀھريون ٿي ڀھريون آزمودو جيڪو اَسان کي مليو ٿو، سو اِھو ته اَسان کي پروڙ پوي ٿي ته ھينئر کيل پورو ٿيو. ھينئرآھيون ته ساڳيا، ھڪ ٻئي جا آھيون. پاڻ ۾ آھيون. پر ھتي اَچي جڏھن اَسين اِھا ڳالھ وساري ٿا ڇڏيون، تڏھن دل جي اندر وير ڀاو رکون ٿا. ڇو نه وڙھون ھڪ ٻئي سان.توھان کي وڙھڻو آھي، توھان کي پارٽ ڪرڻو آھي، پر دل ۾ ڪجھ نه رکو. اَسان جي تڪليف اِھا آھي، جو اَسين دل ۾ رکي ٿا ويھون.

نئون سال اَچي ٿو اِھو پيغام ڪٺي:- ”نوان ٿيو! نوان ٿيو!“ ڪيترا پيرا اِستري مرد کي تڪليف ڏئي ٿي. ھن کي اِھو پارٽ اَدا ڪرڻو آھي. ويچاري ڇا ڪري؟ پارٽ ئي اِھو مليو اَٿس: ڪيس ڪرڻو آھي. جي نه ڪندي ته سڄو قصو ئي بگڙجي ويندو، سڄو کيل ئي ٿلي پوندو. پر مرد کي کپي وري پنھنجو پارٽ ڪري. ھن جي ڪَنَ پَٽ ڪري. پل جي چاھي، اُھو پارٽ جي ھجيس، پر دل ۾ نه رکي. اَسين دل ۾ ٿا رکون ۽ سڄو قصو وڃائي ٿا ڇڏيون. نئون سال چوي ٿو:- ”نوان ٿيو! نوان ٿيو!“ پراڻيون ڳالھيون وساريو. اِن ڪري ھولي پاڻ سان پيغام ڪٺي اِيندي آھي:- ” آءُ ته پرچون پاڻ ۾!“ ھولي اَچي، جن

هڪ وٽ وڃ، اُنهن کان وڃي معافي گُهر ۽ اُنهن کي چئہ تہ هي سنت مون وٽ اَچي ٿو ماني کائڻ، توهين ضرور اُتي اَچجو.“ سچ ۾ پئجي وڃي ٿو. دل ۾ چوي ٿو:- ”هڪ هڪ وٽ ڪٿ وڃان؟“

ڏڪئي ۾ ڏکي ڳالھ اِنسان لاءِ اِها آهي.- پنهنجو سِرُ جهڪائڻ. جي اِها ڳالھ توهين سولائيءَ سان ڪري ويا، تہ ٻيون سڀ ڳالهيون سولائيءَ سان ڪري سگهندا. سوچ ڪيائين. پهرين جواب ”نہ“ ڏنائين. اُن ڏينهن ويو هلي. ٻيو ڏينهن گذريو، ٽيون ڏينهن گذريو. چوٿين ڏينهن آيو. سوچ ويچار ڪري اَچي سنتن کي چيائين:- ”سائين! مان تيار آهيان!“ ويو، وڃي هڪ هڪ کان معافي وٺي اُن کي invite ڪري آيو تہ ”تون ضرور اَچجان!“

اُهو ڏينهن آيو، جنهن ڏينهن سنت اَچڻو هو، پاڻ دروازي تي وڃي بيٺو. هڪ هڪ کي هٿ جوڙي اُن جو سواگت ڪيائين. پوءِ سنت سان ڳالھ ڪيائين. چيائين:- ”پهريون ڀيرو رات جو ننڊ مون تڏهن ڪئي، نہ تہ مون کي ننڊ ڪين ايندي هئي.“ سنت چيس:- ”توکي ننڊ ڪين اِيندي هئي، ڇو جو تنهنجي دل اَندر وير ڀاوَ هو. مون کي ننڊ ڪونہ اِيندي آهي، ڇو جو منهنجي دل اَندر پيار آهي، عشق آهي عجيبن واسطي!“ جنهن کي عشق آهي، پياس آهي، پيار آهي، اُن کي ننڊ ڪونہ اِيندي آهہ، اُهو پيو جاڳندو آهي.

”جنهن رات پراڻي سُتل ننڊ آهن،
تڏهن جوڳي گياني، اُٿي سي تا جاڳن!“

اُهي جاڳيل رهندا آهن، سجاڳ رهندا آهن. اِهو پيغام هولي پاڻ سان کڻي اَچي ٿي:- ” آءُ تہ پرچون پاڻ ۾!“

هولي پاڻ سان پرهلاد جي يادگيري کڻي اَچي ٿي. اَڳي اَسان کي گهر ۾ هميشھ پرهلاد جي ڪٿا، ڌروءَ جي ڪٿا ٻڌائيندا هئا. هاڻ ماتائن کي ئي خبر ڪونهي تہ پرهلاد جي ڪهڙي ڪٿا آهي يا ڌروءَ جي ڪهڙي ڪٿا آهي. اُن ڪري ٻارن تي ڏاڍا سٺا اَثر پوندا هئا.

پرهلاد جمي ٿو هرناڪش راجا جي گهر ۾. هرناڪش راجا ڏاڍي تپسيا ڪئي. لکيل آهي تن ڏينهن ۾ لوڪ ايڏيون تپسيائون ڪندا هئا، جو ٻڌندي ئي جيڪر اَسين ڊڄي وڃون. ٨٠ هزار ورهيہ تپسيا! لک ورهيہ تپسيا! ڪري لکہ ورهيہ نہ بہ ڪئي هجين، تہ بہ ڪيترا سال تپسيا ڪيائون. ايڏيون تپسيائون ڪندا هئا. پوءِ ڪين ور ملندو هو. جنهن بہ پربوءَ جي چرڻن ۾ وڃي تپسيا پيٽ ڪندا هئا، اُهو پاڻ اَچي سندن اَڳيان بيهندو هو. چوندو هو:- ”تون گهر، جيڪي توکي کپي.“ هرناڪش تپسيا ڪئي ۽ هرناڪش اِهو ور گهريو تہ ”ڪيس ڪير ماري

پارٽ ڪيو ته اُهو هو راوڻ.

هڪ پيڻ:- اِنعام (Award) مليس.

دادا :- سچ، Award مليس؟ هو پريوءَ جو پيارو! رڳو راوڻ جو پارٽ ڪيائين.

هڪ پيڻ :- Acting جا پئسا نه وٺندو هو؟

دادا :- هن به پريوءَ جي پياري پريوءَ کي چيو:- ”مونکي ڏجانءِ ڪجهه نه. مان ڪجهه نه وٺندوسانءِ. مان رڳو تنهنجي پيار صدقي وچي ٿو اِهو پارٽ ڪريان.“

اَسين .C.J. جي گهر ۾ رهيل هئاسين. .C.J. اُتي ڊُوٽِي ڀاريندو هو. ٢٣ ئي ڪلاڪ اَگني پيئي ٻرندي هئي. واريءَ وارا سنت سندس گروُ هئا ۽ اُتي وٽس اَچي ٻاهر رهندا هئا. واريءَ وارا سنت اَندر گهر ۾ ڪڏهن ڪين رهندا هئا. ٻاهر مٽيءَ جو ڍير لاهي وڻ هيٺ اُن مٽيءَ تي ويٺا هوندا هئا. ڊُوٽِي پيئي ٻرندي هئي. هي اُها ساڳي ڊُوٽِي هلائيندو آيو. هڪ وقت واريءَ وارا سنت وٽس اَچي رهيا. سندس گهر جي سامهون هڪ وڏي وڪيل جو گهر هو. هن وڪيل کي رات جو ننڊ ڪونه ايندي هئي.رات جو پنهنجي ورانڊي ۾ اَچ وڃ پيو ڪندو هو. اُن رات جو اَچ وڃ پيو ڪري ته ڏسي ٿو ته هڪڙو پرش واريءَ جي ڍڳ تي ويٺو آهي. پنهنجي ڌيان ۾ ويٺو آهي. ننڊ ڪري ئي ڪونه ٿو. مون وانگر ليلي ئي ڪونه ٿو. مان پيو اَچ وڃ ڪريان، پر ـي پنهنجي آنند ۾ ويٺو آهي. هي ڪير آهي؟ هڪ رات، ٻي رات، ٽين رات، چوٿين رات، پنجين رات هي اِها ساڳي حالت ڏسي ٿو. چوي ٿو:- ”هي ته ڪو عجيب اِنسان آهي! مون ته هڙو اِنسان ڪڏهن ڪين ڏٺو.“

هڪ ڏينهن هن سنت وٽ اَچي ٿو. هٿ جوڙي چويس ٿو:- ”سائين! مان هن ئي گهر ۾ رهيو پيو آهيان، توهين ڪرپا ڪري منهنجي گهر ۾ چرن گهمايو ۽ اَچي روٽي کائو.“ هي سنت چويس ٿو:- ”مان اَچڻ لاءِ تيار آهيان، پر هڪ شرط تي.“ چويس ٿو:- ”سائين! جيڪو شرط توهين چئو.“ وڪيل سمجهو ته چوندو:- ”پنج هزار ڏي يا ڏهه هزار ڏي.“ اِهي پئسا ڏيڻ هن لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ڪين هئي، ڇو ته وڏو وڪيل هو. چوي ٿو:- ”سائين! جيڪو شرط چئو، مان قبولڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪي چوندا، سو مڃيندس.“ سنت چويس ٿو:-”مان توکان هيءَ ڳالهه گهران ٿو. تنهنجي ننڊ رات جو قتل آهي، ڇو ته تنهنجي دل اَندر ڪيترن واسطي بغض آهي، ڪيترن واسطي ڌڪار جا ويچار آهن، ڪيترن واسطي توکي دل جي اَندر پيار ڪين آهي، ڇو ته تون سمجهين ٿو ته اُنهن توکي پورو آدرڀاءُ ڪين ڏنو آهي، تنهنجو پُورو مان شان نه رکيو آهي. هاڻي تون ڇا ڪر؟ هڪ

ڪير آهي؟ هرناڪش منهنجو پيءُ برابر آهي، پر سرشٽيءَ جو اُپائيندڙ تہ رام آهي. هرناڪش جو نام توهين ڇو ٿا ڳايو؟ " ٻارن کي چوندو هو:- توهين بہ مون سان گڏ هي منتر اُچاريو:-

”هري رام! هري رام! رام رام هري هري!

هري ڪرشن ! هري ڪرشن! ڪرشن ڪرشن هري هري!“

پوءِ توهان کي خبر آهي، پرهلاد کي تڪليفون ڏين ٿا، پر هي ٻار اَڏول آهي. جنهن اِنسان جي اَندر پورن وشواس آهہ، اُهو پهاڙ وانگر آهہ. پهاڙ کي ڪير هِلائي سگهي ڪين. پل ڪيڏا بہ طوفان لڳن. ڪيڏيون بہ لهرون لڳن، ڪيڏيون بہ برفون ڪِرن، پهاڙ اَڏول ٿيو بيٺو آهي. ساڳيءَ طرح اُهو اِنسان اَڏول آهہ، جنهنجي اَندر پُورن پڪو وشواس آهي. اَسان جو وشواس آهي، جيستائين اَسان جي سڀ ڪا ڳالهہ سٺي پيئي هلي. اَسين پيا چئون:- ”پرڀو! تون ڪهڙو نہ سٺو آهين! ڪهڙو نہ Wonderful آهين. مان توتان ٻلهار وڃان، قربان وڃان! مان تنهنجا چرن ڪڏهن ڪين ڇڏيندس!“

پُٽ کي اَچي ٿي سخت بيماري ٿئي. ڊاڪٽر گهٽيئي ٿو گهرايان. ڊاڪٽر ويچارا دوائون ڏيندا، ٻيو ڇا ڪري سگهندا؟ ڇٽائڻ ڪم تہ پرڀوءَ جو آهي. توهين رکندا آهيو ڊاڪٽر تي:- ”ڊاڪٽر! مان توهان کي پيري ٿو پوان، منهنجي ٻار کي ضرور ڇٽايو.“ نہ، نہ، نہ، ڇٽائي ڪونہ سگهندو. توهان کي ٻڌائيندو ڪين، پر ڊاڪٽر ڇٽائي نٿو سگهي. ڇٽائيندو اُهو هڪ پرڀو! هي هڪ ئي سڪليڊو پُٽ مري وڃي ٿو. مري وڃي ٿو، وشواس ٽٽي پوي ٿو. اَڙي! مون تنهنجون هيڏيون پوڄائون ڪيون، مندرن ۾ وڃي تنهنجون هيڏيرن شيوائون ڪيون، منهنجو هڪ ئي پُٽ تون ڪٽي وئين؟ تون آهين ڪهڙي قسم جو؟ منهنجي ڪم جو ڪونہ آهين. وشواس ٽٽي پوي ٿو. پورن وشواس جڏهن اَسان کي ٿئي ٿو، ڇا بہ ٿئي، اُن ۾ ڀلو آهي! بيماري اَچي، تڪليف اَچي، تنگي اَچي، ڪشٽ اَچي، ڏنڊي ۾ نقصان پوي، پياري پرڀوءَ وٽان پرساد ٿي آيو آهہ. اِن ۾ ضرور ڪو ڀلو آهہ.

ڪوڙهہ جي بيماري اَچي ٿي هڪ ڀڳت کي. چيائونس:- ”هيڏيون پوڄائون ڪرين ٿو، تنهنجي حالت ڪهڙي ٿي آهي؟“ هڪ وقت سڄي نگر ۾ پهرين نمبر جو شاهوڪار هو. هينئر اِئين ڪونہ هو. ڪو هن کي پنيو ٽڪر ڏئي تہ کائي. چونس ٿا:- ”تون اَچا ويٺو پوڄائون ڪرين؟“ ڪهڙو جواب ڪين ڏئي ٿو؟ چوين ٿو:- ”مون کي ڪاتيءَ سان ڪُهہ، تہ بہ مان پنهنجو وشواس اُن مان ڪونہ وڃائيندس. اُن ۾ بہ منهنجو ڀلو هوندو!“ اِهو آهي وشواس.

پرهلاد کي اِهو وشواس هو. پرهلاد کي اِهو وشواس ڪٿان ٿيو؟ هڪ ڏينهن

نہ سگھي. نہ ڏينهن جو نہ رات جو، نہ اَندر نہ ٻاهر، نہ منش ماري سگهي نہ ڪو جانور ماري سگهي." جانور ۾ هي مڇر وغيره سڀ اَچي ويا. چيائين:-" نہ اَندر نہ ٻاهر ڪير ماري سگهي: پريو يا اَندر آهي يا ٻاهر. نہ ڏينهن جو نہ رات جو: ٻي تہ ڪا ڳالهہ آهيئي ڪين. يا ڏينهن آهي يا رات آهي." اِهي ور وٺي هي اَيمان ۾ پرجي ويو. چيائين:- "هاڻ مون کي ڪير ماري نہ سگهندو، مان تہ اَمر آهيان. مان تہ پريو پاڻ آهيان!" پنهنجي راڄ ۾ حڪم ڪڍي ٿو تہ پريوءَ جو نالو ڪو نہ اُچاري، هرڪو منهنجو نالو اُچاري:-

"هري هرناڪش ! هري هرناڪش! هرناڪش هرناڪش هري هري!"

اِسڪولن ۾ ٻارن کان اِهو چوارائيندا هئا. هي جيڪو پراچين منتر آهي:-

"هري رام! هري رام! رام رام هري هري!

هري ڪرشن! هري ڪرشن! ڪرشن ڪرشن هري هري!"

اِهو وسري ويو. هاڻ لوڪ اُچارڻ لڳا:-

"هري هرناڪش، هري هرناڪش، هرناڪش هرناڪش هري هري!"

اِن آتهہ ۾، اِن راجا کي پرهلاد نالي پٽ جمي ٿو. ننڍي هوندي ڪانوڻي سنسڪار جن تي آهي رام نام. اِسڪول ۾ وڃي ٿو، ماستر چوي ٿو: چئو:- "هرناڪش!" هي چوي ٿو:- "رام! رام! رام!" هاڻ ماستر ڇا ڪري؟ هڪ پاسي راجا، ٻئي پاسي راجا جو پٽ. هن کي ڪجهہ چئي بہ نہ سگهي. سو چيائين:- "نيٺ بہ هي راجا ٿيندو، منهنجي ڪل لاهيندو." اِن ڪري راجا جي پٽ کي ڪجهہ چوندائي ڪونهن. خاص ڪري وڏو پٽ. اُن زماني ۾ اُن کي Prince of Wales ڪري چوندا هئا. نيٺ محلات ۾ هڪ ڏينهن هرناڪش ٻڌي ٿو. لنگهي ٿو تہ ٻڌي ٿو، پرهلاد ويٺو ڳائي:-

"هري رام! هري رام! رام رام هري هري!

هري ڪرشن! هري ڪرشن! ڪرشن ڪرشن هري هري!"

هي ڇا؟ ڪير ويٺو ڳائي؟ چونس ٿا:- "تنهنجو پٽ پرهلاد." راجا چوي ٿو:- "ڇو هن کي اِسڪول ۾ ڪونہ سيکاريو اَٿن ڇا؟" ماستر کي يڪدم ڪوٺين ٿا. ماستر اَصل صفا ڀڳهرجي وڃي ٿو. هرناڪش جي اَڳيان اَچي بيهي ٿو. چوي ٿو:- "سائين! سائين! منهنجو ڏوهہ ڪونهي!" "اَڙي! تنهنجو ڏوهہ ڪونهي تہ ڪنهن جو ڏوهہ آهي؟ مون توکي حڪم ڪيو آهي تہ اِسڪول ۾ شاگردن کي "هري هرناڪش، هري هرناڪش..... "وارو منتر سيکار. هي "هري رام، هري رام....." وارو منتر پيو چوي." ماستر چوي ٿو:- "سائين! مون گهڻوئي هن کي سيکاريو آهي، پر مان ڇا ڪريان؟ هي منهنجي ڳالهہ ٻڌي ئي نٿو. چوي ٿو:- "هرناڪش

زماني جون پيو ڳالهيون ڪرين.

مان توهانکي هن زماني جي ڳالھ ٿو ٻڌايان. هن جو نالو ڪمارل ڀٽ. چوندو هو:- ”جنهن اِنسان کي وشواس آهي، تنهن کي ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿي اَچي سگهي.“ چيائونس:- ”اَسين تنهنجو اِمتحان وٺون.“ چيائين:-”ڇو نہ وٺو.“ چيائونس:- ”توکي مٿان ڀهاڙن تان اُڇلائينداسين. ڏسون توکي ڪجھ ٿئي ٿو يا نہ.“ ڪمارل ڀٽ چوي ٿو:- ”وشواسي اِنسان کي ڀهاڙ تان اُڇليو يا سمنڊ ۾ ٻوڙيو، اُن کي ڪجھ ڪونہ ٿيندو.“ هن کي ڀهاڙ تان اُڇلائين ٿا. جڏهن تڙي تي ڀهچي ٿو، اَچي ڏسن ٿا تہ هن جي آڱوٺي تي ڦٽ ٿي پيو آهي. چيائونس:- ”ڏس، تنهنجي آڱوٺي تي ڦٽ ٿيو آهي.“ تو چيو:- ”مونکي ڪجھ ڪونہ ٿيندو.“ چيائين :- ”اِن ۾ سائينءَ جي چوڪ ڪين آھ، پر مَنهنجي چوڪ آهي.“ چيائونس:- ”تنهنجي چوڪ ڪهڙي؟“ چيائين :- ”جڏهن توهان مونکي مٿان اُڇليو، تڏهن مون دل جي اَندر چيو تہ جي پريو آهي تہ مون کي ڪجھ ڪونہ ٿيندو. مون پريوءَ ۾ شڪ اُٿاريو.“ مون چيو:- ”جي پريو آهي.“ مون کي چوڻ کپندو هو:- ”پريو آهي: اِن ڪري مونکي ڪجھ ڪونہ ٿيندو.“ چيائين:- ”مون کي ٻيو ڀيرو وري اُڇليو.“ هيءَ تواريخ جي ڳالھ آهي. ٻيو ڀيرو وري اُڇلايائونس، ڪجھ ڪونہ ٿيس.

اِهو وشواس پرهلاد کي هو. هوليءَ جي ڏينهن هرناڪش جي ڀيڻ هولڪا چوي ٿي تہ هن کي مان ڏسي وٺنديس. ڪيس باھ ۾ جلائينديس. هولڪا کي هڪ چادر (شال) مليل هئي. اُن چادر جو گڻ هو تہ جيڪو اُها پائي باھ ۾ وڃي، اُن کي باھ ڇهي نہ سگهي. راجا کي چيائين:- ”مان اِها شال پائي، پرهلاد کي هنج ۾ ڪٽي، باھ ۾ گهڙنديس. باھ ۾ پرهلاد جلي ويندو. مان وري نڪري اِينديس.“ هوليءَ جي ڏينهن هيءَ هولڪا پرهلاد کي پنهنجن ٻانهن ۾ ڪٽي باھ ۾ گهڙي ٿي. اوچتو ئي اوچتو، اُن ڏينهن اَچي تکي هوا لڳي ٿي. اَهڙي تکي هوا لڳي، جو هولڪا جي سرير تان شال اُڏامي اَچي پرهلاد تي پيئي. هولڪا ويچاري باھ ۾ جلي ويئي.

پريوءَ ۾ جنهنجو وشواس آهي، تنهن کي ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿي ٿئي. اَسان جا وشواس تمام ضعيف آهن، طاقت وارا ڪونهن، ڪمزور آهن. انهن ۾ طاقت ڪونہ آهي. هڪڙو ئي وشواسي اِنسان نڪري، جڻن مهاتما گانڌيءَ جهڙو اِنسان نڪتو. وشواسي اِنسان هو! ڇا ڪري ڏيکاريائين؟ سڄي اَنگريزي سلطنت هلائي ڇڏيائين. هينئر ويچارن جي ڪهڙي حالت آهي؟ هينئر توهين لنڊن وڃو، توهين ڏسندا ويچارا ڏتڙيل آهن. هڪ وقت هو جڏهن اَنگريز اَلائي ڪيڏيون مانيون

پئي ڪُنير وٽان لنگهيو. ڪُنير نهائين ڏُڪائي هئي. اَڃا باهه شروع ٿي هئي ته اَندران ڪنهن ڪني مان، ڪنهن مٽ مان آواز آيو.- ٻونگڙن جو آواز: شايد ٻلِيءَ ڪو اُن مٽ ۾ وير ڪيو هو ؛ هي ويچارا ٻونگڙا اُت رهجي ويا هئا ؛ ڪُنير نهائينءَ کي باهه ڏني هئي. هاڻ باهه لڳي ويئي: باهه ته وسائي ڪين ٿي سگهيو. هن ڪنير جي اَندر هميشه اِهو ويچار ته مان ڪنهن جي هنسا نه ڪريان. چوي ٿو:- ”هيڏيءَ باهه ۾ هي ڪئن جي سگهندا؟“ توهان ڏٺو آهي، نهائين ڪئن ٻرندي آهي؟ پريوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو:- ”پريو! تون ئي آهين، جو بچائي سگهين ٿو! ٻيو ڪير هنن کي بچائي ڪونه سگهندو!“ تن ڏينهن ۾ باهه وسائڻ جون مشينون (Fire Brigade) ڪين هونديون هيون، جو اُنهن کي گهرائي چوي ته هيءَ باهه وسايو. پاڻ به وسائي ڪونه ٿي سگهيو. پريوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو:- ”سائين! تون ئي هنن کي بچائي سگهين ٿو!“ اِها پرارٿنا پريو ٻڌي ٿو. پرهلاد چوي ٿو :- ”ڪير آهي، ڪهڙي شڪتي آهي، جا ٻونگڙن کي باهه مان بچائي سگهي ٿي؟“ ڪنير کان پڇي ٿو:- ”هيءَ باهه ڪڏهن گهٽ ٿيندي ؛ هي مٽڪا ڪڏهن پچي تيار ٿيندا؟ ڪنير چويس ٿو:- ”ٽي ڏينهن لڳندا.“ ٽئين ڏينهن، اُن وقت، وري وڃي پرهلاد اُت بيٺو آهي. جڏهن ڪنير مٽڪا ڪڍي ٿو، ساڳيو آواز ٻونگڙن جو ٻڌي ٿو. پرهلاد چوي ٿو ته” جو پريو ٻونگڙن کي باهه مان بچائي سگهي ٿو، سو ڇا نٿو ڪري سگهي؟“ هنجو وشواس پڪو ٿي ٿو وڃي.

پرهلاد کي ڇا ٿا ڪن؟ پُٽ گهر ۾ ٿا ٻُورين. پُٽ گهر آهه اونداهو گهر، جنهن ۾ چوڻ ٿا جنّ پُٽ رهندا آهن. اُن ۾ ڪيس ٻورين ٿا. پرهلاد پياري کي پُٽ ڇا ڪندا؟ هن کي ته نام جي شڪتي آهي. اُن ڪان وڏيڪ ٻي ڪهڙي شڪتي آهي؟ هي پيارو پيو چوي:- ”هري رام! هري رام! رام رام هري هري!“ اِها ڌُني لڳائي ويٺو آهي. هن کي ڪجهه ٿيو ئي ڪونه. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڪوليائون. ڏٺائون، هي ته اڳي کان اڳرو ٿيو ويٺو آهي. چيائون:- ”هي عجب اِسرار آهي!“

وري چيائون:- ”هن کي زهر جو پيالو ڏيو.“ زهر جو پيالو موڪلينس ٿا. زهر ڏي نهاري ٿو. چوي ٿو:- ”پريو! تون ته هرهنڌ آهين! اِئين آهي ڇا ته زهر ۾ تون ڪين آهين. تون هرهنڌ آهين! زهر ۾ به تون آهين!“ اُچاري ٿو:- ”هري رام! هري رام! رام رام هري هري!“ پِي وڃي ٿو. ڪجهه ڪونه ٿو ٿئيس.

ٻهاڙن تان هيٺ ڪيرائينس ٿا. ليٽڙيون پائي، گوڙهيون ڪائي هيٺ اَچي ٿو پوي. ڪجهه ڪونه ٿو ٿئيس. توهين چوندا، اِهي ڏند ڪٿائون آهن. تون جهوني

ٻر پينرن جي پڳتي چوندا آهن وري ٻه وڏيڪ ٿئي ٿي. هت ئي ڏسو پائر ڪيترا آهن، پينرون ڪيتريون آهن. هِن پاسي ڏِنڊ، هُن پاسي سمنڊ!

جڏهن ئي ڪرشن بنسري وڄائيندو هو، گوپيون پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي، مست ٿي ٻوڙي اِينديون هيون. هڪ گوپي ويچاريءَ کي ته اَرڏانگ هو، ڇُري نه سگهندي هئي. سندس پُٽ وري وري پيو چوندو هو:- ” اَمي! تون ڪجهه چئه. تون جيڪي چئين، مان تنهنجي لاءِ ڪريان.“ هن جو مرلي ٻڌي، پٽ کي سڏيائين. چيائينس:- ”تون وري وري، روز روز پيو مونکان پڇندو آهين، ڇا ڪريان؟ اَڄ مون کي ڪٽي هل.“ پاڻ کي ڪٽائي اَچي ٿي اُن جڳهه تي. هڪ گوپي جنهن کي مٿي ۾ ڏاڍو سور، سرير گرم، ٻوڙندي اَچي ٿي. وسري وڃيس ٿو ته مون کي بخار آهي، مون کي مٿي ۾ سور آهي. اَچي ٿي. شيام ۽ ٻلرام پڇڪاريون پري پئي هنيون. گوپيون اَچي پڪارين ٿيون شيام کي ته ”اَسان کي به ته هڻ! اَسان کي به ته هڻ!“

”شيام مُراري! هي بنواري!
موهي اَپني هي رنگ ۾ رنگ لي!“

شيام! مون کي به ته پنهنجي رنگ ۾ رڱ! تو هن کي رڱيو، تو هُن کي رڱيو، مان رهجي ويس. مونکي به تون رڱ. سڀ وينيون پُڪارين:-

”شيام مُراري! هي بنواري!
موهي اَپني هي رنگ ۾ رنگ لي!“

اَڄ جو ويچار اِهو آهي. سڀاڳي سا دل جنهن منجهان هڪ ئي پڪار اُٿي ٿي: -”مون گهر ڪڏهن تون اِيندين شيام؟ پنهنجي رنگ ۾ ڪڏهن رڱيندين، شيام؟“ جو شيام جي رنگ ۾ رڱجي ٿو، اُن کي سنسار ۽ سنساري ڳالهيون وسري وڃن ٿيون.- ”وسر گئي سڀ تات پرائي.“ جو شيام جي حاضريءَ ۾ آهي، اُن کي ٻي ڪا ڳالهه ياد پوندي ڪين. اَڻ ٿيڻي آهي ته ڪو شيام جي حاضريءَ ۾ وهي ۽ ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جو ويچار ڪري سگهي. اُهو جي شيام کان دُور آهي ته به سڄو وقت ڪيس هڪ ئي ويچار ته ڪڏهن مونکي منهنجو محبوب ملندو؟ ڪڏهن پنهنجو درشن ڏيندو؟ ڪڏهن هلي ڪيس ملنديس؟ سرتيون، ساهه سندوم، ڪيم حوالي هوت جي! مان هي تتر وڃي ناهيان، هيءَ رولي وڃي ناهيان، ڪڏهن اَچي ڪائيندو؟ تن ڏينهن ۾ مڪڻ ناهينديون هيون. ڪڏهن اَچي ڪائيندو؟ ڪڏهن اَچي قبول ڪندو؟ هڪ اُن ويچار ۾، هڪ اُن ڌيان ۾! سڀاڳو سو، جو هڪ اُن ڌيان ۾ رهي ٿو.

”شيام مُراري! هي بنواري!

کائيندا هئا. ڀرين صبح جو اُٿندا هئا، Bed time tea وٺندا هئا. تنهن سان گڏ ڪيڪ ۽ بسڪوٽ ضرور کائيندا هئا. اُن کان پوءِ نيرن (Break fast) وٺندا هئا. تنهن کان پوءِ منجهند جي ماني (Lunch) جنهن تي پنج courses وٺندا هئا. اُن کانپوءِ Tiffin، وري تنهن کانپوءِ رات جي ماني (Dinner). Dinner تي اَلائي ڪيترا courses هوندا هئا. پڇاڙيءَ جو فروٽ يا ڪا مٺي شيءِ (Dessert) کائيندا هئا. هينئر ويچارا، منجهند جي وقت توهين ڏسو Sandwitch کان وڌيڪ نٿا کائي سگهن. اِها حالت آٿن. مهاتما گانڌي، هڪ ماڻهو، ڪين ڏوڏي ڇڏيائين. وشواس جو اِنسان هو!

شري ڪرشن چوي ٿو:- "جنهن جو من ۾ وشواس آهي، تنهنجي يوگ ڪيم جو بار مان پاڻ تي کڻان ٿو. اُهو اِنسان ڪڏهن نٿو منجهي. يوگ ڪيم جو بار معنيٰ جيڪي هن کي گهرجي، سو مان هن کي پهچايان ٿو، جيڪي هن کي اَڳيئي آهي، اُن جي مان رکيا ڪريان ٿو. هن کي اُن جي چنتا نٿي ڪرڻي پوي. مان هن جو چوڪيدار آهيان."

پر توهان مون کان اَڄا تائين اَڄ جو ويچار ڪونه پڇيو آهي. اَڄ جو ويچار اَٿو هن ويچار تي ته ڀرين ڀرين هولي، جنهن روپ ۾ اَسين ڏسون ٿا، شيام سُندر ملهائي. ڪيترا ئي مثال آهن. شيام سندر کي قدرت ڏاڍي وڻندي هئي. جنهن ڪنائين ته قدرت اَڄي سجاڳ ٿي آهي، جتي نهار، اُتي آنند ئي آنند لڳو پيو آهي ۽ شيام سندر ته لچايون ڪندو هو. چيائين، اَڄ ڪا لچائي ڪرڻ گهرجي. سو ڇا ڪيائين جو ڏول ڪيسري رنگ جي پاڻيءَ سان ڀري ٿو. هي توهان جا تڪا رنگ ساوا، ڳاڙها، پيلا، هٽي ويچارن ماڻهن جا ڪپڙائي چٽ. ڪيترا وري اِن ۾ گلسليٽ ٿا وجهن، جڻن رنگ اَصل لهي ئي نه. ويچارن جا اُچا ڪپڙا چٽ ٿي وڃن. شيام ڪيسري رنگ جو پاڻي ٺاهيو. اُهو لهندو آهي جي پسڻ جون ڏوڙيون توهين پاڻيءَ ۾ لهڪائيندا ته رنگ ڪيسري ٿي ويندو. اَڄ ڪلهه ڪيسر ڏاڍي مهانگي آهي. ڪيسري رنگ جو پاڻي ڀري شيام مرلي وڄائي.

مرليءَ ۾ ايڏي ته ڪشش جي شڪتي هوندي هئي، جو سُتل اُٿي جاڳنديون هيون. نه رڳو پينرون، پر پاڻ پڻ. پٿرن کي به چڪيندي هئي.- گوال ۽ گوپيون. اَسان رڳو گوپين بابت ٻڌو آهي. هڪڙو ٿيڻ گهرجي گوال پاڳوت. توهان کي خبر پوي ته ڪيڏي ڀڳتي اُنهن گوالن کي هئي. ڇاڪاڻ ته سڄو ڏينهن شيام سندر اُنهن سان گذاريندو هو. اُنهن کي جهنگ ۾ ولي ويندو هو. راس گهڻي جڳهه گوپين کي ڏني آهي. پر هڪڙو پاڳوت هينئر لکڻ گهرجي گوال پاڳوت، جڻن دنيا کي خبر پوي ته گوالن کي شيام سندر لاءِ ڪيڏي نه ڀڳتي هئي.

”هري ڪرشن! هري ڪرشن! ڪرشن ڪرشن هري هري!
هري شيام! هري شيام! شيام شيام هري هري!“

وديارٿي وٽس اَچن ٿا:- ”سائين! هي سوال نياءَ ۾ نٿا سمجهي سگهون، اَسان کي سمجهاءِ.“ چوين ٿو:- ”هينئر مون وٽ اَٿو هي هي هڪ، ڪپيو ته وٺي وڃو:-

”هري ڪرشن! هري ڪرشن! ڪرشن ڪرشن هري هري!
هري شيام! هري شيام! شيام شيام هري هري!“

ماءُ چوندي هئس:- ”پُٽ، توکي ڇا ٿيو آهي؟ تون ڪهڙا نه سنا ڪپڙا پائيندو هئين. هاڻ تنهنجي ڪهڙي حالت ٿي آهي؟ مون کي چوندو هئين:- اَمي! مون کي پيز جو پلاهه ٺاهي کاراءِ. تنهن سان گڏ سائي ڀاڄي، جنهن ۾ وکر گهڻو هجي. هينئر تنهنجي حالت ڪهڙي ٿي آهي؟ تنهنجي اَکيان مان ڪاڏو آڻيان ٿي، تنهنجو ڏيان ئي نٿو وڃي.“

پوءِ ڳالهه وڏي آهي. وقت ڪين اَٿم. هن هڪ جهٽي سڄي بنگال، اوڙيسا، آسام ۾ نئون رنگ لڳائي ڇڏيو. ڪرشن جو رنگ لڳائي ڇڏيائين. چوندو هو، سولي ۾ سولو رستو ڪرشن کي پائڻ جو، سولي ۾ سولو رستو پريوءَ کي پائڻ جو آهه ڪيرتن جو رستو. هن زماني ۾ لوڪ ڌيان ۾ ويهي نه سگهندا. ٻاهران بيشڪ ڌيان ۾ وهن ٿا، پر توهان کي ٺڳين ٿا. اَندر ڏسو ته فلم پيئي هلي. پاڻ کي به پيا ٺڳين، توهان کي به پيا ٺڳين. ڌيان ۾ سڀ ويهي نه سگهندا. آسن يا پراڻايام سڀ ڪري نه سگهندا. نيمن ۾ سڀ پنهنجي جيون هڏي نه سگهندا. سولي ۾ سولو رستو آهه. اَچو ته مان توهان کي ٻڌايان:- ”ڪيرتن ڪريو. ٻڳتن سان گڏجي ويهي نام ڳايو! نام ڳايو، مُک کوليو. رڳو ٻڌو نه. جنهن وقت فقط ٻڌو ٿا، توهان جا من پيا ڀٽڪن. ڳايو، ڳايو، توهان جي ڌارا مٿي چڙهي ويندي. توهان کي سرير جي سُڌ ٻُڌ وسري ويندي. توهين وڃي پنهنجي پريتم کي ملندا. سولو رستو اِهو آهه.“

ماڻهن کي چوندو هو:- ”اَچو ته مان توهان کي نئين قسم جو سوپ پيئاريان.“ بنگال ۾ لوڪ اَڪثر ڪري مڇي کائيندا هئا. ٿورا هوندا هئا، جي نه کائيندا هئا. چوندو هون ته ”اَچو ته مڇيءَ جو سوپ، جيڪو توهين پيئو ٿا، اُن کان وڌيڪ سُٺو سُوپ. مان توهان کي پيئاريان. اَچو توهين مون وٽ: مان توهان کي سندر اِسترين کان ڀاڪر پارايان.“ پوءِ هنن کي ڪوليندو هو. اِيندا هئا، ڪيرتن ڪندا هئا ۽ چڙهي ويندا هئا. هن ماڻهوءَ ۾ شڪتي هئي. اِن شڪتيءَ ڌاران چڙهي ويندا هئا. پوءِ زمين تي پيا ليٽڙيون پائيندا هئا ۽ ڳوڙها ڳڙي اَچي سندن

موهي آپني هي رنگ ۾ رنگ لي!"

پنهنجي رنگ ۾ اَچي مونکي تون رڱ! اَسين سنسار جي رنگ ۾ رڱيا پيا آهيون. هڪ هڪ کي ڪونہ ڪو رنگ آهي. اَسين آهيون سنساري، سنسار جي رنگ ۾ رڱيل ۽ سنسار جو رنگ ٻن ڳالهين مان لهيل آهي:- (۱) هڪڙو آهہ "ڪام"، ٻيو آهہ "ڪنچن". سنت رامڪرشن چوندو هو:- "سڄي دنيا اِنهن ٻن ۾ ڦاٿي پيئي آهہ:- ڪنچن ۽ ڪامني، ڪامني ۽ ڪنچن! اهو لوڀ ۽ ڪام اَسان کي ڦاٿي ويٺو آهي. اِن رنگ ۾ اَسين رڱيا پيا آهيون. اِن ڪري اَسان جو اَندر ڪنو آهي، گندو آهہ. توهين جيڪر پنهنجي اَندر جو درشن ڪريو.

ڪلهہ مان ميران ڪاليج ۾ هوس. پوءِ ٻالڪين کي ويٺي ٻڌايم. چيومان:- سنت اَچي لنگهيو قبرستان وٽان. رات هئي چانڊوڪي. اِن چانڊوڪيءَ رات ۾ اِهي قبرون، جن تي چيروليءَ جو رنگ لڳل هو، پئي چمڪيون. تڏهن سنت چوڻ لڳو تہ "اِنهن چمڪندڙ قبرن ڏي نهاريو. اِنسان بہ اِن وانگر آهي." ششن پڇيو:- "سائين! اِن جي معنيٰ ڇا؟" سنت چيو:- "ٻاهرينءَ طرح هي قبرون چمڪن پيون، پر اِنهن جي اَندر وڇون پيا آهن، نانگ پيا آهن، سوُئيريون پييون آهن، ڪينئان پيا آهن." ساڳيءَ طرح اَسان جي اَندر بہ وڇون، نانگ، ڪينئان، سوئيريون پييون آهن. اِهو اَندر صاف ڪرڻو آهي. اِهو اَندر صاف ٿئي، جڏهن شيام اَچي پنهنجي رنگ ۾ رڱي.

"شيام مُراري! هي ٻنواري!
موهي آپني هي رنگ ۾ رنگ لي!"

اِها ڌُن لڳائي ڇڏيون. شيام هن وقت بہ زنده آهي. He is a livin_ force. زنده شڪتي آهي. جي چاهي، هينئر ڪنهن کي بہ اَچي پنهنجو رنگ لڳائي ڇڏي، جئن شري چئتنيہ کي ڪيائين. شري چئتنيہ نياءَ (Logic) جو پروفيسر هو. ٻچن تي ڪلندو هو. شيام جا ڀڳت هن جي نِگر ۾ ايندا هئا. اُنهن تي ڪلندو هو، ٺٺوليون ڪندو هو. وديارٿي هن جي پٺيان مست هوندا هئا. اُنهن وديارٿين جون ٺوليون ولي وڃي اُنهن ڀڳتن کي ملندو هو، پوءِ اُنهن تي چٿرون ڪندو هو. اِهو ساڳيو پروفيسر، نمائي سندس نالو هو، گيا جي مندر ۾ وڃي ٿو. ماتا کيس چيو آهي تہ تون وڃي پنهنجي پتا جا پنڊ ڀرائي اَچ. پنڊن ڀرائڻ ۾ سندس وشواس ڪونہ هو، پر ماءُ کي راضي رکڻ واسطي وڃي ٿو. اَچي ٿو اُت: بس، شيام جو رنگ لڳي وڃيس ٿو. موٽي ٿو، اِنسان ئي ٻيو ٿي پوي ٿو. نہ تہ ڇا تہ سهڻا ڪپڙا پائيندو هو! ڇا طعام کائيندو هو! ڇا نہ سينڌيون ڪڍندو هو! تيل ڦُليل پنهنجي سر تي هڻندو هو. هينئر رڳو ڪرشن! ڪرشن! ڪرشن!

پنھنجو پاڻ پڇاڻ

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”برھم گياني ڪيءَ غريبي سماھا،
برھم گياني پر اُپڪار اُماھا!“
(شري سکمني صاحب: اَشٽپدي ٨: پؤڙي ٣)

شري سکمني صاحب اِڪ عجيب شاستر آھي. پيارو دادا ھہ شاستر هميشه پاڻ سان رکندو هو:- (١) شريمد ڀڳوت گيتا ۽ (٢) شري سکمني صاحب. پيارو دادا ولايت ويو تہ بہ پاڻ سان اِھي ٻہ شاستر کڻي ويو. ميران اِسڪول ڪوليائين، چيائين، وديارٿين جي وديا اِنهن ٻن شاسترن ۾ ھڏو. اَڄ ڏينهن تائين ميران اِسڪول جا وديارٿي اَڇن، پاڻ سان گيتا ۽ سکمني صاحب ضرور کڻي اَچن.

شري سکمني صاحب جي ٨ اَشٽپديءَ جي ڏاڍي مهما ٿيل آھي. چوندا آھن:- جي سڄي سکمني صاحب جو پاٺ نہ ڪري سگھو، تہ گھٽ ۾ گھٽ ٨ اَشٽپديءَ جو پاٺ ضرور ڪريو. ھہ منٽ، اَڍائي منٽ مَس لڳندا. جي سڄي اَشٽپديءَ جو پاٺ نہ ڪري سگھو تہ گھٽ ۾ گھٽ اِن ٨ اَشٽپديءَ جي ٣ پؤڙيءَ جو پاٺ ڪريو. مان سمجھان ٿو ساڍا اَرڙھان يا اُڻويھ سيڪنڊ مس لڳندا. اِن ٣ پؤڙيءَ ۾ ھي ھہ ٽُڪون اَچن ٿيون:-

”برھم گياني ڪيءَ غريبي سماھا،
برھم گياني پر اُپڪار اُماھا!“

گروجن برھم گيانيءَ جون نشانيون ھڏائين ٿا. برھم گياني ڪير آھي؟ اَڄڪلھ ڀارت ۾ جتي ويندا، اُت برھم گياني توھانکي ڪيترائي ملندا. پر گروجن گيانين جو ذڪر نٿا ڪن. گروجن برھم گيانيءَ جو ذڪر ڪن ٿا. گياني ۽ برھم گيانيءَ جي وچ ۾ تفاوت آھي. اِنجو مطلب اِھو ڪونھي تہ گياني برھم گياني ڪونھي. گياني برھم گياني ٿي سگھي ٿو، پر ھنن جي وچ ۾ تفاوت آھي. گياني گھڻو ڪري شُشڪ آھي. پستڪن جو اِنسان آھي. برھم گياني ٿي سگھي ٿو تہ پستڪ پڙھي ھہ نہ سگھي، تہ بہ ھن کي برھم گيان آھي. گياني اڪثر ڪري

وات ۾ پوندا هئا. پوءِ سجاڳ ٿيندا هئا: چوندا هئا:- ”چئتنيہ! تو آسان کي هي تہ ڏنو ئي ڪونہ. نڪو سندر اِسترين اَچي آسان کي پاڪر پاتو، نڪو آسان کي سُوپ مليو.“ چوندو هون:- ”ڌرتي ماتا پاڻ توهان کي پاڪر پاتو. اِن کان وڏيڪ سندر ڪير؟ سُوپ ڇهڙو توهان کي سٺو ڏنم. هيترا ڳوڙها توهان جي وات ۾ ويا!“

اَسين ڪيرتن اَچا ڪونہ ڪري سگهيا آهيون. ڀرين ڀرين ڪيرتن منڊلي هن شروع ڪئي. شري واس! سڀاڳو شري واسديو! اُن کي وڏو اَڱڻ هوندو هو. تن ڏينهن ۾ اَڱڻ سان گهر ٺاهيندا هئا. هينئر جيڪي flats نهن ٿيون، اُنهن ۾ اَڱڻ نہ ٿا نهن . تن ڏينهن ۾ اَڱڻ هوندا هئا. پوءِ شري واس جي گهر جي اَڱڻ ۾ ٿورا ڀڳت ڪٺا ٿي پاڻ ۾ ڪيرتن ڪندا هئا. آنند ۾ اَچي ويندا هئا. چئتنيہ چوندو هو:- ”ٻئي ڪنهن کي اَندر اَچڻ نہ ڏيو. جيڪڏهن ڪو ناستڪ ايندو يا ڪو ٻين ويچارن سان اِيندو تہ آسان جي ڪيرتن ۾ اَچي ڀنگ وجهندو. Vibration نڪرندي ڪين، جا آسان کي اُتي وٺي هلي.“ پوءِ خبر اَٿو، ڇا ڪندا هئا؟ هڪ ٻئي کان موڪلائيندا هئا تہ چوندا هئا:- ”سڀان جو اَکر هيءُ اَٿو ”طوطو“. دروازي تي ماڻهو بيٺو هوندو هو. جيڪو ”طوطو“ اَکر اُچاريندو هو، تنهن کي اَندر اَچڻ ڏيندو هو. ٻئي ڪنهن کي نہ. اِهو سندن Code word هو. پوءِ جڏهن هنجي Movement وڌي آهي، پوءِ تہ رستي تان پل ڪيز بہ اَچي،هنن تي ڪو اَثر ڪري ڪونہ سگهندو هو.

توهان جو ڪيرتن آهي ڇا؟ توهين بہ جيڪر اُن ڀڳتيءَ، اُن اُمنگ ۾ ويهي ڪيرتن ڪريو. اِهو اُمنگ ڪٿي، اِها مستي ڪٿي، توهان کي جيڪر چاڙهي ڇڏي.

مونکي سڀ آسيس ڪجو! واهگرو توهان سڀن تي آسيس ڪري! اِهو منتر پنهنجي دلين اَندر ڪٺي وجو:-

”شيام مُراري! هي بنواري!

موهي آپني هي رنگ ۾ رنگ لي!“

(پونا: ۸-۳-۹۰)

۾ ڪونہ لڳندو هو. هنجا ويچار ۽ هُئي پاسي ويندا هئا. ڏاڍي هوشيار ماستر وٽ ڪيس موڪليائون. نيٺ اُن رام ڪمار کي چوائي موڪليو تہ ”تون پنهنجي ياءُ کي واپس ولي وڃ. جنهن صندليءَ تي تنهنجو ياءُ اَچي وهي ٿو، اُن صندليءَ کي پاڙهڻ ۽ سيکارڻ مون واسطي سؤلي ڳالهہ آهي، پر مان تنهنجي ياءُ کي نہ پاڙهي سگهندس.“ يعني صندليءَ کان بہ هنکي گهٽ سمجهائين. اُهو اِنسان ايڏي اَوستا تي پهتو ، جو وشو وديالن (Universities) جا پروفيسر اَچي سندس چرنن ۾ وهندا هئا. چونداهئا:-”سائين! ڪي وچن اَسان کي ٻڌايو.“ چوندا هئا:- ”هن جي مکہ مان پيا موتي ڪِرن.“ شاسترن جي وديا کيس ڪونہ هئي. اِئين تہ صحيح بہ ڪونہ ڪري سگهندو هو.

آنند مئي ما، کيس وديا جي ڄاڻ بلڪل ڪين، پر اَندر جي سوجهي، اَندر جي جوت کيس هئي. اِها اَندر جي جوت آهي سيکجهہ، نہ ٻاهر جون ڳالهيون.

سنت ڪبير ڪوري هو، لکي پڙهي ڪونہ ڄاڻندو هو، پر ڏسو هن سنت جي مکہ مان ڪهڙي نہ عجيب ٻاڻي آئي آهي. سندس ڪنٺ چڪر کلي ٿو. شلوڪ پٺيان شلوڪ، گيت پٺيان گيت پيا اَچن. اُهي شلوڪ، اُهي گيت درج ٿيل آهن گرو گرنٿ صاحب ۾. توري ٻاڻي ڇڙهيل آهي، پر هن سنت جي ڪيتري ئي ٻاڻي آهي. ڪبير جي ٻاڻيءَ جو اِڪ گرنٿ آهي. بنارس ۾ ”ڪبيرا چوڙا“ آهہ، جت هنن جو مرڪز آهي، اُتي ڪبير گرنٿ رکيل آهي. ڀارت جي ڪوي رويندرناٿ ٽئگور ڪبير جا هڪ سؤ گيت ، اَنگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا. ولايت ۾ جڏهن ماڻهن اُهي پڙهيا، چيائون، هي تہ ڪو عجيب اِنسان آهي ۽ وڏيڪ عجب ۾ پيا، جڏهن کين خبر پيئي تہ هن وديا اَصل ڪونہ ورتي. اَکرن جي وديا هنکي ڪين هئي. ڪوريءَ جو ڪم هي سنت ڪندو هو.

سنت دادوُ، اَسانجي سنڌ جو سنت سڏنو، کين ڪا پستڪن جي وديا ڪونہ هئي، پر کين اَندر جي سوجهي، اَندر جي جوت هئي. اِها جوت ڪولٽي آهہ! جوت ڪوليو!

پيڻ:- دادا، پوءِ اِها جوت ڪئن ڪلي؟

دادا:- ”برهم گياني ڪيءِ غريبي سماها!“ گروجن چون ٿا:- ”غريب ٿيو!“ توهين سڀ شاهوڪار آهيو. مونکي چون ٿا:- ”بمبئيءَ ۾ ڪوبہ ماڻهو لکاپتيءَ کان گهٽ ڪين آهہ.“ مون چيو:- ”اِهو وري ڪيئن؟“ چيائون:- ”جنهن جڳهہ ۾ رهي ٿو، اُها ڏهن هزارن ۾ ورتي هونداٿين. اَڄ اُن جو ملهہ ڏهہ لکہ هوندو.“ توهين سڀ شاهوڪاريءَ پاسي پيا وڃو. گروجن چون ٿا:- ”جيڪڏهن برهم گياني

بحث ڪري ٿو. بحث ايڏا ڪندا آهن، پيا هلندا آهن.

هڪڙو ماڻهو، جنهن بابت اَسين سمجهندا هئاسين ته سچو برهم گياني آهي، اَسانکي اُپديش ڏيندو هو. اَسانجي دلين اَندر نئين جذبات جڳائيندو هو. هڪ ڏينهن مان ڏسان ته رستي جي ڪنڌ تي هِي ماڻهو ۽ هڪ ٻيو، ٻئي وڃا پاڻ ۾ بحث ڪن ۽ بحث ڇا تي وڃا ڪن؟ ته "اوم" اکر جي سچي معنيٰ ڇا آهي؟ هڪ چوي ته هيءَ معنيٰ آهي، ٻيو چوي ته هيءَ معنيٰ آهي. اِن بحث مان مون ڏٺو ته روشني ڪين نڪتي، پر گرمي اَچي پيدا ٿي. بحث اُهو، جو روشني آڻي، پر هنن جي بحث مان گرمي اَچي نڪتي ۽ گرمي به اَهڙي اَچي نڪتي، جو هڪٻئي سان تڪا اکر ڳالهائڻ لڳا. هڪٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. جنهنکي اَسين سنڌيءَ ۾ گاريون ڪري چوندا آهيون، هڪ ٻئي کي گاريون ڏيڻ لڳا. پوءِ ڇا ٿيو؟ مونکي ته اَکيون پورڻيون پيبون. هڪ ٻئي کي ڌڪ هڻڻ لڳا. گرمي اَچي نڪتي. برهم گياني گرميءَ کان پري آهي. برهم گياني بحث ڪونه ڪندو. توهين هن کي بحث ۾ چڪيندا، برهم گياني توهانکي چوندو:- "بحث ٿيندو، جڏهن گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڄڻا هوندا." برهم گياني چوندو:- "هتي رڳو هِڪُ تون آهين، ٻيو ڪو وڃي ڳول." پاڻ بحث ڪونه ڪندو. برهم گياني جوت جو اِنسان آهي. برهم گياني آهي روشنيءَ جو اِنسان. برهم گيان تڏهن ٿو پراپت ٿئي، جڏهن دل جي ڪمل گل ۾ جوت جو ديدار ملي ٿو. ٻهرين پنهنجي اَندر اِهو ديدار ڪريون ٿا. پوءِ جڏهن اَکيون کوليون ٿا، جت نهاريون ٿا، اُت ساڳي جوت، ساڳي روشني پيا پسون.

"جتر ديکتا هون، اُدر توهين تون هئه،
ڪِ هر شيءِ ۾ جلوا، تيرا هُوبهو هئه!"

هر اِنسان ۾، هر اِنسان معنيٰ پاپيءَ ۾، گنهگار ۾، ڪِريل ۾، وڃايل ۾، نه فقط هر اِنسان ۾، پر هر شيءِ ۾ اُن جوت جو ديدار پسي ٿو. "ڪِ هر شيءِ ۾ جلوا، تيرا هُوبهو هئه!" جڏهن اِها اوسٿا اَسانجي ٿئي ٿي، اَسين چئون:- اَسين برهم گياني آهيون، تيستائين نه. پل ڪيترا به پستڪ مان وڃي پڙهان، پر جيستائين جوت جو ديدار، ٻهريائين پنهنجي اَندر گُل ڪمل ۾، پوءِ سين ۾، جيستائين اِهو ديدار مونکي نه مليو آهي، تيستائين مان برهم گياني ڪين ٿيو آهيان.

ڪيترا برهم گياني آهن، جي پستڪ پڙهي ڪونه سگهن. سنت رامڪرشن پرمهنس جو نالو توهان ٻڌو آهه. اَسانجي زماني جو سنت هو. اِسڪول ۾ موڪليائونس. سندس ڀاءُ رام ڪمار جي ڏاڍي مرضي هئي ته هِي منهنجو ڀاءُ وديا ولي،- سنسڪرت جِي وديا، پنڊتن جي وديا. رام ڪرشن اِسڪول ۾ ويندو هو، پر هنجو ڌيان پڙهڻ

لاءِ ٻوڙي ويس ۽ هيِ راجا اَڏول ويلو آهه." اَندر جي غريبيِ، دل جيِ غريبيِ ڪيِي!

"برهم گياني کيءِ غريبي سماها!"

ڀرين ڀرين نشاني آهه اِها. بائيبل ۾ ذڪر ڪيل آهي ته هڪ ڏينهن شري اِيشا کان پڇائون ته "توکي اَسين ڪهڙي نالي سان ڪوليون؟ تون اَسانجي دلين جو شاهه آهين! اَسانجو گروُ آهين! تون اَسانجو اَوتار آهين! اَسين توکي ڪهڙي نالي سان سڏيون؟" ڏسو، ڪهڙو نالو ٿو پاڻکي ڏيِ؟ چوي ٿو:- "مونکي سڏيو 'O Poor one!' اَءِ مسڪين! اَءِ غريب اِنسان! مونکي اِئين ڪري سڏيو." اَهڙن اِنسانن جي جيڏي اوُچ منزل ٿئي ٿيِ، اوترائي اُهي نماڻا آهن.

اَمرتسر ۾ سونيِ دربار آهي. توهان مان ڪن ڏٺيِ هوندي. جڏهن گروُ اَرجن ديو جن ٺهرائيِ، تڏهن سڪن اَچن گروُجن کي چيو ته "سائَين! هيءَ دربار هميشهه لاءِ قائم ٿيندي. 'Let it be the tallest building in the land'. جيڪر اوُچي ۾ اوچيِ عمارت ڪري ٺهرايو. جيڏي اوُچي توهين چوندا، اوڏي اوُچيِ اَسين ٺاهينداسين." تڏهن گروجنْ ڪهڙو جواب ڏين ٿا؟ چون ٿا:- "پيارا! جيتري هيٺ ٺاهي سگهو، اوتري هيٺ ٺاهيو. هيٺ ٺاهڻ ۾ وري ٻه اُنجي Uniqueness هوندي. متي ڪيڏي ٻه توهين ٺاهيندا، بمبئيءَ ۾ ۹۰ ماڙ ٺهيِ وييون آهن، اُنهن سان توهين پُڄي ويندا. جيڪو هيٺ هوندو، تنهن سان ڪو پڄيِ ڪونه سگهندو." گروجن اَچي اِها سکيا ڏنيِ ته وڻ جنهن ۾ ڦل ٿئي ٿو، سو نِمي ٿو. جيڪڏهن توهان ۾ روحانيِ زندگيءَ جو سچو ڦل هوندو، توهين وڌيڪ نمندا، توهين وڌيڪ نماڻا ٿيندا. سنتن جي ته اِها ساکي آهي.

"برهم گياني کيءِ غريبي سماها!"

پيارو دادا ڪيڏو نه نماڻو هو! پاڻکي سڏايائين "نوُري نماڻيِ،" نه ته ڪيترن دلين جو نه شاهه هو! اَسين ڪيس سڏيون دادل شاهه، پر پياري دادا پاڻ کي ڪوٺايو "نوُري نماڻيِ."

۱۹۱۰ع ۾ پيارو دادا وشو ڌرم سميلن ڪانفرنس تي ولايت ۾ ڀارت جو پرتينڌي ٿيِ ويو. پياري دادا کي پئرس ۾ ولي ويا. پئرس ۾ پياري دادا کي نيپولين بادشاهه جي قبر ڏيکاريائون. نيپولين بادشاهه : ڇا ته سندس شان هو! نيپولين جي نالي اَڳيان سلطنتون اَچي ڏڪنديون هيون. رڳو نه ٻڌندا هئا نيپولين اَسانجي پاسي منهن ڪيو آهي ۽ لشڪر وليِ پيو اَچي، اَچي ڏڪندا هئا. اَيڏو هنجو دٻدٻو هو. جڏهن پياري دادا کي وليِ وڃن ٿا هنجي قبر تي، پيارو دادا چوي ٿو:-مونکي روئڻ اَچيِ ويو. مون چيو:- "نيپولين! ڇا ٿيو تنهنجو دٻدٻو! ۽ هيئر

ٿيڻ چاهيو ته غريب ٿيو!"

"برهم گياني ڪيءَ غريبي سماها!"

پر اِها غريبي جهڙين جي يا پئسن جي ڪينهي. اِها غريبي آهه، دل جي غريبي. پيارو دادا (ساڌو واسواڻي) وري وري آسانکي چوندو هو:- "مون ڪيترا غريب ڏٺا آهن، جي ڏاڍا اِيماني. اِئين ڳالهائيندا، ڄڻ سڄي دنيا خريد ڪئي اٿن. هوندا سچ پچ غريب. پر ڪي شاهوڪار وري آهڙا نماڻا، مٺيءَ طرح توهان سان ڳالهائيندا. توهانجي اَڳيان هٿ جهلي بيهندا. اِها غريبي آهي دل جي غريبي، اَندر جي غريبي."

جنڪ راجا هو، تخت تي ويٺو هو، پر ڪيڏي نه غريبي سندس دل ۾! هن بابت هڪايل آهي ته هڪ ڏينهن ڪنهن سنياسيءَ کي سندس گروءَ چيو:- "جي توکي سچو گيان پراپت ڪرڻو آهي ته وڃي راجا جنڪ جي چرنن ۾ ويهه. اُن کان سکيا وٺ. توکي گيان ملندو." سو ڪهي آيو آهي، پري کان پنڌ ڪري ڪري مٿلا ۾ آيو آهي. اَچي راجا جنڪ جي محلات ۾ پهتو آهي. راجا جنڪ جي چرنن ۾ اَچي ويٺو آهي. نهاري ٿو: چوي ٿو:- "مان پوري هنڌ تي آيو آهيان يا ڪنهن ٻي جڳهه تي پهتو آهيان. هي راجا تخت تي ويٺو آهي. هن جون رائيون هيٺريون. عيش عشرت جو سامان حاضر آهي. هي ڪيڏي نه فلڪ ۾ رهيو پيو آهي. هن راجا مان مونکي ڪهڙو گيان ملندو؟ مان پاڻ جيڪر هن مائهوءَ کي گيان ڏيان." سندس اَندر ۾ گمان اُٿي ٿو. اِتي اوچتو ئي اوچتو آواز اُٿي ٿو:- "محلات کي باه لڳي آهي!" سنياسيءَ کي ڳالهه وسري ويئي راجا جنڪ بابت ته هي عيش عشرت ۾ ويٺو آهي وغيره. ڪيس يڪدم اَچي يادگيري پيئي ته مان هڪ لنگوٽي ڌوئي ٻاهر سڪائڻ لاءِ رکي آيو آهيان ، متان اُن کي باه نه لڳي وڃي، جلي نه وڃي. ڊوڙي وڃي لنگوٽيءَ کي بچايائين. لنگوٽي ته بچائي آيو. واپس اَچي ڏسي ته راجا جنڪ اَڏول ويٺو آهي، ڄڻ ته ڪيس ڪو اَثر ئي ڪونه ٿيو آهي. تڏهن پڇائينس:- "سائين! توهان ٻڌو نه ته محلات کي باه لڳي آهي." راجا جنڪ چيس:- "ها، پيارا! مون ٻڌو. جيئن تو ٻڌو، تيئن مون به ٻڌو." سنياسيءَ چيس:- "پوءِ تون اَچا ويو ئي ڪونه آهين پنهنجو مال اِسباب ڏسڻ ته سڀ ٺيڪ ته آهي؟ ڪي تنهنجا مکيه ڪاغذ هوندا، ڪي تنهنجا ڪپڙا هوندا." راجا جنڪ چيس:- "جيڪي منهنجو آهي، اُهو مون سان آهي. اُنکي نڪو باه لڳي سگهي ٿي، نڪو پاڻي ٻوڙي سگهي ٿو، نڪي هوا سُڪائي سگهي ٿي، نڪو شستر ٽوڙي سگهي ٿو." تڏهن هن سنياسيءَ جي اَکين تان پردا لهن ٿا. چوي ٿو:- "بيشڪ، هي برهم گياني آهي. مان هڪ ننڍي لنگوٽيءَ

مليون. وديا مونکي ملي، پريو! تو مونکي اَهڙي آکھ ۾ موڪليو، مونکي وديا ملي سگهي. تون مونکي فقير بڻائي سگهين ها، رستي تي پيو رُلان ها، پيو پنان ها. هيءَ تہ تنهنجي ڪرپا آهي! جيڪي اَسانکي آهي، پريو! تنهنجو ڏنل آهي. تنهنجي ڪرپا، تنهنجي مهما! مان ڪجھ ڪين آهيان!

آئينسٽن (Enistien) وڏو سائنسدان ٿي ويو آهي. هڪ ڏينهن ويٺي نئرت بابت ٻڌايائين. چيائين:- "سائنسدان تہ سچو اُهو آهي، جو نماڻو آهي!" پڇائونس:- "ڇو؟ اِها نئرت ڪٿان ٿي اَچي؟" چيائين:- هڪ هڪ سچي سائنسدان کي خبر آهي تہ

That which he knows is so little as compared to that which yet remains be to known.

اَجا تہ ڄاڻڻ جون ڳالهيون ڪروڙها آهن، اُن مان اَسان هڪ ڳالھ مس ڄاڻي آهي. توهان کي پئسي جو اَيمان ٿئي ٿو؟ پوءِ توهان کي گهڻو پئسو آهي؟ پنجاھ ڪروڙ، سؤ ڪروڙ، پنج سؤ ڪروڙ، پنج هزار ڪروڙ، پنجاھ هزار ڪروڙ، گهڻو آهي نيٺ توهان کي؟

But that which you have it is so little as compared to that which you do not have.

دنيا جي ڪُل ملڪيت ڪٿو. توهان کي اُن مان گهڻو آهي؟ هڪ ڦڙو بہ ڪونهي. جڏهن نہ اِها پروڙ پوي ٿي، انسان پاڻيهي نماڻو ٿي پوي ٿو.

منهنجي پوڄيہ پتا جو هڪڙو دوست هوندو هو. اَسانجي گهر ۾ وري وري ايندو هو. منهنجي پتا سان گهڻي محبت هوندي هئس. ڏاڍو شاهوڪار هوندو هو. تن ڏينهن ۾ موٽرون اَجان ڪونہ هونديون هيون. ہ گهوڙي گاڏي ڪيندو هو. هڪ گهوڙي سان هوُ satisfied ڪين هو. ہ گهوڙا ڪيندو هو ۽ چوندو هو:- "هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن مان چار گهوڙا ڪيندس." هنکي پنهنجي پئسي جو مانُ هوندو هو. جڳهيون هونديون هئس گهڻيءَ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين. تن ڏينهن ۾ مسواڙُون ڏاڍيون ٿوريون هونديون هيون،- ۳۰ رپيا، ۳۵ رپيا، ۴۰ رپيا، ۴۵ رپيا. هينئر تہ مسواڙون ڳاڙي پڳيون آهن. پوءِ هي ايندو هو. ڦيري ڦيري اَچي اِها ڳالھ ڪيندو هو. منهنجون جڳهيون، منهنجو هي. پوءِ هڪ ڏينهن مان اِسڪول مان موٽيو هوس. مونکي گهر جو ڪم (home work) مليو هو جاگرافيءَ جو. Atlas کولي اَڳيان رکي ويٺو هوس. ڀارت جو نقشو کليل هو. اُنہ مونکي شايد ڪي جڳهيون identify ڪرڻيون هيون. هي بہ ڪو اوڏي مهل هليو آيو. هي جو آيو، اَچي جڳهين جي ڳالھ ڪيائين. مون چيومانس:- "سائين! اَوهانجون جڳهيون

تنهنجي حالت ڪهڙي؟" اُنوقت پيارو دادا چوي ٿو:- "اَءِ اِنسان! تون آهين ڪير؟ مليءَ جو ڍيرا!" روز توهين جيڪر آرسيءَ ۾ نهاريو. نهاري پاڻکي جيڪر يادگيري ڏياريو:- "آهين تون ڪير؟ مليءَ جو ڍيرا!" ايتري ۾ مليءَ جو ڍير ٿي ٿا وڃون. اَسين تہ جلدي ٿيندا آهيون، ڪرستانن کي وقت لڳي ويندو آهي. ڪرستانن جو سڄو سرير زمين اَندر وجهندا آهن. اَلائي ڪين ڪيترو وقت لڳي ويندو هوندو. اَسين تہ ايتري ۾، شمشان ڀوميءَ ۾ سرير ويو مس آهي تہ اُتي جو اُتي ڍير ٿي ٿو وڃي، رکہ ٿي ٿو وڃي. وقت ئي ڪونہ ٿو لڳي. آرسيءَ ۾ نهاري جيڪر اِئين چئون.

مان هڪ ڏينهن ويس هڪ ڀيڻ جي گهر. دروازو کليو پيو هو. مان لنگهي ويس اَندر. ڏٺم آرسيءَ ۾ ويٺي نهاري. مون ڀانيو، پاڻ کي ويٺي چوي:- "اَءِ اِنسان! آهين تون ڪير؟ مليءَ جو ڍيرا!" هُن مونکي ڪونہ ڏٺو. مان سانت ۾ بيٺي آهيس. منهنجي ڪن تي ڪهڙا اکر پيا؟ "مليءَ جو ڍير" ڪونہ ويٺي چيائين: ڪن تي اکر پيا:- "اَڙي سشيلا! تو جهڙي بہ ڪا سهڻي سڄي سنسار ۾؟"

"برهم گياني ڪيءَ غريبي سماها!"

ڏسو، اَسانکي اِنهن ننڍڙين ڳالهين تي اَيمان ٿو ٿئي. ڇا تي ٿو اَيمان ٿئي؟ ٿوري سونهن مونکي ملي، ٿوري وديا مونکي ملي، ٿورا پستڪ مون پڙهيا، ٿورو پئسو مونکي ٿيو، ٿورو عهدو مونکي مليو: پوءِ ڇا؟ ڏسو اَسانجو پيارو شري ساڌواڻي، ڪيڏا نہ عهدا ڪمائي آيو آهي. گجرات سرڪار جو Chief Secretary هو. ڏسو، ڪيئن ويٺو آهي؟ هيٺ! چيومانس:- "هت مٿي اَچي ويهہ." چيائين:- "نہ، مان هتي سکيو ويٺو آهيان!" جيڪو هيٺ، سو بهتر اَٿوَ. مان هتي ويٺو آهيان، ڪير مونکي ڌڪو ڏيندو: ڪِري پوندس. هِت ڌڪ لڳندم، هُت ڌڪ لڳندم. مسٽر ساڌواڻيءَ کي ڪيڏا بہ ڌڪا ڏيو، مَوج ۾ ويٺو آهي. جو هيٺ آهي، تنهنکي ڪير ڪيرائي سگهندو ڪين. مٿئين کي ڪيرائي سگهندا.

"برهم گياني ڪيءَ غريبي سماها!"

ڪهڙين ڳالهين تي اَسانکي اَيمان ٿو ٿئي؟ پنج ڪروڙ ٿيا، ڏهہ ڪروڙ ٿيا، پنجاهہ ڪروڙ ٿيا: پوءِ ڇا ٿيو؟ ڀڙيون آهن، هيو ڇا آهہ؟ ڀڙيون جي ڳڻتي بہ نٿا سگهون. مان توهان کان هينئر پڇان، مون کي جهٽ ۾ جواب ڏيو:- پنجاهہ ڪروڙ ۾ گهٽيون ڀڙيون ٿينديون آهن؟ گهڻا جواب ڏيئي ڪونہ سگهندا.

"برهم گياني ڪيءَ غريبي سماها!"

غريب ٿيو! نماڻا ٿيو! اُهي ڳالهيون، جن جو اَسانکي اَيمان آهي، اُهي نيٺ بہ آهن ڇا؟ ويهي ويچار ڪريو. اَسان تہ اُهي ڪونہ آنديون: اُهي اَسانکي

دادا:- اَسين ڇو ڪريون اَيمان؟ گوتم ٻڌ وٽ هڪڙو آيو: اَچي گهٽ وڌ ڳالهايائينس. ڏاڍا تڪا اَکر ڳالهايائين. گوتم ٻڌ چيس:- ”پيارا! تنهنجا تڪا اکر پورا ٿين ته پوءِ اَسانکي ڳالهائڻ ڏجانءِ. هُو به ويو ڳالهائيندو، ويو ڳالهائيندو. هن Greek Dictionary ڏٺلي هئي، Pali Dictionary ڏٺلي هئي. Dictionary ۾ جيڪي به گهٽ وڌ اکر پڙهيا هئائين، سي ويو چوندو. گوتم ٻڌ چيس ته هاڻ تنهنجا اَکر خلاص (exhaust) ٿيا؟ Dictionary پوري ٿي؟ چيائين:- ”ها، هاڻ اَسانجي پوري ٿي.“ گوتم ٻڌ چيس:- ”هاڻ هڪ سوال جو رڳو اَسانکي جواب ڏي. ڪو ماڻهو جيڪڏهن ڪا شيءِ ڪٿي اَچي ٿو، اَچي ٻئي کي ڏئي ٿو. پر هُو اِنسان چوي ٿو:- هيءَ شيءِ مونکي نه کپي ته اُها شيءِ اُنجي ٿي يا جيڪو ڪٿي آيو تنهن جي ٿي؟“ ماڻهو چيس:- ”مونکي خبر ڪونه هئي ته تون اَهڙو موورکه آهين، جو اِن سوال جي جواب جي توکي خبر ڪونه هوندي. ضرور جي هُو شيءِ نه وٺندو ته ٿي اُنجي، جيڪو ڪٿي آيو.“ ته گوتم ٻڌ چيس:- ”پيارا! مونکي تنهنجا اَکر نه کپن. مان توکي واپس ٿو ڪريان.“

'We need the sense of humour that's all.'

پيڄ:- دادا، اِها نمرتا ڪيئن اَچي؟

دادا:- ها، اِها نمرتا اَچي! نمرتا اَچي ٿي جڏهن اَسانکي پروڙ پوي ٿي ته اَسانکي آهي ڇا؟ اَسين آهيون ڇا؟ آهيون ڪجهه ڪين.

سنت رامڪرشن پنهنجن پيارن کي وري وري هي منتر ڏيندو هو. ڪين چوندو هو وچي اُچاريو، وچي اِن منتر جو ڌيان ڪريو:- ”ناهم! ناهم! تُو هو! تُو هو!“ ”ناهم“ معنيٰ مان ڪجهه ڪين آهيان. ”تُو هو“ معنيٰ اِڪ تونهين آهين! هيڏيون سرشٽيون تو خلقيون آهن، مان ڪهڙي چيز آهيان؟ مون خلقي خلقي پنج هار خلقيا آهن، پر اُهي پنج هار به تنهنجي شڪتيءَ ۾ خلقيا. مونکي شڪتي ڪين اَئيئي. منهنجي ماسي آهي: روئي ويٺي آهي ته مونکي هڪ پٽ ٿئي: پُٽ ٿئي نٿو. مونکي تو پنج پٽ ڏنا آهن، اِها به تنهنجي مهر آهي. جڏهن سمجهون ٿا ته سڀ پريوءَ وٽان آهي، پاڻيهي نئڙت اَچي ويندي.

پيڄ:- دادا، صدق لڏي ٿو وڃي.

دادا:- اِنڪري سنگ پُورو ڪجي. سنگ ڪجي صدق وارن جو، سنگ ڪجي سچي وارن جو. پوءِ صدق اَسانجو ڪين لڏندو. سنگ جي ڏاڍي وڏي مهما ٿيل آهي.

”برهم گياني ڪيءِ غريبي سماها!“

پيارو دادا، ڪيڏي نه سندس اَوسثا هئي! ڪنهنکي پيري پوڻ نه ڏيندو

نيٺ به ڪيتريون آهن؟" "آڙي!" چيائين:- "هڪ ڪنب ڪان بيءَ ڪنب تائين. سڄي ڳهلي منهنجي آهي." چيومانس:- "سائين! هتي Atlas تي ته ڏيکاريو." هاڻ Atlas ۾ ڀارت کي ٿوري جڳهه ڏنل آهي، تنهن ۾ سنڌ کي ته اَصل تِرُ جڳهه، تنهن ۾ ڪراچي ته هوندي هڪ نقطي (point) وانگر. هاڻ اُن نقطي (point) ۾ ويچارو ڳهلي ڪٿان ڏيکاري سگهي؟ پر تنهن ڏينهن کان فائدو اِهو پيو، وري جڳهين جي ڳالهه ڪين ڪيائين.

"برهم گياني ڪيءَ غريبي سماها!"

That which I have is so little, infinitely little, as compared to that which I do not have.

پوءِ مون کي اَيمان ڇا جو؟

ڀاءُ:- دادا، جي نماڻو ٿو ٿجي ته ماڻهو فائدو ٿا وٺن.

دادا:- فائدو ڪير ٿا وٺن؟ هڪڙن کي برهم گياني ته ڪجهه ڏيان به ڏيون. ڏسو، جيئن سقراط (Socrates) هو. سقراط هڪ وڏو برهم گياني ٿي ويو آهي. عجيب اِنسان هو. هڪ ڏينهن سقراط پنهنجي رستي تان ويو. هن جو نوجوانن سان ڏاڍو پيار هوندو هو. چوندو هو:- "نوجوانن جي دلين اَندر توهين پُورا ٻج پوکيو، توهانجي قوم نئين ٿيندي. توهانجو ديس نئون ٿيندو." هي پيارو پنهنجو ڪيترو وقت نوجوانن کي ڏيندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجن نوجوانن جي ٽوليءَ سان پيو وڃي. هڪ ماڻهو اَچي ٿو، اَصل گهٽ وڌ گاريون هن کي ڏئي ٿو. اَکر هيٺ، اَکر مٿي. گار هيٺ، گار مٿي. ڪا Dictionary ڏسي آيو هو، اُن مان ويو گارين وارا اَکر چوندو. سقراط سانت ۾ سڀ ويٺو ٻڌو. هي نوجوان، هنن کي ڏاڍو جوش لڳو. نوجوانن کي جوش ڏاڍو جلدي اِيندو آهي. پوءِ جيئن عمر ۾ وڏن ٿا ته سندن ٿورو جوش ڍرو ٿئي ٿو. اُنهن نوجوانن کي ڏاڍو جوش لڳو. سقراط کي پنهنجو گُرو ڪري سمجهندا هئا. چيائونس:- "اَسانکي موڪل ڏي ته هنکي اَصل ليک ڪري ڇڏيون. هينئر ئي ليک ٿي ويندو." سقراط چيو ته "پيارا! ليک ڪنهنکي ڪندا؟ سمجهو ڪو گڏهه اَچي مونکي ڪي اَکر چوي، توهان کي خيال ٿيندو؟ چوندا، گڏهه آهي نه، گڏهه ويٺو چوي. توهين ڇو ٿا خيال ڪريو؟ هڪڙي کو برهم گياني، اَچي چوي ته اُنجو ڏيان به ڪجي." اُن ڏينهن کانپوءِ هن ماڻهوءَ تي نالو ئي پئجي ويو گڏهه. لنگهندو هو ته سڀ چوندا هئا:- گڏهه، گڏهه. پوءِ ويچاري جي اَهڙي حالت ٿي He became so frustrated with his life، جو ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي پنهنجو آپگهات ڪيائين.

ڀاءُ:- اَسين اَيمان به نه ڪريون؟

پئي سمجهيو تہ هي ڪرمي آهي، هي ڪسان آهي. هي تہ گرو نانڪ ديو جن پاڻ آهن! گرو نانڪ ديو جن نهارين ٿا: ڏسن ٿا تہ هي ڏاڍو embarrassed پيو لڳي. ڪولي چونس ٿا:- ”پيارا! تون ڪا چنتا نہ ڪر. توکي ٿوريئي خبر هئي. مان تہ آهيان اُهو ڪسان.“ گروجن اَچي ڪسان جو ڪم ڪندا هئا. ڪرتارپور ۾ وڏي ٻني هوندي هُئن. ٻنيءَ تي پاڻ وچي پنهنجي هٿ سان ڪم ڪندا هئا. پر اِن هڪ ڳالهہ اَنگد جي، لهڻي جي دل ڇڪي ورتي. چيائين:- ”بس، هينئر سنسار ۾ منهنجو ٻيو ڪو ڪونهي، فقط گرو نانڪ ديو!“ گرونانڪ ديو جتي ويا، اُتي نئڙت جي وچي ساڪي ڏنائون!

اَڄ مان توهان سڀن جي چرنن ۾ سر جهڪائي اِها آسيس گُهران ٿو. مونکي بہ آسيس ڪريو تہ مان بہ نماڻو ٿيان!

”برهم گياني ڪيءَ غريبي سماها!“

اَيمان ڪان پري رهون. اَيمان مان اَشانتي اَچي ٿي. آسانجي من ۾ اَشانتي ڇو ٿي ٿئي؟ اَيمان جي ڪري. سڄو وقت پيئي ”مان“ ”مان“ واڪا ڪري. جت وڃو، اُت ”مان“ ”مان“ جا واڪا پيا ٿين.

هڪ ڏينهن مون پنهنجن پيارن کي چيو تہ اَجوڪي ڏينهن اَچو تہ هڪ ساڌن ڪريون. ڪهڙو ساڌن؟ اَسين پنهنجي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ”مان“ ۽ ”منهنجو“ اَکر ڪتب نہ آڻينداسين. . I , Me and Mine اِهي ٽي اَکر اَسين نہ اَنگريزيءَ ۾ ڪتب آڻينداسين، نہ سنڌيءَ ۾ ”مان“ ۽ ”منهنجو“. پر اَسان جي زبان هريل آهي، اِن ڪري وري پيو نڪري وڃي. توهين هڪ ڏينهن اِهو ڪري ڏسو. چئو:- ”مان“ ۽ ”منهنجو“ يا ‘I’, ‘Me’ and ‘Mine’ اِهي اَکر اَسين اَڄ ڪتب نہ آڻينداسين. هڪ اَسان سان اُن وقت هئي، هڪ وڏي يوگني. ولايت مان آئي هئي. چيائين:- ”اِها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟“ ”اِهي اَکر چئي يڪدم چوي ٿي:- ”مون تہ اَهڙا گهڻيئي ڪمَ ڪيا آهن.“ ڪيس خبر ڪونہ پيئي تہ ”مون“ اَکر ڪتب آندائين. هي ڇوڪريون ويٺيون اُنتي کلن. چيائين:- ”مونتي ٿيون کلو؟“ ولي واڪو ڪيائين.

”مان مان“ اَسانجي اَندر پيئي آهي. اُن کان دور رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

شل پياري پريوءَ جي ڪرپا ٿئي ۽ سنگت جي ڪرپا ٿئي! سنگت جي شيوا جي ڏاڍي مهما ٿيل آهي. سنگت جي شيوا نہ ڪندا، پوءِ سنگت ۾ جدا جدا قسمن جا مَاڻهو اَچن ٿا. ڪو هتان ڌڪ هڻندو، ڪو هُتان ڌڪ هڻندو. اَهڙو ليڪ ڪري ڇڏيندو، جو بس. پر ڌڪن کائڻ لاءِ تيار ٿيون. اوڏي مهل اَسانجي مت منجهي ٿي وڃي. اَسين چئون ٿا:- ”هي سمجهن ڇا ٿا؟ مان ڪو گهٽ ماڻهو آهيان

هو. اَسين اَجا پيري پوڻ جي ڪندا هئاسين ته ڏسندا هئاسين ته اَڳوات ئي پيارو دادا پيو پيري پوي. موڪل نه ڏيندو هو ڪنهنکي پيري پوڻ جي.

هڪ ڀڳت پياري دادا جي درشن ڪرڻ واسطي آيو. دادا جي چرنن ڀر اَچي ويٺو. اُن وقت دادا ڪرسيءَ تي ويٺو هو. هوُ اَچي چرنن ڀر ويٺو. دادا ڏٺو ته دروازي جي ٻاهران هي پنهنجي جتي لاهي آيو هو. اُتي ڪا اُس اَچي ويئي. اُس ۾ جُتي پيئي هئي. پيارو دادا پاڻ سانت ۾ اُٿي جُتي اُس مان ڪڍي ڇانو ۾ رکي آيو. چوي ٿو:- ”هي ڀڳت ويندو، جتي پائيندو ته ڪيس پيرن ۾ جتي گرم لڳندي.“ هن ڀڳت جو ڏٺو، اَصل روئي جو روئي. ”دادا! هي توهان ڇا ڪيو؟ مونکي توهان ڪيڏو نه بار چاڙهيو آهي! توهان ويهي منهنجي جتيءَ کي هٿ لڳايو.“ اِها ساکي ستپرکه ڏيئي ويا آهن.

شاه عبداللطيف کان هڪ ڏينهن پڇيائون:- ”تون شيعو آهين يا سُني آهين؟“ چيائين:- ”مان ٻنهي جي وچ ۾ آهيان.“ چيائونس:- ”وچ ۾ ته آهي ڪجهه ڪين.“ چيائين:- ”مان آهيان اُهو ڪجهه ڪين!“

پياري دادا کان به ساڳيءَ طرح پڇيائون. هڪ هنڌ پيارو دادا ويو. گُمنام ٿي ويو، جيئن ڪنهنکي خبر نه پوي ته هي ڪير آهي. پر سنت ته لڪي نٿا سگهن. ماڻهن نهاريو. ڏٺائون:- ”هي ته ڪو الله لوڪ اِنسان آهي.“ هڪ ٻئي ۾ دادا هليو. پڇيائونس ته ”تون هندو آهين يا مسلمان؟“ دادا چيئين:- ”مان ٻنهي جو وچ آهيان.“ چيائونس:- ”وچ ته آهي ڪجهه ڪين.“ چيائين:- ”مان اُهو ڪجهه ڪين آهيان!“ ته هي سنت ڪجهه ڪين آهن. نُوري گرنٿ مان وچن اِيندو آهي:- ”خاڪ ڏي خادم ڪي ته ليان ڪجهه ڪين!“ خاڪ وڃي ولون سنتن جي پيرن جي. ڪجهه ڪين ليون!

گرو نانڪ ديو جن جي توهانکي خبر آهي ته ڪيئن لهڻي تي جادو هلئي ٿو. لهڻو، جو پوءِ ٿئي ٿو گرو انگد ديو. ڪيئن وڃي پيو. گهوڙي تي چڙهيو ويٺو آهي. گروجن اَچي اُتان لنگهن ٿا. لهڻو سمجهي ٿو ته هي ڪو ڪڙمي آهي. چويس ٿو:- ”مونکي ٻڌائي سگهندين، گرو نانڪ ديو جن جو آستان ڪٿي آهي؟“ گروجن چونس ٿا:- ”سائين! مان به اوڏانهن پيو وڃان. اَچو ته مان توهانکي وٺي هلان.“ هن جي گهوڙي جو لغام گروجن پنهنجن هٿن ۾ پاڻ جهلي وٺي هلن ٿا. لهڻو گهوڙي تي چڙهيو ويٺو آهي. ڪرتارپور ۾ اَچي پهتا آهن. گروجن چونس ٿا:- ”سائين! هي اَتو اُهو آستان. توهين پل هٿ منهن ڌوئو. شام جو اِيندا ته هيتِ ستسنگ لڳندو آهي، جتي توهانکي درشن ملي سگهندو.“ شام جي وقت لهڻو اَچي ٿو. ڏسي ته هي ساڳيو ڪڙمي آهي، جيڪو لغام جهلي ٻئي آيو. مون

هر حال ۾ سمان

دادا: - اَڄ جو ويچار آهي: -

"سک سپنا، ڏک ٻُڏ ٻُدا، ٻئي هئہ مهمان:

اُسکو آدر ديجيئي، جو ڀيجيء ڀڳوان!"

سک اَٿو سُپني وانگر. ڪِن پنگہ آهي، وري هليو وڃي ٿو. سک جيڪو اَسان کي سنساري شين مان، سنساري پدارٿن مان ملي ٿو، اُهو سک اَسان سان هميشه ڪونہ هوندو. ڪجھ وقت واسطي آهي. پوء جڏهن تہ اَسين سپني مان اُٿياسين. اَڙي! هي جڏهن تہ سپنو هو. "سک سپنا، ڏک ٻُد ٻُدا." ٻُد ٻُدو ٿيندو آهي: پاڻيءَ تي ڦوڪٽا توهان ڏٺا آهن. ڦوڪٽا پيا نکرندا آهن، ڦوڪٽا پيا ڀڄندا آهن. ڏک اِئين ٻُد ٻُدي وانگر آهي. "دونو هئہ مهمان:" ٻئِي مهمان تِي اَڄن ٿا. ٻئي ٿوري وقت واسطي آهن. ورلي ڪو مهمان هميشه رهِي پوندو آهي. هونئن مهمان ٻي ڏينهن، چار ڏينهن، آٺ ڏينهن، ڏهہ ڏينهن رهندو. وري واپس هليو ويندو آهي.

هڪ راجا هو. اُنجي درٻار ۾ هڪ رشيءَ جهڙو اِنسان هوندو هو. هڪ ڏينهن راجا هن کان سوال پڇيو. چيائينس: - "مونکي ٻڌاء، اِئين ممڪن آهي تہ خوشيءَ جي وچهِ اِنسان پاڻ کي دکي سمجهي؟ ۽ دکہ جي وچهِ اِنسان پاڻ کي سُکي سمجهي. اِهو ٿِي سگهي ٿو؟" تنهن تي هُن چيو تہ "تنهنجي سوال جو جواب مان توکي پوري وقت تي ڏيندس، تون ڪجھ وقت ترس. پر تيستائين مان توکي ڪي اَکر لکِي ڏيان ٿو، اُهي تون پوريءَ طرح پاڻ وٽ سانديِ رکہ. جڏهن مان توکي چوان، تڏهن اُهي اَکر تون کولي پڙهج. هينئر نہ پڙهجانءِ. هينئر وچِي ٿهليءَ ۾ بند ڪري رکہ." راجا چيو: - "حاضر!" هن سترڪہ ٿورا اَکر ٻئي تي لکي ڏنا. ٻئو ويڙهي ڏنائينس. راجا پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ ويو، اُتي وڃي هڪ پيٽيءَ ۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ رکي ڇڏيائين. راجا کي ڳالھ وسري ويئِي. ٻيا جيڪي ويٺا هئا، تن کي بہ هيءَ ڳالھ وسرِي ويئِي. راجا جي درٻار ۾ گهڻيئي ڳالهيون ٿين ٿيون، پر رشيءَ کي ڪونہ وسرِي.

ڇا؟"

هڪڙو ماڻهو ڏاڍو نماڻو هوندو هو. مان ٻالڪي دل جي اَندر چوندو هوس ته هيڏو نماڻو مان ڪڏهن ٿيندس؟ پريو! مونکي اهڙو نماڻو تون ڪڏهن ڪندين؟ هڪ ڏينهن آيو: چيائين:- "مان فلاڻي کي ملڻ آيو آهيان." چيائونس:- "هن جو دروازو ته بند پيو آهي." چيائين:- "خبر اٿو، مان ڪير آهيان؟" چيائونس:- "تون ڪير به هجين. اَسين ته ڪجهه به ڪري نٿا سگهون. دروازو بند آهي." چيائين:- "مونکي دروازو ڏيکاريو: مان هلي کوليندس." بس، اَندر جو آپو پيو آهي، نڪري ٿو اَچي. ڪيترا پيرا وري اِهو "مان" سوُڪيم روپ ولي ٿو اَچي. "مان" نماڻو ٿي ويس. مونکي وري نَماڻائيءَ جو اَيمان اَچي ٿيو. مان ڪيڏو نه نماڻو ٿي ويو آهيان. واهگرو شل بچائي! گُروجن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ چون ٿا:- "هؤميءَ ديرگهه روڳ هئه! "هؤميءَ وڏو روڳ آهي. ڪئنسر کان گهڻو وڌيڪ، گهڻو کُهنو، گهڻو اونهو آهي هؤميءَ جو روڳ! "هوميءَ ديرگهه روڳ هئه، دارون ڀي اِس ماهه!" گروجن چون ٿا ته اُنجي دوا به اُنهي ۾ ئي پيئي آهه. جڏهن پروڙ پوي ٿي ته مان ڪير آهيان، هؤميءَ دور ٿي وڃي ٿي. اِنڪري سنتن ستپرکن جي آسان ڪي سکيا آهي:- "پيارا! پنهنجو ٻاڻ پڇاڻ! تون هي سرير يا من ڪين آهين. اَندر جهاتي پائي پنهنجو ٻاڻ سڃاڻ!"

اِنڪري سانت ۾ وهڻ جو اَڀياس ڪريون. ٻالڪي سمجهايون. سانت ڪي ڏاڍو مهتو ڏنل آهه. سانت کي پنهنجي جڳهه آهه. سانت ۾ جيڪر روز روز ڪجهه وقت ويهون. جيڪي توهان مان سانت ۾ اَڳيئي وهن ٿا، تنکي ڌنيواد . جيڪي اِئين نه ٿا ڪن، اَڄ کان ئي شروع ڪن. ۱۵ منٽ ئي سانت ۾ ويهي ٻالڪي ڪو نه ڪو سبق سيکاريو. منهنجا پيارا! هينئر وقت اَچي پريو آهي. هي جيڪي تو ڪمايو آهه، اِها ڪمائي ته هٿي ئي کسڪي ويندءِ. اَڳتي لاءِ ڪا ڪمائي ڪئي اَٿيئي يا نه؟ روز روز جيڪر ويهي ٻاڻ کي اِئين سمجهايون!

ٻاڻ چيائي ٻاڻ ۾، وڃايو جني ٻاڻ:
تن کي پيئي پريتم جي، سموري ڄاڻ سڃاڻ!

(ٻامبي: ۸-۱۱-۸٦)

رشيِ چويس ٿو:- ”اَجا ترس. پٽي کي سوگهو رکہ. اَجا توکي سبق سکڻو آهي. هيل تائين فقط اَڌ سبق سکيو آهين“. مهنا گذري وڃن ٿا. اوچتو ئيِ اوچتو هن جي راڄ جي پرسان راڄ وارو راجا ڪاهہ ڪري اَچي ٿو. راجا ڪاهہ ڪري آيو تہ هن جو سپهہ سالار (Commander-In-Chief) اَچي ڀڄو. راجا کي ڏڪندي ڏڪندي اَچي چيائين:- ”راجن! ڪاهہ ٿيِ آهي ۽ دشمن جو لشڪر ڏاڍو وڏو آهي ۽ ڏسڻ ۾ اَچي ٿو تہ هنن کي اوزار بہ تمام تکا آهن. اَسان جو هنن سان پڄڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو.“ راجا دکہ ۾ پرجي وڃي ٿو. چوي ٿو:- ”هاڻ ڇا ڪبو؟ هنن جو لشڪر وڏو . هنن جا هٿيار بہ sophisticated آهن. اَسين ڪئن پڄيِ سگهنداسين؟“

اُن وقت وري رشي اَچي ٿو. رشي اَچيِ چويس ٿو:- ”راجن، مونکي هڪ ڳالهہ چوڻيِ آهيِ.“ راجا چويس ٿو:- ”مان هينئر ڏاڍي دکہ ۾ آهيان. مان ڀي ڳالهہ سمجهيِ ڪونہ سگهندس، جا تون مونکي چوندين. تنهنجون ڳالهيون ڏکيون ٿينديون آهن. اُهي مان پوري وقت تي سمجهہ ۾ هجان تہ سمجهيِ سگهان.“ رشيِ چويس ٿو:- ”نہ راجن! تون سمجهيِ سگهندين. تون چنتا نہ ڪر. تون رڳو هينئر وڃ پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾. يادگيري اَٿيئي تہ مون توکي پنو لکيِ ڏنو هو، اُهو کولي تون پڙهہ.“ راجا وڃي ٿو. پيتي کولي ٿو، پنو پڙهي ٿو:-”سکہ ۽ دکہ ٻئيِ مهمان آهن. ٿوري وقت واسطي آهن. ڪابہ حالت هميشه ساڳي نٿيِ رهي. يهہ ڀيِ گذر جائينگا!“ اِهي اَکر پڙهي ٿو، هن کي جڻ شڪتيِ اَچيِ وڃي ٿي. سگهہ اَچي وڃي ٿيِ. هيِ ٿوري وقت واسطي آهي: ڀوءِ مان ڇو ڊڄان؟ اَسان کي جيڪا بہ پنهنجي طاقت آهي، وري بہ اَسين پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي صدقي ٿا ڪتب لايون. اِهو ئي اَسان جو هٿيار آهي. اُن ڪان وڌيڪ ڀيو هٿيار (weapon) ڪهڙو؟ اَسين اِهو هٿيار ڪٽي ”ماتر ڀوميءَ جي جئہ“ ڪري وڃيِ لڙائيِ ڪنداسين. هنن کي طاقت اَچيِ وڃي ٿيِ. موٽي ٿو، رشيءَ کي چوي ٿو:- ”مان تنهنجو شڪرگذار آهيان. مان اَهڙو دکيِ هوس، ڇو تہ اَڳي مون کي اَهڙو دکہ جو آزمودو ڪڏهن ڪين مليو آهہ. پر اِن دکہ جي وچ ۾ مونکي اِهو سکہ ملي ويو، جڏهن مون تنهنجو اِهو پنو پڙهيو تہ ڪابہ حالت، سکہ ۽ دکہ، دونو هئہ مهمان!“

”سکہ سپنا، دکہ بُد بُدا، دونو هئہ مهمان!“

ٻئيِ مهمان آهن، ٿوري وقت واسطي اَچن ٿا. اِهو رڳو اَسان کي پروڙ ڻجي وڃي، اَسان جي جيون مان گهٽ ۾ گهٽ ڪيترو دکہ تہ نڪريِ وڃي. سکہ شايد نہ بہ نڪري، پر دکہ تہ نڪريِ وڃي. اَسان جي حالت ڪهڙيِ آهي؟

پنجن، ڇهن، ستن مهنن کان پوءِ راجا کي هڪ پٽ ڄميو. سڄي راڄ ۾ خوشيون ٿي ويون. دان پڃ ٿيڻ لڳا. جيڪي قيد ۾ آهن ويچارا قيدي، اُنهن کي آزاد ڪن ٿا. ڪيترن جون ڍلون (Taxes) معاف ڪن ٿا. جن Income Tax نه ڀريو هو ۽ جن تي ڏنڊ وجهڻا هئن، اُهي ڏنڊ معاف ڪن ٿا. سڄي راڄ ۾ خوشي ته راجا کي پٽر سنتان ٿيو آهي. اُهو پٽ جو راجا کان پوءِ وري آسان جو راجا ٿيندو، اُهو آيو آهي. راجا به ڏاڍو خوش هو.

اُن خوشيءَ جي وچ ۾ هي رشي اَچي ٿو ۽ اَچي راجا کي چوي ٿو:- ”راجن! هڪ ضروري ڳالهه مونکي توهان کي چوڻي آهي.“ راجا ايڏيءَ ته خوشيءَ ۾ هو، جو چيائين:- ”اَهڙي ڪهڙي ضروري ڳالهه آهي؟ ڪجهه وقت ترسي نٿي سگهي ڇا؟ هينئر مان هيڏو خوش آهيان، مان ڇو ٻين ڳالهين ۾ پوان؟“ رشي چويس ٿو:- ”تمام ضروري آهي. هينئر تون وڃ پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾، اُت وڃي اُهو پنو تو جي رکيو هُجي، اُهو ڪڍي تون پڙهه. بس!“ راجا چوي ٿو:- ”اَهڙي ضروري ڳالهه آهي ڇا، جو پنو ڪَڍي پڙهان؟ مونکي تون هيڏي خوشيءَ ۾ اَچي منجهائين ٿو.“ رشي چويس ٿو:- ”ها، تمام ضروري آهي.“ راجا چوي ٿو:- ”جا آڳيا! رشيءَ جي چوڻ کي ضرور مڃبو!“ ٽالمٽائيندي، ڪيٻائيندي راجا پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ وڃي ٿو. يادگيري هئس ته مون ڪهڙي پيتيءَ ۾ پنو رکيو آهه. پيتي کولي ٿو، پنو ڪڍي ٿو. پني تي ڪهڙا اکر لکيل هئا؟ پني تي اکر لکيل هئا:- ”سک ۽ دک ٻئي مهمان آهن. آسان سان هميشه ڪونه هوندا. ڪابه حالت آسان سان هميشه ساٿي نٿي رهي. يه ڀي گذر جائينگا!“

راجا جڏهن اِهو پڙهي ٿو ته يڪدم جڻ ته سندس دل ۾ گهاوَ پهچي وڃي ٿو. چوي ٿو:- ”هيءَ جيڪا خوشي مان هينئر ڪريان وينو، اها مونسان هميشه ڪونه هوندي، ٿوري وقت واسطي هوندي. مهمان ٿي آئي آهي!“ اِنهيءَ سک ۾ هن کي اِهو دک ملي وڃي ٿو. دک ملي وڃيس ٿو ته هي سک مونسان هميشه ڪونه هوندو. جڏهن اِها پروڙ پيس ٿي، راجا ٿورو دکي ٿئي ٿو. پوءِ اَچي هن رشيءَ کي چوي ٿو ته بيشڪ، جيڪو سوال مون توکان پڇيو هو، تنهنجو تو مونکي پورو جواب ڏنو آهي. مان بيشڪ تمام خوشيءَ ۾ لمتار هوس. جيئن نه توهين چانهه جو پيالو ڀُر ڀريندا آهيو، هڪ ڦڙو وڌيڪ وجهو ته هارجي پوي، تيئن منهنجي خوشي لمتار هئي. پر جڏهن مون تنهنجا اَکر پڙهيا، مون چيو، اِهي اَکر ته سچا آهن. ڪابه حالت آسان سان هميشه ساٿي نٿي رهي ۽ مون پاڻ کي چيو ته هي منهنجو سک به اِئين هليو ويندو. مونکي آزمودو مليو ته سک جي وچ ۾ دک ٿي سگهي ٿو.

ڇهن ٻارن جي ماءُ هئي. سندس گهوٽ گذاري ويو. ڪي قرض چڙهي ويو. هيءَ پڙهيل هئي. چيائين:- ”مان وڃي ماستري ڪريان.“ تن ڏينهن ۾ پينرون آفيسن ۾ ڪم ڪونه ڪنديون هيون. ماستريءَ جو ڪم ڪنديون هيون. ڪوشش ڪري Co-educational School ۾، نه ته Girl's School ۾. هن وڃي ماستري ڪئي. هڪ ڏينهن پنهنجو ڪم پورو ڪري گهر موٽي ٿي. گهر موٽي ته ڏسي ته پُٽ بستري تي سمهيو پيو آهه. ڪيس بخار جا ٻٺ،- ١٠٣،١٠٤ ڊگريون تپ. اَجا هن پُٽ جو ٿورو ويچار ڪيائين ته ٿيءُ روئندي پيئي اَچي. هن جو ڦڙو مڙي ويو هو. ويچاري سوُر ۾ ڪيڪرائيندي ڪيڪرائيندي پئي آئي. وري اُن ڪي منهن ڏنائين. اَجا اُن ڪي منهن ڏيئي اُٿي ته وري ٽين ڪا ڳالهه ٿي. رنڌڻي ۾ اُچو Tea set رکيو هو. آلائي ٻليءَ کو ڌڪو ڏنو، سڄو ويچاريءَ جو Tea set ڪري پيو. چوي ٿي:- ”هاڻ مان ڪنهن ڪي منهن ڏيئي ڪنهن ڪي ڏيان؟ مون ڪان هي وڏيڪ نٿو پڄي. پريو! تون مون ڪان هيڏيون آزمائشون ٿو وٺين، مان نٿي پڄي سگهان.“ روئڻ لڳي ٿي ته سندس سامهون ميز تي East and West Series جو پستڪ رکيو هو. اُهو ڪٽي پڙهي ٿي ته اُن ۾ لکو پيو آهي ته جيون جو منتر اَٿو اِهو 'This too shall pass away!' ”يهه ڀي گذر جائينگا!“

”سکہ سپنا، دکہ بُد بُدا، دونو ھئہ مهمان!“

مهمان آهن. اِنهن اَکرن هن ڪي ايڏي شڪتي ڏني جو چوي ٿي:- ”مان هنن ڪي منهن ڏينديس.“ نہ تہ ويچاري ڏاڍي تڪليف مان پئي لنگهي.

”سکہ سپنا، دُکہ بُد بُدا، دونو ھئہ مهمان:
اُسکو آدر ديجيئي، جو ڀيجيءِ ڀڳوان!“

گيتا جي سکيا ۾ توهين ڏسندا، وري وري اَسان ڪي چيو وڃي ٿو تہ توهين ”سم درشٽي“ ڌاريو، سمدرسي ٿيو. دکہ ۾ سکہ ۾، نفعي ۾ نقصان ۾، ساکہ ۾ نندا ۾، صحت ۾ بيماريءَ ۾، گرميءَ ۾ سرديءَ ۾ سمان رهو. شري ڪرشن گيتا ۾ اُن ڪي ڪوٺي ٿو ”اَسٿر ٻڌيءَ“ وارو. ٢ اَڌياءَ جي پڇاڙيءَ جا شلوڪ ڏاڍا مٺا آهن:-

”سمنڊ ۾ نديون پون تہ بہ ڪين اُيامي، اَچل اُوُ رهي!“

شري ڪرشن چوي ٿو:- سمنڊ ڏي نهاريو! ڪيڏيون نہ نديون سمنڊ ۾ پون ٿيون، تہ بہ اوُ اَچل آهي.

”سمنڊ ۾ نديون پون، تہ بہ ڪين اُيامي، اَچل اُوُ رهي:
تئن نشڪام اَسٿر ٻڌيءَ وارو،
ڪم ڪار سڀ ۾ ٿو شانتيءَ وهي!“

آسان جي چوگرد چوڌار جيڪي وهي واپري ٿو، اُن جا اَسين غلام آهيون. آسان جو سک، آسان جو ڏک، اِنهن ٻنهي ڳالهين تي مدار رکن ٿا. منهنجي ساک ٿي، مان خوش ٿيان ٿو. منهنجي نندا ٿي، منهنجي منهن جو پنو لهي وڃي ٿو. مونکي شاباس ملي ٿي، مان هوا ۾ پيو اُڏامان. منهنجي ڪنهن نقطچيني ڪئي تہ مان منجهي پوان ٿو. اَسين حالتن جا غلام آهيون. آسان پنهنجي زندگيءَ جو رٿ ٻين کي ڏيئي ڇڏيو آهي. اَسين مالڪ ڪين آهيون، اَسين رٿ جا هلائيندڙ ڪونہ آهيون. جي اَسين هلائيندڙ هجون تہ آسان کي پرواه بہ ڪونہ ٿئي.

هاڻ اَسين مالڪ ڪئن ٿيون؟ هيءَ غلامي جنهن ۾ اَسين رهيا آهيون، جنم جنم ۾ اَسين غلام ٿي رهيا آهيون، اِن غلاميءَ جي بدران اَسين مالڪ ڪئن ٿيون؟ اِن لاءِ پهريون ئي پهريون قدم آهي تہ اَسين پاڻ کي يادگيري ڏياريون:- "يهہ بي گذر جائينگا!" جڏهن نہ وڏيڪ وڏيڪ پاڻ کي يادگيري ڏياريندا اَسين، تڏهن We will grow in the spirit of detachment, which is the very first step a seeker has to take as he enters on the path. هينئر اَسين سک ۾ پاڻ کي ايڏو وڃائي ٿا ڇڏيون، آسان کي پروڙ بہ ڪانہ پوي تہ اَسين ڇا وڃا ڪريون. ايڏو اَسين وڃائجي ٿا وڃون. ساڳي ڳالهہ ڏک جي وقت ٿئي ٿي.

هڪڙي ماڻهوءَ کي Derby لاٽري لڳي. تن ڏينهن ۾ اِن لاٽريءَ ۾ ڏاڍي وڏي رقم ملندي هئي. هينئر جي مونکي خبر ڪونهي. هي ماڻهو شايد ڪوليءَ جو ڪم ڪندو هو. لاٽريءَ جي ٽڪيٽ ورتي هئائين. ٽڪيٽ جو نمبر لڳي ويس. هن کي جڏهن خبر پئي ٿي، تار اَچيس ٿي، ايڏي تہ خوشي هن کي ٿئي ٿي، اُتيئي ڪري پوي ٿو، مري وڃي ٿو. هن جي دل اِهو خوشيءَ جو emotion جهلي نہ سگهي. اُتيئي ڪري پوي ٿو، مري وڃي ٿو.

وري ڏک بہ ساڳيءَ طرح. مون سان ڪنهن ڳالهہ ڪئي. چيائون تہ جڏهن مرارجي ڊيسائي ڀارت جو پرڌان منتري يا Finance Minister هو، تڏهن اُن Gold Control Order ڪڍيو. هڪ سوناري جڏهن اِهو T.V. تي ٻڌو، جڻ هن کي دل ۾ تير لڳي ويو. اُتيئي گذاري ويو. ايڏو هن کي ڏک ٿيو. اَسين حالتن جا غلام آهيون. اَسين ڇو ٿا غلام ٿيون؟ ڇا ٿيو جي Gold Control Order آيو آهي. اَسين منهن ڏينداسين. آسان جي اَندر اُها شڪتي پيئي آهي، جا شڪتي ڪنهن بہ حالت کي منهن ڏيئي سگهي ٿي، پر آسان پاڻ کي غلام ڪري ڇڏيو آهي.

"سک سپنا، ڏک ٻد ٻدا، دونو هئہ مهمان:
اُسکو آدر ديجيئي، جو ڀيجي ڀڳوان!"

پنهنجن ڪرمن دواران. اَسين پوڪ اَهڙي ٿا ڪريون، جنهن پوڪ جو لڻڻ آهي اِهو. مون توهان کي ورڻي وري چيو آهي، ڪرم آهن ٻج، جيڪي اَسين وينا پنهنجي جيون جي ڀنيءَ ۾ پوکيون. اُن مان وڻ نڪرن ٿا. وڻن مان يا مٺو ميوو ايندو ، تولارام وانگر ايندو، يا ڪوڙو ميوو ايندو، تلوڪچند جو ميوو ايندو. پر ٻئي اَسان جا آهن. اَسان هنن کي نينڊ موڪلي آهي.

هڪڙو ڏنوان هوندو هو، لڪاپتي. ٽن ڏينهن جو لڪاپتي وڏي ڳالھ هوندي هئي. ڪراچيءَ ۾ مونکي يادگيري آهي، اَسين ننڍڙا ٻار هئاسين، اَسان جي پرسان پاڙي ۾ هڪ کي لک رُپيا ٿيا، لک کي Touch ڪيائين، وڏي پارٽي ڪيائين. چيائين:-"مان هاڻ لکاپتي ٿيو آهيان." هينئر ته لک جو ملھ آهي ئي ڪونہ. ٽن ڏينهن جو لڪاپتي هو. موٽرون هئس، گاڏيون هئس. نوڪر چاڪر، بنگلا ماڙيون، باغ بغيچا سڀڪجھ هوس. پوءِ ڏسو ڏنڌي ۾ تہ اِئين آهہ. ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن پاڪر ۾. ڪڏهن هيٺ، ڪڏهن مٿي. هنجي اَهڙي حالت ٿي، هن سڀڪجھ وڃايو. پر دل ڪين هاريائين. چيائين:- "ٻئي مهمان آهن. سک مهمان هو، سکي ٿياسين. مهمان هو، ٿوري وقت واسطي آيو، اَچي ٽڪيو. هاڻ وري ٻيو مهمان آيو آهي. اُن کي ٽڪائيندا سين پاڻوت." هن پنهنجي همت ڪين هاري. ڇا ڪيائين؟ پنهنجا بنگلا ماڙيون، جيڪي بہ هئس، باغ بغيچا، موٽرون گاڏيون، سڀ وڪڻي، قرضين کي چڪايائين. پوءِ پاڻ وڃي هڪ ننڍڙيءَ جڳھ ۾ رهيو. موٽر هڪڙي بہ پنهنجي لاءِ ڪونہ رکيائين. آفيس لاءِ بہ بس ۾ چڙهي ويندو هو. چيائين، وري ننڍو ڪم شروع ڪنداسين. ننڍو ڪم شروع ڪري ٿو. اُن مان وڃي ٿو وڌندو، وڃي ٿو وڌندو.

سک سپنا، دک بُد بُدا، دونو هئہ مهمان:
اُسکو آدر ديجيئي، جو ڀيجيءَ ڀڳوان!"

ٻئي مهمان آهن. ٻنهي مهمانن جو اَسين آدرياءُ ڪريون. سمدرسي ٿي پئون. اَسٽر ٻڌيءَ وارا ٿي پئون. Epictetus هڪ وڏو برهم گياني ٿي ويو آهي. هي پريوءَ جو پيارو چوندو هو تہ "مون سان جيڪي بہ ٿئي، مان اُهو سنتوش سان قبوليندو آهيان." پڇائونس:- "اِن جي ڳجهارت ڪهڙي؟" هن جو سنتوش ڪڏهن بہ ڪين ٽٽو. ڪيڏيون بہ تڪليفون ٿينديون هئس، ڪيڏي بہ مصيبت ايندي هئس، هي پيارو سنتوش ۾! ڪيڏي بہ ماڻهو سندس ساک ڪندا هئا، ڪيڏي بہ وڏائي ڪيس ڏيندا هئا، هي پيارو سنتوش ۾! پڇائونس:- "اِن سنتوش جي ڳجهارت ڪهڙي آهي؟" چوي ٿو:- "منهنجو وشواس آهي تہ جيڪي پريو منهنجي لاءِ ڪري ٿو، اُهو جيڪي مان پاڻ لاءِ چاهيان ٿو، تنهن کان گهڻو بهتر

اُن کي شانتي آهي ۽ شانتي آهي تہ ٻيو ڇا کپي؟ وڌيڪ ڪجھ کپيئي ڪونہ. وڌيڪ شري ڪرشن چوي ٿو تہ:-

اِها برهمِ شانتي برهم گيان واري منزل آهي:
اَنتڪال ۾ بہ اُن ۾ رهي جو، نروان پد وڃي سو ٿو پائي!"

اُن نروان پد پراپت ڪري ڇڏيو. جيون مڪت ٿي ويو. توهين جي رڳو ڏکہ ۾ ۽ سکہ ۾ سمدر شٽي ڌاريو تہ توهين جيون مڪت ٿي ويندا.

"ڇا ڪريان، جو پريوءَ کي پايان؟" اَسين وري پڇندا آهيون. سکہ ۾ ۽ ڏکہ ۾ رڳو سمان ٿي رهان. پوءِ پريو توهان جي پٺيان پيو ڦرندو. ڇا ڪريون؟ اِن ڪري ڀريون ڀريون قدم آهي detachment. توهين ڏسندا اَسان کي ٿوري خوشي ملي ٿي، اَسين نچون پيا، ٽپون پيا. اُتيئي وري اَچي ٿي ڪا ڏکہ جي خبر، ليٽي پئون ٿا. ٻئي مهمان آهن. دونو هڪ مهمان. ٻئي پريوءَ وٽان اَچن ٿا.

هڪ شاديءَ جي پارٽي ٿي. وڏي ماڻهوءَ جي پٽ جي شادي هئي. اِن سنبنڌ ۾ پارٽي ڪئي ويئي. هن چيو:- "جيترن کي توهين نينڊ ڏيڻ چاهيو، پِل ڏيو. اَئڊريسون ڪيس ڪٿان مليون. پنهنجي ماڻهوءَ کي ڏنائين. هنن سڀن کي نون نينڊ پتر موڪلي پارٽيءَ ٿي. مسٽر تولارام آيو. مسٽر تولارام جڏهن پارٽيءَ تي آيو، ڏاڍي خوشيءَ سان هن کيڪاريس. چيائينس:- "توهين ڀلي آيا توهان جي ڏيءَ هنن اَکين ٻئي نهاريو. اکيون آسائتيون هيون. توهان اَچي اَ منهنجي آس پوري ڪئي آهي." ايڏو خوش ٿيو ۽ اَهڙا مٺا اَکر چيائين. ٿوري وقت کان پوءِ تلوڪچند آيو. هاڻي تلوڪچند هوندو هو هڪ پارٽيءَ جو. هي هوند هو ٻيءَ پارٽيءَ جو. هنکي خبر ئي ڪونہ هئي تہ ڪو تلوڪچند کي نينڊ ڏني ويئي آهي. هنجو نالو شايد لسٽ (List) ۾ پيو هو. تلوڪچند آيو، ولي منهن گهنجايائين. چيائين:- "جيڪر مان ڪٿي وڃي لڪي وڃان." هاڻي ٻئي مهمان هڪ مهمان سان هيئن هلت، ٻئي مهمان سان هونئن هلت. اِهو ٺيڪ آهي مهمان آيو آهي، مهمان کي تہ خوشيءَ سان Welcome ڪجي. اَسين اِئين نہ ڪريون.

توهين چوندا:- "سکہ ڏکہ ٿوريئي اَسان جا مهمان آهن؟ اَسان ٿوريئي ڪوٺ اَٿن؟" اَسان ڪوٺيو اَٿن. ياد رکجو. جيڪو بہ سکہ جو آزمودو اَسان وٽ اَچ ٿو، جيڪو بہ ڏکہ جو آزمودو اَسان وٽ اَچي ٿو، اَسان اُنهن کي نينڊ موڪل آهي، تڏهن اَسان وٽ اَچي ٿو، نہ تہ جيڪر اَسان وٽ اَچيئي ڪونہ. سکہ ڏُکہ اُهو ئي اَچي ٿو، جنهن کي اَسين نينڊ موڪليون ٿا. ڪئن ٿا نينڊ موڪليون

جي حڪم جي خلاف هو. پربوءَ جو حڪم آهي تہ مان غلام ٿي رهان ۽ مان غلاميءَ مان پنجي ٿي نڪتيس." مولي اَچي ٿي. پاڻ کي چوي ٿي:- "جو تہ مان پنهنجيءَ تي هليس، اِنڪري مون کي جيڪا ٿوري ننڊ ملندي هئي، سا ننڊ بہ هاڻ پوري ٿي ويئي." تنهن وچ ۾ ويچاريءَ جي ڪم جو وقت اَچي ٿيو. ويچاريءَ جي ٻانهن ڀڳل. پوءِ اُٿي رهي ٿي. چوي ٿي:- "پربو! مان تنهنجي حڪم ۾ هلنديس."

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هڪ ڏينهن هيءَ پنهنجو ڪم پورو ڪري آئي آهي، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويٺي عبادت ڪري، پرارٿنا ويٺي ڪري. پربوءَ کي چوي ٿي:-"پربو! منهنجي مالڪ کي بہ تون سکي رکجانءِ! بيشڪ، ڪڏهن هوُ آسان سان بي رحم ٿئي ٿو، پر تون اُن کي بہ سکي رکجانءِ! اُن جي ٻارن ٻچن کي بہ سکي رکجانءِ!" اِها پرارٿنا ويٺي ڪري تہ اُنوقت سندس مالڪ کو اَچي اُتان لنگهي ٿو. هن جي پرارٿنا ٻڌي ٿو. چوي ٿو:- "مان بي رحمي آهيان، تہ بہ هيءَ منهنجي لاءِ پرارٿنا ويٺي ڪري!" نهاري ٿو، ڏسي ٿو، جڻ تہ هن جي چوگرد ڪا روشني آهي. چوي ٿو:- "هيءَ تہ ڪا سنتياڻي آهي." يڪدم هنکي چوي ٿو:- "مون توکي آزاد ڪيو! مان توکي وڏيڪ غلام ڪري نہ رکندس". مالڪ چويس ٿو:- "جي تون چاهين تہ مان توسان شادي بہ ڪريان." آزادي بہ ڏنائينس ۽ پنهنجي راڻي جڻ تي بنايائينس. تڏهن هيءَ چويس ٿي:-" شادي تہ منهنجي اُن اَللہ سان آهي. مان شادي ڪنهن اِنسان سان ڪرڻ نہ چاهيندس. پر تو مونکي آزادي ڏني آهي، اِن لاءِ مان تنهنجي شڪرگذار آهيان!"

اِها سنتياڻي، هڪ ڏينهن هن کي بخار اَچي ٿيو. بخار لهي ئي نہ. تڏهن هڪ سندس متر هو، درويش صوفيان. اُن اَچي چيس تہ "رابيا! تون روز اَللہ سان ڳالهائين ٿي، روز تو وٽ اَللہ اَچي ٿو، جو نہ ٿي چئينس تہ هي بخار تنهنجو لاهي ڇڏي. ڪن جو ڪم آهي. تون رڳو چوندينءَ ۽ هوُ چوندو ها. تنهنجي هيڏي پهچ آهي." تڏهن ڏسو هنکي ڪهڙو ٿي جواب ڏئي؟ چوي ٿي:- "بخار، تون سمجهين ٿو، ڪنهن وٽان آيو آهي؟ اَللہ وٽان تہ آيو آهي. اُسڪو آدر ديجيئي، جو ڀيجي ڀڳوان! هي بخار بہ تہ اَللہ وٽان آيو آهي. هاڻ اَللہ ئي مونکي سوُکڙيءَ طور موڪليو آهي ۽ مان چوانس تہ تون سوکڙي موٽائي وٺ. سمجهہ تون مون کي ڪا سوُکڙي ڏين ۽ مان توکي سوُکڙي موٽائي ڏيان، تنهنجي جيڪر ڪهڙي حالت ٿئي؟ تون جيڪر دل ۾ نہ ڪرين؟ مان اَللہ سان بهي اِئين ڪريان؟"

"اُسڪو آدر ديجيئي، جو ڀيجي ڀڳوان!"

آهي. مان چاهيان ٿو فلاڻي ڳالهه ٿئي، پر پريو ٻيءَ طرح ڪري ٿو، مونکي پڪ آهي تہ جيڪي پريوءَ ڪيو، اُن ۾ ئي ڀلو آهي، منهنجي چاهنا ۾ ڀلو ڪينهي.“ هڪواريءَ اِهو وشواس اَچي وڃي، ٻيو ڇا کپي؟ ڌِڳو پڪ رکون. اَسين ڏسو روز روز ڳايون ٿا:-

”تون ميرا پِتا، تون هئہ ميرا ماتا،
تون ميرا ٻنڌپ، تون هئہ ميرا پراتا.“

ڪيئن نہ اَسين ڇاه سان اِهو ڳايون ٿا. پر جنهن وقت ڏک موڪلي ٿو، چئونس ٿا:- ”تون نڪو پِتا آهين، نڪو ماتا آهين، نڪو پراتا آهين، نڪو ٻنڌپ آهين. اَسانجو توسان واسطو ئي ڪونهي. جيڪڏهن اَسان کي پڪ ٿِي وڃي تہ جيڪي پريو اَسان لاءِ ڪري ٿو، اُهو جيڪي اَسين چاهيون ٿا، اُن کان بهتر آهي، گهڻو بهتر آهي، ڏک لڳي ئي ڪونہ. اُن اِنسان کي ڏک ٿيندو ئِي ڪونہ. ڏک کان ڇڏي پونداسين. جو ڏک کان ڇٽو، سو سک کان بہ ڇٽو. اُهو balanced آهي.

بابا فريد، جنهن جا شلوڪ توهين ڳائيندا آهيو، اُنجي ڇپن تي وري وري هِي اَکر هوندا هئا:- ”ٻاوي اَللهہ، سوئي ڀلا.“ چوندو هو:- ”جيڪي پيارو پريو چاهي ٿو،اُهِيَ ئي ڀلو آهي.“ اَسين اَهڙو ڪو منتر جيون ۾ ڪٺي وڃون. پوءِ پرواه ئي ڪين ليندي.

عربستان جي رابيا سنتياڻي، پيارو دادا کيس اِسلام جي ميران ڪري سڏيندو هو. چوندو هو:- ”جئن اَسان جي ميران آهي ڀارت جي، تئن هوءَ آهہ ميران اِسلام جي.“ هيءَ ڀهرين ڀهرين غلام هئِي هڪ مالڪ وٽ. اُهو ڏاڍو بي رحمِي هو. هن کي ڏاڍو واهيندو هو. کيس ڏاڍِي تڪليف ڏيندو هو. هيءَ چوندي هئِي:- ”مون کي وقت ملي، مان عبادت ڪريان، مان پريوءَ سان ويهي ڳالهيون ڪريان، مان پريوءَ جي ويهِي پوڄا ڪريان.“ پر وقت ڏيندو ڪونہ هوس. تن ڏينهن ۾ تہ غلامن سان ڪهڙي بہ هلت هلندا هئا. غلام ڪجهہ چئِي نہ سگهندو هو. نہ غلام ڪجهہ چئي سگهي ۽ نہ ڪو ماڻهو هنن جي ٻاران ڪجهہ ڪڇي سگهي.

هڪ رات جو کيس ويچار اَچي ٿو تہ مان جيڪر ڀڄِي نڪران. رات جو پنهنجو ڪم پورو ڪيو اَٿس. سندس سمهڻ جو وقت آهي. ڀڄِي نڪري ٿِي. ٿورو پنڌ ڪري ويئي آهي تہ رات جي اونده ۾ اِڪ کڏ آهي، اُن کڏ ۾ وڃي ڪِري ٿِي. سندس ٻانهن ڀڄِي پوي ٿِي. ٻانهن ڀڄِي پوي ٿِي ۽ اَندران آواز ٻڌي ٿِي، جو آواز چويس ٿو:- ”هيءَ حالت ٿيندي اَٿيئي اُنهن جي، جيڪي اَللهہ جي حڪم ۾ نہ هلندا آهن. جيڪي پريوءَ جو حڪم قبول نہ ڪندا آهن.“ سجاڳِي اَچي وڃيس ٿِي. چوي ٿِي:- ”مون جيڪي ڪرڻ ٿي چاهيو، سو پريوءَ

ٿو تن ڏينهن ۾ ڏهن ورهين جو هو. هنکي اَچي بخار ٿيو. بخار وڃي چڙهندو، وڃي چڙهندو ۽ هي ٻالڪ وڃي وڌيڪ وڌيڪ ڪمزور ٿيندو. ڊاڪٽر چيس ته ”هنکي تون بيدو کاراءِ ۽ Chicken soup پيئار.“ تن ڏينهن ۾، اَسان جي ڏينهن ۾ به Chicken soup ڊاڪٽر چوندا هئا ته بيمار کي پيئاريو، نه ته چاڪ ٿيندو ئي ڪونه. مهاتما گانڌيءَ چيو ته ” Chicken soup ۽ بيدو اِهي ٻئي ڳالهيون مان هنکي ڏيئي نه سگهندس. اَسانجي code ۾ ناهن.“ ڊاڪٽر چيس ته ”جي نه ڏيندين ته تنهنجو پُٽ مري ويندو.“ مهاتما گانڌيءَ چيو:- ”حياتي ڏيڻ وارو پريو آهي. حياتي نڪو ڊاڪٽر ڏيئي سگهي ٿو، نڪو Chicken soup ڏيئي سگهي ٿو. اَسين پريوءَ تي ٿا رکون!“ مهاتما گانڌي پنهنجي پستڪ ”منهنجا تجربا“ ۾ لکي ٿو ته ”مون ٻاٽيءَ جو علاج شروع ڪيو. ٻاٽيءَ سان هنکي Wash ڏيڻ، Towel bath ڏيڻ، مٽي تي پٽي رکڻ، ٻاٽي پيئارڻ. پر بخار وڃي چڙهندو.“ وڌيڪ لکي ٿو:- مان ڏاڍو ٿڪل هوس. ڪستوربا، پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي چيم ته تون جيڪر ٿورو وقت ويهي سنڀال لهين، مان ٿوري تازي هوا کائي ٿو اَچان. پوءِ اَچي ٿو وري پُٽ جي سنڀال لهان. مان چؤپاٽيءَ تي وڃان ٿو. اُت منهنجي دل ڀرجي اَچي ٿي. مونکي اَچي ڊاڪٽر جا اَکر ياد پون ٿا. ڊاڪٽر چيو ته تون پنهنجن هنن ننڍين ڳالهين جي ڪري پنهنجي پٽ جي حياتي جوکي ۾ ٿو وجهين. تون ڪجهه سمجهين ٿو، تون ڇا ڪري رهيو آهين؟ ڇاڪاڻ ته تنهنجا ڪي اُصول آهن، اُهي تون پنهنجي پٽ تي مڙهين ٿو. پُٽ ڪان ته ٻچو. پُٽ چوندو:- ”مونکي Chicken soup ضرور ڏيو، مان چڱو ڀلو ٿيڻ ٿو چاهيان.“ اِهي اکر هنجي دل اَندر وري وري پئي آيا. سندس دل ڀريل هئي ۽ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا. پريوءَ کي پرارٿنا ڪيائين. چيائين:- ”پريو! تنهنجي هٿ ۾ سڀڪجهه آهي. نڪا دوا، نڪا درمل، نه ٻيو ڪجهه. تون جيڪڏهن چاهين ته منهنجو پُٽ چاڪ ٿي ويندو.“ ۽ پوءِ چوي ٿو:- ”مون رام نام جو جاپ شروع ڪيو. مان ويس رام نام اُچاريندو:-

رام رام رام رام رام رام!
رام رام سيتا رام رام رام!

ڏسو، ڪيڏو نه آنند آهي نام ۾. چوي ٿو:- ”مون جاپ شروع ڪيو. پوءِ موٽيس گهر ته منيلال جي نرڙ تي پگهر ڏٺم. مون چيو:- ”هينئر پريوءَ منهنجي پڪار ٻڌي آهي. هينئر هي چاڪ ٿيندو ضرور.“ بخار ويو لهندو، ويو لهندو. چوي ٿو:- ”اَڄ ڏينهن تائين مونکي خبر ڪونهي ته رام نام جي ڪري اِهو ٿيو، يا ٻاٽيءَ جي treatment جي ڪري يا منهنجي پرارٿنا جي ڪري؟ ماڻهو ڇا به

اِنجي معنيٰ اِها ناهي تہ توهان کي بخار لڳي يا کجھ تہ ڊاڪٽر وٽ نہ وڃو. توهين ڊاڪٽر وٽ ڀل وڃو، پر ڊاڪٽر جي دوا ڪم ڪري، نہ ڪري، ٻنهي ۾ توهين راضي رهجو. اُن ۾ آهي راضپو، سنتوش. هر حالت ۾ سنتوش. اَسين پنهنجو يتن ڪندا رهون. اَسان کي يتن ڪرڻ کان منع ڪونهي. اَسين يتن ڪندا اِينداسين، پر يتن جو نتيجو جيڪو بہ نڪري، پريو! مونکي قبول آهي.

اِبراهيم لنڪن، آميريڪا جو پريزيڊنٽ، ڪيترين ڏکيون حالتون مان ڏٺيون. غريبيءَ ۾ جائو. وڏيا ولڻ جو وسيلو ئي ڪونہ هوس. ڏنڌي ۾ پيو، پر ڏاڍو سچيار. ٻہ ڪي ڪي سچيار ڏنڌو وري پوريءَ طرح ڪري نہ سگهندا آهن. سڪر پُراڻي ۾ هڪ سچيار ماڻهو هو.- بابا ٺاڪرداس. ڏاڍو سچيار ماڻهو هوندو هو. پوءِ هڪ ڏينهن تنگيءَ ۾ اَچي ويو. چيائين:- "مان حلوائيءَ جو دڪان ٿو کوليان." حلوائي جو دڪان کوليائين. ٿئي وڏي رکيائين. حلوائي وڏي ٿئي رکندا آهن، جنهن ۾ کير پيو ڪڙهندو آهي. کير ٻئي اُن ۾ ڪڙهيو. اوچتو ئي اوچتو اِن کير ۾ اَچي ڪا مک پيئي. چيائين:- "مان هاڻ ماڻهن کي هي کير وڪڻندس ڪيئن؟ جي چوان ٿو تہ اِن ۾ مک پيئي، مون ڪڍي آهي تہ کير مون کان وٺندو ڪين. ۽ جي نٿو چوان تہ اِها دغا ٿي." ٻئي ڏينهن دڪان بند ڪري ڇڏيائين. چيائين:- "منهنجي لاءِ هي دڪان ڪونهي." ڪي نہ ڪي سچيار، تن لاءِ ڏنڌو ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي.

اِبراهيم لنڪن ٻہ ڀيرا ڏنڌي ۾ ڏيوالو ڪڍيو. اَٺ ڀيرا چونڊن (Elections) ۾ هارايائين. ٻہ ڀيرا Nervous breakdown مان جو ٿيو. گهڻيئي تڪليفون ڏٺائين. ايتري هوندي بہ پڇاڙيءَ ۾ چوي ٿو:- "جيڪڏهن توهين خوش رهڻ چاهيو، سُکي رهڻ چاهيو تہ توهين ڀال کي چئو تہ اَسان جي ڪهڙي بہ حالت ٿيندي، اَسين خوش هونداسين. پوءِ توهان کي جيون جو لطف ملندو. توهين اِئين سمجهندا، جڻ تہ توهين ڪنهن مجلس تي ويٺا آهيو." مجلس تي ويهبو آهي، پوءِ جدا جدا قسمن جون dishes اِينديون آهن. ڪا dish گهڻي وڻندي آهي، ڪا dish نہ وڻندي آهي. نہ وڻندي آهي تہ ٿوريئي نڪ موڙي اُتان اُٿي وڃبو. ڪري ٿورو کائبو.

سکہ سپنا ، دکہ بُد بُدا، دونو هئہ مهمان:
اُسکو آدر ديجيئي، جو ڀيجيءِ ڀڳوان!"

مهاتما گانڌي، نوي سال اڳ يعني ۱۹۰۱ع ۾ بمبئيءَ ۾ هو. هيءَ تمام جهوني ڳالھ آهي مهاتما گانڌيءَ جي. سندس وڏو پٽ منيلال، اُهو مان پانيان

ٿا. پوءِ پاڻ آسان کي ڪي والون ملن ٿيون. آسان کي ڪي ويچار اَچن ٿا پرپوءَ وڃن ٿا، جن ideas کي اسين implement ڪريون ٿا تہ اَسين وري چڙهون ٿا.

سُکہ سپنا، دکہ بُد بُدا، دونو هٹہ مهمان:

اُسکو آدر ديجيئي، جو ڀيجي ڀڳوان!

ٻن جٹن جي ڳالھ ڪندا آهن. ٻہ دوست هئا، هوٽل ۾ ويا. تن ڏينهن ۾ اَجا ڀرين ڀرين 'Limca' نڪتي هئي. هوٽل ۾ وڃي order ڪيائون Limca جو گلاس. پوءِ Limca تہ ننڍڙي ٻاٽليءَ ۾ ايندي آهي. گلاس پربو ڪونهي. هڪڙي جٽي ٻہ ٽي ڍُڪ پريا، چيائين:- "اڙي! اَفسوس، ايتري ۾ اَڌ گلاس خلاص ٿي ويو!" ٻئي بہ ساڳيائي ڍُڪ پريا، پر چيائين:- "شڪر آهي، اَڌ گلاس تہ منهنجو اَجا بچيو پيو آهي." هاڻ ساڳي حالت کي ڏسڻ جا اِهي ٻہ نمونا آهن. ٻنهي سان ساڳي حالت ٿي. ٻئي ساڳيءَ هوٽل ۾ ويا. ٻئي متر هئا هڪٻئي جا. پر هڪ he counted his blessings، ٻئي he became negative in his attitude. اَسين جيڪر ٽپ ٽپ تي پرپوءَ جا شڪرانا مڃيون.

هڪ ماڻهوءَ کي هڪ ڏينهن ۾ ٽي ڪروڙ رپيا نقصان پيو. وٽس آيا ماڻهو همدردي ڪرڻ. نؤڪر کي چيائين:- "هنن سڀن کي ماني کاراءِ." چيائونس:- "اَسين ماني کائڻ ڪونہ آيا آهيون. اَسين توسان همدردي ڪرڻ آيا آهيون." چيائين:- "همدردي ڪرڻ ڇو آيا آهيو؟" چونس ٿا:- "توکي ٽي ڪروڙ نقصان پيو آهي." چيائين:- "ٽي ڪروڙ رپيا نقصان پيو آهي، اَجان ڇهہ لکہ بچيا پيا آهن. اُنهن سان شروع ڪندس". Count your blessings نہ تہ ٽي ڪروڙ ڪنهن ماڻهوءَ جا وڃن، ڪيڏو نہ وڏو ڌڪو آهي.

پيو سيڪجهہ وڃي ٿو، گهٽ ۾ گهٽ آسان جي سرير تي ڪپڙا تہ پيا آهن. اُهو بہ تہ فائدو ٿيو آهي. جاوَاسين تڏهن ڪپڙا پائي جاواسين ڇا؟ جاواسين ننگا. نانيءَ چدي موڪلي، تڏهن پائي ڍڪيوسين تہ فائدو ٿي فائدو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪپڙا تہ پيا آهن. گهٽ ۾ گهٽ آسان کي ڪتب جا پاٽي آهن، جيڪي آسان سان بيٺا آهن. گهٽ ۾ گهٽ آسان کي ڪي متر آهن، جيڪي آسان سان اَجان تائين آهن. گهٽ ۾ گهٽ آسان کي ڪي contacts آهن، جيڪي اَسين utilize ڪري وري شروع ڪري سگهون. We should count our blessings پرپو! تنهنجا شڪرانا! اَجا تائين تو مونکي هي ڏنو آهي. هڪ، ٻہ، ٽي، چار، پنج، ڇهہ، وڃان لڳندو. توهين ڏسندا، اِن دکہ جي mood مان توهين نڪري ويندا.

"سکہ سپنا، دکہ بُد بُدا، دونو هٹہ مهمان:

اُسکو آدر ديجيئي، جو ڀيجي ڀڳوان!"

چون، منهنجو وشواس آهي تہ اِهو پربوءَ جي ڪرپا جي ڪري ٿيو!"

هڪ ڳالهہ جيڪر اسين ياد رکون! جيئن اَسين حياتيءَ، جيون جي راهہ تان پند ڪريون ٿا، هڪ ڳالهہ جيڪر ياد رکون تہ جيڪي ٿيڻو آهي، سو ٿيندو ضرور. اُهو اَسين ٽاري نٿا سگهون. جيڪي ٿيڻو آهي، سو ضرور ٿيندو. اَسين گهڻو ئي اُن کان پري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪنداسين، پر هُو وڌيڪ اَسان کان تکي ڊوڙ پائي اچي اَسان کي پڪڙيندو. پوءِ اَسان جي هٿ ۾ ڇا آهي؟ اِنسان مشين آهي ڇا؟ نہ، اِنسان جي هٿ ۾ گهڻو ئي ڪي آهي. اِنسان جي هٿ ۾ آهي تہ اُهو جيڪي ٿئي ٿو، جيڪا تڪليف اَچي ٿي، جيڪا تنگي اَچي ٿي، اُن کي ڪيئن ٿا منهن ڏيون. هاڻ جي توهين اُن جو آدر ڪندا تہ توهان جي شڪتي بچندي. جي روئيندا رڙندا، واڪا ڪندا، وار پٽيندا، مليءَ ۾ ليٽڙيون پائيندا، ڪيترا اِئين ڪندا آهن، مٿو پٽ سان پٽيندا، توهين پنهنجي شڪتي اَجائي وڃائيندا. اُها شڪتي ڇو نہ بچائي، پاڻ توهين اِن ڳالهہ کي پوريءَ طرح منهن ڏيو. اِهي بہ رستا ڪليل آهن. هاڻ اَسين ڪهڙي رستي تان هلڻ چاهيون ٿا، اُهو اَسان تي ڇڏيل آهي. تنهن جي ڪري فقير چوي ٿو:- "اُسڪو آدر ديجيئي!" اُن جو توهين آدر ڪريو. تون ڀلي آئين! اَچڻو ضرور آهي ۽ اُهو بہ مون توهان کي هدايو، توهين اڳيئي نينڊ ڏيئي آيا آهيو. اَڳئين جنم ۾ يا پنج جنم اَڳي، يا ڏهہ جنم اَڳي، هينئر تلوڪچند اَچي پهتو آهي. دروازو کڙڪائي ٿو. آدر ڪريوس:- "تلوڪچند، منهنجا پيارا! تون آهين ڪٿي؟" ايڏو وڏو پاڪر پايوس، جو پاڪُر ۾ هو پيڙجي وڃي. اِهو اَسان جي هٿ ۾ آهي تہ اَسين react ڪيئن ٿا ڪريون. جيڪي ٿيڻو آهي، ٿيندو ضرور!

هڪڙي پيڻ هئي، اُن پيڻ کي ڪو ڏندو هو يا ٻيو ڪجهہ ڪيس چيائون تہ "اُن مان توکي ڏهہ لک يا ٻارهان لک فائدو ٿيندو." هيءَ سپنا پيئي لهي تہ مونکي هاڻ ڏهہ لک يا ٻارهان لک ملندا. پيئي چوي:- "ڀلا اِهي مان ڪيئن خرچيندس، ڇا ڪندس؟" لسٽون پيئي ٺاهي. هي ولي هن کي ڏيندس، هي ولي هُن کي ڏيندس. Stock وغيره ڪجهہ ٿيندا آهن، اُهڙيءَ طرح ٿي ڪجهہ مليس. اوچتو Stock Market ۾ Crash اَچي وڃي ٿي. Crash اُهڙي آئي جو هن ويچاريءَ جيڪي پئسا وڌا هئا، سي تہ ويا، پر پاڻ هنکي وڌيڪ ڏيڻا پيا. ڀرين دل ٿيس تہ جيڪر مان روئان. پر پوءِ چيائين تہ جي مان روئيندس تہ اِئين آهي ڇا مونکي پئسا ڪونہ ڀرڻا پوندا. ڀرڻا تہ ضرور پوندا. هاڻ پئسا بہ ڀريان ۽ رودن بہ ڪريان. بيوقوفي ڇئبي، مورکتا ڇئبي. چيائين:- "مان رودن نہ ڪنديس." تہ جڏهن اَسين positive ٿيون ٿا، اَسين پنهنجي شڪتي بچايون

سان ڪو نہ ڪو ناتو جوڙيون. منهنجا پيارا پائرو! منهنجون پينرون! ڪو نہ ڪو ناتو ضرور جوڙيو. جيڪو بہ ناتو توهان کي وڻي،- پٽا جو ناتو ٻالڪ سان، متر جو ناتو متر سان، ماتا جو ناتو ٻالڪ سان،- ڪوبہ ناتو، جيڪو توهين چاهيو، اُهو ناتو ضرورُ جوڙيو. پوءِ اِهو ناتو وڌو وڌائيندا. ضرورُري ڪين آهي تہ هميشه لاءِ ساڳيو ناتو هجي. توهين ڦيري سگهو ٿا. سومر ڏينهن هڪڙو ناتو ، منگل ڏينهن ٻيو ناتو، ٻڌر ڏينهن ٽيون ناتو. پر ڪو نہ ڪو ناتو ضرورُ جوڙيو. ڇو تہ اِن ناتي دئاران ٿي you will make God real in your daily life. جي توهين چوندا:-منهنجو پيءُ آهي، منهنجو بابا آهي، منهنجي ماتا آهي تہ سنهنڌ real ٿي ويو. هينئر اَسان مان ڪيترن لاءِ ڇڻ تہ

God is some one dwelling on a distant star. We must make God real to us in our daily life. For God is wherever we are. He is here. He is now!

اَسين جيڪر سمجهون تہ پريو آهي، مون سان آهي! جيون جي جنگ ميدان تي مون سان گڏ آهي! ڏنڌي ۾ موق سان گڏ آهي! ڪيترا ماڻهو آهن، جي پريوءَ سان ناتو جوڙيندا آهن هڪ Senior Partner جو. چون:- ”پريو اَسان جو Senior Partner آهي. اَسان کي ڪابہ تڪليف اَچي، ڪو بہ مسئلو اَچي، اُن جي چرنن ۾ وجهي رکون. پاڻهي مسئلو اَسان جو حل ٿي وڃي.“ توهين اُن کي، پنهنجي Senior Partner کي گهڻو حصو ڏيندا آهيو؟ ڪي چوندا آهن ڏه سيڪڙو سان پريو خوش آهي. پريو چوي ٿو ڏه سيڪڙو ڏيو تہ مان خوش آهيان. پريوءَ سان ڪو نہ ڪو ناتو ضرورُ جوڙيو.

هڪ نوجوان ذڪر ڪيو. چيائين، مان هڪ هنڌ آيس، پهاڙي علائقو هو، جت ڪو بہ گهر وغيره ڪونہ هو. مونکي اَچي اُڃ لڳي، ڏاڍي تکي اُڃ. پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريم. ڏٺم سامهون باغ ڏسڻ پئي آيو. اُن باغ جي ٻاهران پٽي لڳي پيئي هئي تہ ”هتي اَندر پاڻيءَ جو ڦوهارو آهي، جنهن کي ڪپي، پاڻي پي وڃي. ۽ هن باغ ۾ ڪيترا وڻ آهن، جن ۾ ميوو پئدا ٿئي ٿو، اهو ميوو بہ جيڪو توهان کي ڪپي، توهين ڪٽي وڃو. پريوءَ جو نام ڳائيندا ڪريو.“

هي نوجوان چوي ٿو تہ مون وڃي پاڻي پيتو. پاڻي اَهڙو مٺو، اَهڙو تازگي ڏيندڙ، جو پيئڻ سان تَڪُ لهي وڃي. اَهڙو پاڻي مون ڪڏهن ڪونہ پيتو هوندو. پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريم، وڻ هئا. اُنهن وڻن مان ڪجهہ ميوو پٽيم. پوءِ چيم، جنهن هي هيڏو اَحسان ڪيو آهي مون تي، تنهن کي گهٽ ۾ گهٽ شڪرگذاريءَ جو اَکر تہ چئي وڃان.

اَڳتي هليس: ڏٺم تہ هڪڙو گهر هو، اَچي ڪڙڪايم. هڪ وڏي اَوسٿا جي

جوت جڳايو! جوت جڳايو!

دادا:- اَڄ ڪهڙو نه ملو ڏينهن، ڪهڙو نه پوتر، ڪهڙو نه مکيه ڏينهن! شايد ڀارت جي ڪئلينڊر ۾ مکيه ۾ مکيه ڏينهن اَڄوڪو ڏينهن، ڏياريءَ جو ڏينهن! • هينئر اَسان ڪهڙو نه ملو اپديش پياري دادا (سادو واسوانيءَ) جو ٻڌو:-

"آءِ يار مسافر! آءِ يار مسافر!"

اَڄ جو ويچار، اُن جو ٿورو ڪجهه سنبنڌ ڏياريءَ جي ڏينهن سان آهي. صبوح جو اُئيس، يادگيري پيم ته اَڄ ڏياريءَ جو پوتر ڏينهن آهي. • اَڄ جيڪو مونکي ويچار مليو، مان سمجهان ٿو ته ان ڏينهن ڪانوليِ اِهو ساڳيو ويچار مونکي وريِ وريِ پيو اَچي. اُهو ويچار ڪهڙو؟ پياري دادا جي پوتر ٻانيءَ جو ويچار آهي:-

"خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ، عرض اُناءِ!

وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!"

ڏياريءَ جو پوتر ڏينهن سال ۾ سال اِهو پيغام کڻي اَچي ٿو:- "جوت جڳايو! جوت جڳايو!" اَسين اَڃا تائين اونده ۾ آهيون. اِئين نه ٿئي، اوچتو اَنتڪال اَچي، اَسين اَڃا اونده ۾ هجون. اُن کان اَڳ ضرور جوت جڳايون!

"خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ، عرض اُناءِ!

وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!"

جڏهن هن راهه ۾ اَسين ٿورڙي پنڌ ڪريون ٿا، جڏهن ستسنگ ۾ اَچڻ شروع ڪريون ٿا، اِهڙيِ هڪ سکيا اَسان کي وري ملي ٿي ته پريو آهي. بيشڪ، ڪيس اَسين ڏسيِ نٿا سگهون، سندس آواز اَڃا تائين ٻڌي نٿا سگهون. وقت اِيندو اَسين ڏسيِ سگهنداسين، وقت اِيندو اَسين ٻُڌي سگهنداسين. هينئر اَسين نڪو ڪيس ڏسيِ سگهون ٿا، نڪو ڪيس ٻُڌي سگهون ٿا، پر تنهن هوندي به اَسان کي ڪي اِشارا ملن ٿا، اَسين به محسوس ڪريون ٿا ته پريو آهي! پريو آهي!

پهرين پهرين سکيا جا اَسان کي ستسنگ ۾ ملي ٿي، سا هيءَ ته پريوءَ

آهين! تون منهنجو محبوب آهين! تون منهنجو پريو آهين! مان تنهنجو داس آهيان!" اِن کي ڪوئيندا آهن "داسيہ ڀاو." اِهو داسيہ ڀاو، چون ٿا، هن ڏُکَر واسطي ڏاڍو فائدي وارو آهي، ڇو جو اِنسان کي نماڻو ڪري ٿو. جي مان پاڻ کي خادم ڪري سمجهان تہ مان پاڻيهي نماڻو ٿيندس. منهنجو مالڪ وڏو آهي، مان ڪير آهيان؟ مان ڪجھ ڪين آهيان!

"خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ، عرض اُناءِ!"

عرض اُنائڻ ۾ ڪيڏي نہ نمرتا ٿئي ٿي:- "پريو! مان تنهنجي در تي اَچي بيٺو آهيان هڪ بکاري ٿي. عرض کڻي آيو آهيان، اِهو عرض تون منهنجو اُناءِ!"

"خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ، عرض اُناءِ!"

پوءِ ڪهڙو عرض؟ ڪيترائي عرض ٿين ٿا. ماڻهو سنتن ستپرکن وٽ ايندا آهن ڪيترائي عريضا کڻي، ڪيترين ئي درخواستون کڻي. ڪو چوندو آهي، مونکي پئسو پدارٿ کپي، ڪو چوندو آهي، مونکي ڌنڌي ۾ نقصان پيا آهن، هاڻ منهنجي پئج رک. ڪو چوندو آهي، ڏاڍي ڇڪتاڻ مان لنگهي رهيو آهيان، ڇا ڪريان؟ اَڳھ لهي ويا آهن، هيءَ مارا ماري ٿي آهي، جنهنجي ڪري Shares وغيره سڀ ڪِري پيا آهن، هاڻ منهنجي پئج رک. منهنجا پيارا! اَسين ڪنهن نہ ڪنهن دنيوي مطلب سان پريوءَ وٽ اَچون ٿا. پريو چوي ٿو:- "اِهو بہ شڪر اَچو تہ ٿا. ٿوري هير ٿيندوَ، پوءِ پاڻيهي مون کان اُهي ڳالهيون اَچي گهرندا، جيڪي ڳالهيون توهان کي گهرڻ گهرجن." ڪو نہ ڪو مطلب، ڪو نہ ڪو عرض کڻي اَسين پريوءَ وٽ وڃون ٿا. ڪو گهرندو پئسو پدارٿ، ڪو گهرندو مان شان وڏائي، ڪو گهرندو اِندرين جو عيش عشرت آرام.

ٿيو ڏينهن هڪ ٻالڪي مون وٽ آئي. مونکي چيائين تہ "مان بمبئيءَ مان آئي آهيان. منهنجي سَسُ مونکي موڪليو آهي." پوءِ مونکي ڪن ۾ چيائين تہ "مون کي ٻار کپي." چيائين:- "منهنجي سَسُ مونکي خاص باندرا مان چاڙهي موڪليو آهي. سال ٿي ويا آهن اَسان کي شادي ڪئي، پر ڪو ٻار اَسان کي اَچا ڪونہ ٿيو آهي." اَڄڪلھ ڪيترن جي اِها تڪليف آهہ. مونکي خبر ڪونهي، اَڄڪلھ هي اَلائي ڇا ٿا ڪن. پر ڪجھ ڪن ٿا، جو ٻارن کي پاڻ کان پري رکن ٿا. چون ٿا، اَسان کي ٻار نہ کپي. پوءِ جي ٻار کي پري ٿا رکو تہ ٻار توهان وٽ ڪٿان ايندو؟ جڏهن توهان کي کپندو، ايندو ڪونہ. چوندو، تو اَسان کي پري رکيو، توهان جو دروازو کڙڪائي کڙڪائي نيٺ مان هُئي هنڌ ويس. هڪ وقت هو، جڏهن ٻار لاءِ ماڻهو واجهائيندا هئا ۽ چوندا هئا:- "جيترا ٻار اَچن،

پيڻ اَندران نڪري آئي. مون چيومانس تہ "آنٽي! مان تنهنجو ڏاڍو شڪرگذار آهيان. مان هيڏو ٿڪل هوس، بکايل هوس، اُڃايل هوس. تو مونکي اهڙو پاڻي اَڇ پيئاريو آهي، جنهن جهڙو پاڻي مون هيل تائين ڪڏهن ڪين پيتو آهي. مون ميوا کاڌا آهن. مون چيو تہ مان تنهنجي شڪرگذاري ظاهر ڪري پوءِ اَڳتي پنهنجي مسافريءَ جي هلان. تڏهن هيءَ پيڻ مونکي چوي ٿي تہ شڪرگذاري پربوءَ جي مڃ، منهنجي نہ! مون ٿوريئي ويهي وڻ پيدا ڪيا. قدرت ڪانسواءِ اَهڙا سندر وڻ ڪير ٿو پيدا ڪري سگهي؟ قدرت آهي پربوءَ جو هڪ روُپ!

Nature is a vesture of God. Nature is a garment of God.

اِهي اکر آهن هڪ رشيءَ جا. هوُ پنهنجي پاٺيءَ ۾ چوي ٿو:- "اِيشا واسيم سروم اِدم!" هي سڀڪجهہ جيڪي آهي، پربوءَ جو آهي. تون پربوءَ جا شڪرانا مڃ! وڌيڪ هي نوجوان چوي ٿو تہ مون هن کان پڇيو:- "آنٽي! تون هڙي ايراضيءَ ۾ رهين ٿي، جت ڪابہ آوت جاوت ڪين آهي، تون پاڻکي اَڪيلو ڪين سمجهين؟" هيءَ پيڻ چوڻ لڳي:- "مان اَڪيلي ڪين آهيان. مون سان گڏ رهندو آهي!" "ڪير رهندو آهي توسان؟" نوجوان پڇي ٿو. پيڻ چوي ٿي:-"منهنجو پيءُ مون سان گڏ رهندو آهي." نوجوان دل ۾ چوي ٿو، مون هن ڏي وري نهاريو. هيءَ پاڻ هيڏي ٻڍي تہ هن جو پيءُ اَلائي ڪيڏي عمر جو هوندو! مون چيومانس:- "اُهو تہ لٺ تي هلندو هوندو. سڌو تہ هلي ڪونہ سگهندو هوندو." پيڻ کلي ٿي، چوي ٿي:- "منهنجو پيءُ اَٿيئي شري ڪرشن!" شري ڪرشن جي تصوير ڏي اِشارو ڪري چوي ٿي:- "هيءُ اَٿيئي منهنجو پيءُ!"

پيءُ جو ناتو، جيڪو ناتو توهان کي وڻي، پر ڪو نہ ڪو ناتو ضروُر پربوءَ سان جوڙيو. مان تہ توهان کي وري وري چوندو آهيان تہ ستسنگ مان اُٿو، تنهن کان اَڳہ فيصلو ڪري اُٿو. اُهو فيصلو مٽائي سگهو ٿا، ڦيرائي سگهو ٿا. جيڪو بہ ناتو توهان کي وڻي، سو فيصلو ڪري اُٿو:- "پربو! هن وقت واسطي تون منهنجو هي آهين،- سکا آهين، مِتر آهين، دوست آهين، ڀاءُ آهين، پيءُ آهين، ماءُ آهين، منهنجو محبوب آهين!" جيڪو ناتو وڻيوَ، اُهو اُن سان جوڙيو. سنتن ۽ سٻرکن جي سکيا آهي تہ هي يگ جنهن ۾ اَسين رهون ٿا، اِن يگ ۾ سڀني ۾ سُٺو ناتو آهي مالڪ ۽ داس جو، مالڪ ۽ خادم جو ناتو.

"خادم آهيان تنهنجي درجو، عرض اُناءِ، عرض اُناءِ!
وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!"

منهنجا پربو! مان تنهنجي در جو خادم آهيان. گرباڻيءَ ۾ وري وري هي اَکر اَچن ٿا:- "هي ٺاڪر، هم داسرو!" تون ٺاڪر آهين! تون منهنجو مالڪ

سچو وقت آهي، چوويهه ئي ڪلاڪ. هڪ ڪن ۾ اِها جوت گُم ٿي ٿئي. پر جئن سُورج آسمان ۾ چمڪي پيو، ڪڪر اَچِيان اَچِي ٿا وڃن، سُورج گُم ٿي ٿو وڃي. ساڳِيءَ طرح، اَسان جي اَندر جيڪا جوت آهي، اُها جوت پردن ۾ ويڙهيل آهي، اِهي پردا پري ٿيندا، اَسان کي جوت جو درشن ملندو. جوت جڳائڻ جي معنيٰ منهنجا پريوُ! منهنجا گرديو! هي پردا اَچِي تون پري ڪر ته مان به جوت جو ديدار ڪريان. اِئين نه ٿئي جو اَنتڪال اَچِي، اَسان جوت جو ديدار نه ڪيو هجي. جي اَسين جوت جو ديدار ڪريون ٿا ۽ هي سرير اَسان جو ڪِري پوي ٿو، اُن ڪانپوءِ اَسين جوت ۾ نواس ڪريون ٿا. هونئن اوُنده ۾ نواس ڪريون ٿا، پيا ٻڪون، پيا ڌڪا ڪائون. جنهن جوت ۾ نواس ڪيو آهي، اُهو هن چڪر کان ڇُٽي ٿو.

"خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ!
وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!"

پياسي، تلاشي چوي ٿو:- "گرديو! تنهنجي نهار ۾ ايڏي طاقت آهي، ايڏي شڪتي آهي،- تون نهارين ته پيو ٻيشڪ، پر جي تون اُها شڪتي کولين، ۽ اُن شڪتيءَ سان نهارين ته اَسان جي جوت جڳِي وڃي، جوت کُلِي پوي."

اِن جوت جو ذڪر فقط اَسان جي رشين ڪونه ڪيو آهي، پراچين زماني ڪانوئي جدا جدا ملڪن جي رشين اِن جوت جو ذڪر ڪيو آهي. توهان پلوٽينس (Plotinus) جو نالو ٻُڌو آهي. وڏو فيلسوف ٿي ويو آهي. عجيب اِنسان هو. ڪنهن ڏينهن هن بابت توهان سان ذڪر ڪريان، توهين عجب ۾ پئو. توهين چئو هي ڀارت جو رشي ته ڪونه هو، ڀارت جو سنت ته ڪونه هو. پياري دادا (سادو واسواڻيءَ) کي اِن يوگيءَ لاءِ اَتي عزت هئي، ڏاڍي شرڌا هوندي هئي. شروع ۾ Plotinus کي سرير مان ڪراهت ايندي هئي. چوندو هو:- "هن سرير مان اَچِي ٿائو آهيان." هڪ ڏينهن هڪ وڏو ڪلاڪار آيو. ڪيس چيائين:- "سائين! مونکي موڪل ڏيو ته مان جيڪر توهان جو چٽر (Portrait) ڪيدان." چيائينس:- "منهنجو چٽر ڇا جو ڪيندين؟ هي پاڻ عکس، هاڻ اِن جو وري ٿون عکس (image) ڪيندين؟مان ڪيڻ ڪونه ڏيندس." ۽ ڪيڻ ڪونه ڏنائينس. برهم گياني هو. برهم گيان ۾ رهندو هو. هي ڇا ٿو چوي؟ هڪ هنڌ چوي ٿو:- "اَسان کي اَکيون پوري اُها شڪتي کولڻي آهي،- اَندر جي شڪتي،- اَندر جي اَک اَسان کي کولڻي آهي. اَسان مان هڪ هڪ جي جنم جو حق آهي. وڌيڪ چوي ٿو:-

I may be the poorest of the poor, the lowliest of low, the most wretched of all human beings.

اوترو سلو."

مون اُن ڏينهن ويلي پڙهي هڪ سنتياڻيءَ جي جيون ڪٿا، اُنجي جيون جو ذڪر.- St. Catherine of Sienna. هڪ وڏي catholic church جي وڏي سنتياڻي، عجيب ڪم ڪيا اٿس. اڄ وقت ڪونہ اٿم، جو توهان سان وستار ۾ ذڪر ڪريان. مان ڇا ٿو پڙهان؟ مان عجب ۾ پئجي ويس. لکيل هو تہ هيءَ پنهنجن مائٽن جو پنجويهون ٻار هئي! مان پيو پنيان نهاريان تہ ڪتاب ۾ ڪو ڀلنامو تہ ڪونهي. پنجويهون ٻار! ايترا ٻار! تن ڏينهن ۾ جوندا هئا تہ ٻار ڀل اچن. هڪ هڪ ٻار ٻالڪ سان پنهنجي آسيس ڪٺي اچي ٿو!

"خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ!

وٺاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!"

منهنجا پريو! مونکي پيو ڪجھ ڪين ڪپئي. مونکي سنسار جو پدارٿ، سنسار جو مان شان وڏائي ڪين کپي. مونکي هڪ ئي ڳالھ کپي:- "جوت جڳاءِ! جوت جڳاءِ!"

هن سرير کي اسانجي رشين ڪوليو آهي "برهم مندرم!" "شريرم برهم مندرم!" هي شرير آهي برهم جو مندر. پوءِ مندر ۾ گهنڊ لڳندا آهن، مندر ۾ جوت هميشھ ٻرندي آهي. ڪنهن وقت بہ توهين وڃو، جوت هميشھ پيئي ٻرندي آهي. اُن کي چوندا آهن زنده جوت. گهنڊ پيا لڳندا ۽ جوت پيئي ٻرندي. هي سرير آهي برهم جو مندر. هن جي اندر برهم جا پيا گهنڊ پيا وڄن. هن سرير جي اندر برهم جي جوت پيئي ٻري. افسوس! سوَ مان ڇا هزار مان، هزار مان ڇا ڏهن هزارن مان، ڏهن هزارن مان ڇا لک مان، لک مان نوانوي هزار، نوَ سوَ نوانوي (۹۹،۹۹۹) ماڻهو اِها جوت نٿا ڏسن، گهنڊ نٿا ٻڌن. اِنهن گهنڊن کي ڪوليو اٿن اَنهد شبد يا ڌُن. "سُنتا نهين ڌُن ڪي خبر، اَنهد ڪا باجا باجتا!" اڙي! اَنهد جا باجا پيا تنهنجي اندر وڄن، ڌن پيئي هلي، تون سڻين نٿو. تنهنجي ڪهڙي حالت آهي؟ هن سرير جي اندر زنده جوت، اَمر جوت پيئي جڳي، پيئي ٻري. ۽ اسين سانت ۾ ويهون، اکيون پوريون، اوُنده ئي اوُنده ڏسون ٿا! سنت ستبرڪ چون ٿا:- "جوت جڳاءِ!" "جوت جڳاءِ" جي معنيٰ اِها ڪونهي تہ ڪا اسان کي اندر وڃي جوت جڳائڻي آهي. نہ، نہ! جوت اڳيئي جڳي پيئي. پر هن وقت اِها جوت ويڙهيل آهي پردن ۾. اِهي پردا پري ٿيندا، اسان کي جوت جو درشن ملندو، جوت جو ديدار ٿيندو. جوت هڪ هڪ جي اندر آهي. اِنسان ڪيڏو بہ ڪريل هجي، ويسر ۾ وڃايل هجي، گناهن ۾ گرفتار هجي، هن جي اندر جوت آهي. اِن جوت ۾ ئي هڪ هڪ جي اُميد آهي. اِها جوت

چوي ٿو. هي اَکر آهن سقراط جا ، پر لکيا آهن پليٽو. چوي ٿو:-

There is the eye of the heart, which is precious by far than ten thousand physical eyes. For it's only with that eye that truth can be seen!'

چوي ٿو:-روح جي، دل جي اَکر اَٿوَ، اُها اَکر، هيءُ اَکيون جيکي آهن، ڏهه هزار اکيون ، تن کان وڌيڪ ملهائتي (Precious) آهه، ڇو تہ اُن اَکر سان توهين پريوءَ جو درشن ڪري سگهو ٿا.

هڪڙو سورداس پياري دادا کي گڏيو. دادا کي چيائين تہ ”مون تي آسيس ڪريو. توهين سچا سنت آهيو. منهنجي اَکين تي هٿ ڦيرائيندا، منهنجي اَکين ۾ جوت اَچي ويندي.“ پوءِ دادا ويهي مشڪيو. پوءِ وري وڌيڪ چيائين:-”جي اِئين نٿا ڪريو تہ پلا مونتي اَهڙي آسيس ڪريو، جئن منهنجي اَندر جون اَکيون کُلن، مان پنهنجي پريوءَ جو درشن ڪري سگهان.“ هن اِها پروڙ ڪين پاتي تہ هيِ ٻہ اَکيون تہ ڇا، ڏهه هزار اَهڙيون اَکيون، تن کان وڌيڪ ٿي گهريائين. پهرين تہ رڳو هيِ ٻہ اکيون ٿي گهريائين. خوش ٿئي ها جي هڪ ٿِي اَکر مليس ها، ڪاڻو ٿئي ها تہ بہ خوش ٿئي ها، پر ڏهه هزار اَکيون، تن کان وڌيڪ ٿي هن گهريو. اُهي اَکيون منهنجون کُلن، جن سان مان پريوءَ جو درشن ڪري سگهان.

منصور وڏو صُوفِي، جنهن کي ڦاسيءَ تي، سُوليءَ تي چاڙهيائون، جنهن جي چمڙي لاٿائون، جنهنکي ڪيترين تہ تڪليفون ڏنائون، اُهو هڪ هنڌ چوي ٿو:-

I saw God with the eye of the heart and I said to Him:- 'Who art Thou?' And He said:- 'Thou!'

چوي ٿو:- ”جڏهن دل جي اَکر، روح جي اَکر کُلي، مون پنهنجي پريوءَ جو درشن ڪيو. مون پريوءَ کي چيو:-”تون ڪير آهين؟“ پريوءَ جواب ڏنو:- ”تون!“

جڏهن اِها اَکر کلي ٿِي، تڏهن اُن اِڪ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڏسڻ ئي نٿو اَچي. سڀ تونهين تون! تونهين تون! ”جڌر ديکتا هون، اُڌر تونهين تون هئہ! ڪِ هر شيءِ ۾ جلوا تيرا هُوبهو هئہ!“پريو چوي ٿو:- ”تو ۾، مون ۾ ڀيد نہ ڪوئي! تون لهر، مان ساگر! تون بندوُ، مان سندوُ! تون ڪِرڻ، مان سُورج! تو ۾، مون ۾ ڀيد نہ ڪوئي!“ ذاتي فرق ڪو ڪونهي . هڪ ئي هڪ ٻيو ڏسڻ ۾ اَچي! ڪهڙِي نہ عجيب اَوسٿا اُن اِنسان جِي هوندي، جو سڀن ۾ ٻيو اُن پنهنجي محبوبَ کي پسندو هوندو! توهان جا لکہ ڪروڙ، توهان جا بنگلا ماڙيون، توهان جون ولايتي مُوٽرون،اِهي سڀ ڪجهہ ڪين آهن اُن اَوسٿا جي اَڳيان. ”جڌر ديکتا هون، اُڌر تونهين تون هئہ!“

"مان ڪيڏو نه غريب هجان ۽ ڪيڏو نه ڪريل هجان، تنهن هوندي به اهو منهنجي جنم جو حق آهي." اسان مان هڪ هڪ جي جنم جو حق آهي. پر چوي ٿو، ڪي ٿورا، ڪي ورلي اِنسان اِها شڪتي کولين ٿا، اِها جوت کولين ٿا، اِن جوت جو ديدار ڪن ٿا.

Plato هڪ بيو رشي ٿي ويو آهي. پيارو دادا هن کي ڪوٺيندو هو Rishi of ancient Greece. پليٽو سندس نالو ڪين هو، پر ڪيس چيرائيندا هئا. Greek ٻوليءَ ۾ Plato معنيٰ جنهن جا ڪلها ويڪرا، ويڪرن ڪلهن وارو. اِن ڪري هن تي نالو رکيائون Plato. ڏاڍو شاهوڪار هوندو هو. سندس پتا گذاري ويو ته سڄي ملڪيت هن کي ملي. رهندو هو وڏي بنگلي ۾، جنهن بنگلي ۾ wall to wall غاليچا هوندا هئا. وڏو فيلسوف ڪري ڪيس ڪوٺيندا هئا. تن ڏينهن ۾ هڪ بيو وڏو فيلسوف پڻ هوندو هو، جنهن جو نالو هو Diogenes، اُهو ڏاڍي سادگيءَ ۾ رهندو هو. اُن کي رهڻ لاءِ گهر به ڪونه هوندو هو. ڪڏهن رستي تي، ڪڏهن وڻ هيٺ، ڪڏهن مسافرن ۾ وڃي وهندو هو. اُن کي اَچي ڪاوڙ لڳي ته پليٽو کي ڇا جو ٿا فيلسوف ڪري ڪولين. هيڏي بنگلي ۾ رهي ٿو. هن اِها ڳالهه ڪين سمجهي ته فيلسوف اُهو، جنهن جو اَندر رتل هجي، ٻاهر ڪٿن به رهي. اِها ڳالهه هن ڪين پروڙي. چيائين، هي فيلسوف ڪهڙي ڪم جو، جو هيڏي وڏي بنگلي ۾ رهي ٿو، جنهن ۾ ٿلها غاليچا پيل آهن. پوءِ Diogenes هڪ ڏينهن هن جي گهر لنگهي وڃي ٿو ۽ وڃي پيرن سان اِنهن غاليچن کي دم ۾ لتاڙي چوي ٿو:-

'Who calls you a philsopher? I am going to put down your pride with my feet'.

"توکي اَيمان آهي ته مان فيلسوف آهيان، مان لتون هڻي اِن اَيمان کي پورو ٿو ڪريان." تڏهن پليٽو رڳو مشڪي چوي ٿو:- What a greater pride! ڪيڏي نه وڏي اَيمان سان!

پليٽو، سقراط (Socrates) جو سنگ ڪيو. سنگ منجهان هن تي عجيب رنگ لڳو. اَڍائي هزار ورهيه گذري ويا آهن، اَڄ ڏينهن تائين هن جا پستڪ لوڪ ڏاڍي شرڌا ۾ پڙهندا آهن. خاص ڪري Republic ۽ ٻيا هن جا Dialogues of Plato هڪ هڪ جي لئبرريءَ ۾ هوندا . توهين به جيڪر ولي پڙهو. توهان کي ڏاڍو آنند ايندو. اُنهن پستڪن ۾ سقراط جو ذڪر ڪيل آهي. سقراط سوالن جا جواب ڏئي ٿو. سقراط وٽ ڪيترا ايندا هئا ۽ اَچي هن سان بحث ڪندا هئا. پوءِ سقراط کين ڪهڙا جواب ڏيندو هو؟ پليٽو اِنهن پنهنجن dialogues ۾ هڪ هنڌ

چيائين:- ”هن اونده جي وقت مفت ۾ مونکي جوت ملي ويئي آهي. تڪليف هي ويئو وئي، هت ۾ هي بتي ڪٽي پيو هلي، جوت پيئي مونکي ملي.“ ڏاڍو خوش ٿيو. ٿوري ئي وقت ۾ آيا اُن هنڌ، جت crossing هئي. جوت واري کي ڌڪو هو ڏئي پاسي. اَڙي! پوءِ ڏسو ها هن جو حال! اونڌهہ ۾ ويچارو رستو ئي نہ ڏسي سگهي. جوت پنهنجي جڳائڻي آهي.

اَسين گروءَ وٽ وڃون ٿا. گروءَ جي سرير سان موھ رکون ٿا. ڏاڍي ڀُل ٿا ڪريون. وڏي ۾ وڏي ڀُل اُها آهہ. اَسين گروءَ جي سرير ۾ موھ رکون ٿا. بيشڪ، جيستائين اهو سرير آهي، اَسان کي جوت ملي ٿي، پر جنهن وقت گرو سرير ڇڏي ٿو، اُن وقت اَسان جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ گروءَ جي آدرشن، گروءَ جي سکيا سان پيار رکون! جوت جڳاءِ! جوت جڳاءِ! سيني مها پرشن جي اِها سکيا آهہ. جوت ضرور جڳائي وڃجو.

گوتم ٻڌ جو جڏهن پڇاڙيءَ جو وقت اَچي ٿيو آهي، چوي ٿو، هاڻ مان هي سرير ڇڏيان. ڏاڍي مٺي تصوير اَسان کي مليل آهي هنجي پڇاڙيءَ جي وقت جي ٻُڌ ڌرم جي پستڪن ۾. اَڄ وقت ڪين اَٿم، جو ذڪر ڪري سگهان. پر پڇاڙيءَ جي وقت کي اَکر چوي ٿو. چوي ٿو:- ”هي منهنجو پيغام آهي سين واسطي. اُن ۾ ٻہ اَکر هي آهن:- ”اَت ديپ“! ”اَت ديپ“ معنيٰ جوت جڳاءِ! پنهنجن ششن کي چوي ٿو:- ”اَءِ منهنجا ٻکو! اَءِ منهنجا پيارا! منهنجي اِهائي توهان کي وينتي آهي تہ جوت جڳايو! جوت جڳايو! ۽ جوت جڳائڻ واسطي اُدم ڪندا رهجو! ڇڏجو نہ، پنهنجا سادن ڪندا رهجو! جوت ضرور جڳائي وڃجو! جوت جڳايو! جوت جڳايو!“

مونکي يادگيري پوي ٿي ۱۹۶۲ع ۾ پياري دادا (سادو واسواڻيءَ) نياڻين لاءِ ميران ڪاليج ٿي کوليو. تڏهن اَسان پروفيسر ڪي. اين. واسواڻيءَ کي دهليءَ مان گهرايو. اَسان کيس وينتي ڪئي تہ توهين ڪرپا ڪري اَچي ڪاليج جا پرنسپل ٿي ڪم ڪريو. ٿورين ئي ڏينهن ۾، اَجا ڪاليج کليو مَس هو، پياري دادا جي چرنن ۾ اَچي ويٺو مٺي دادا جي ڪٺيا ۾. دادا کي چيائين:- ”مونکي ڪاليج لاءِ Motto ڏيو.“ پوءِ دادا، ٿورو وقت سانت ۾ وڃي چيو:- ”ڪاليج لاءِ Motto آهي:- ‘Kindle the Light’ تن ڏينهن ۾ ڪاليج جي Journal نڪرندي هئي، تنهن جو نالو اِهو ئي هوندو هو ‘Kindle the Light’. اَجا تائين اِها Magazine نڪرندي آهي. دادا کان لکائي ورتائين. چيائين:- ”مونکي لکي ڏيو.“ دادا پنو ڪنيو ۽ اُن تي هي اَکر لکيا:- ‘In every act , kindle the Light of Love!’

”خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ!
وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!“

اِها جوت ٻن قسمن جي آهي:- (١) هڪڙي جوت، جا اَسين هنن اِسٿول اَکين سان ڏسون ٿا. ڪيترين ئي جوتيون ڀيٽيون ٻرن. پر اُهي ٻرن ٿيون، وسامي وڃن ٿيون.

ٻي جوت آهي، جنهن کي ڪوليندا آهن 'Yogic Light'. توهين سانت ۾ ويهندا، اَکيون ٻُوٽيندا، جدا جدا رنگن جون جوتيون ڏسندا. توهان مان ڪيترن کي اِهو آزمودو هوندو. ڪڏهن ڏسندا ڳاڙهي جوت، ڪڏهن ڏسندا پيلي جوت، ڪڏهن ڏسندا نيلي جوت، ڪڏهن ڏسندا سائي جوت. جدا جدا رنگن جون جوتيون آهن. ڪي Yogic سادڙ آهن، جي اَپيلس ڪرڻ سان اَسين ٻه ڏسي سگهون ٿا. خاص ڪري جي توهين پنهنجو ڌيان ترڪُٽي سينٽر يعني اَجنا چڪر، جو ٻن ڀرن جي وچ ۾ آهه، اَلتائيندا ته ٿوري ئي وقت ۾ توهين جوت جو ديدار ڪري سگهندا. پر اُها جوت ڪم جي نه آهه.

(٢) هڪ ٻين جوت آهي، جنهن جو ذڪر پيارو دادا اَسان سان هنن اکرن ۾ ڪري ٿو:- ”جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!“ اُها آهي اَنتر جوت، اُها جوت آهي آتمڪ جوت. اُن جوت جو جيڪڏهن ديدار ملي ته پوءِ ”جِدر ديکتا هون، اُدر تونهين تون هئه. ڪِ هَر شئه ۾ جلوا تيرا هوبهو هئه!“ پوءِ اَهڙو اِنسان وڪارن کان ڇٽي پوي ٿو. اَهڙي اِنسان کي ترشنا ڇڪي نٿي سگهي. ترشنا جي ڇڪ محسوس ئي نٿو ڪري. اَهڙو اِنسان ڇڙهي وڃي ٿو.

اَسان مان ڪيترا آهن، جي Yogic Light جو درشن ڪندا آهن. ڇون، مون سوني جوت ڏٺي (Golden Light)، مون پيلي جوت (yellow Light) ڏٺي. پوءِ ننڍي وڏي ڳالهه تي ڪاوڙجي پون. وساري ڇڏين ته مون جوت جو ديدار ڪيو. پر هيءَ جوت، آتمڪ جوت، اَنتر جوت، اُنجو جيڪڏهن ڪنهن کي هڪواريءَ ديدار ملي ته جيڪر هميشه لاءِ ڇٽي پوي.

”خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ!
وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!“

منهنجا پيارا، ياد رکجو ته اِها پنهنجي جوت هڪ هڪ کي ٻار جڳائڻي آهي. اَسين گهڻو وقت ٻئي جي جوت تي مدار رکي سگهنداسين؟ جنگهل مان ٻه ڄڻا ٻئي ويا. هِڪُ ٻار سان پنهنجي هٿ ۾ ٻتي ڪٽي ٻئي ويو، ٻيو اُن سان گڏ اُن جي ٻنيان ٻئي ويو. چيائين:- ”مان ڪيڏو نه سڀاڳو آهيان!“ ٻار کي

ٽائيم ڏسڻ. مٿي آسمان ۾ نهاريندا آهيون، وقت سمجهي ويندا آهيون.“ ”آڙي!“ چيائينس:- ”تون واچ ۾ ٽائيم نٿو ڏسي سگهين؟ تو پنهنجو ڪيون حصو حياتيءَ جو ته وڃايو.“ پوءِ پروفيسر ماڻ ڪري ويهي نه سگهندا آهن. اخبار ڪڍي پڙهڻ ويٺو. چيائينس:- ”ملاح! اخبار پڙهڻ ايندي اٿيئي؟“ ملاح چيو:- ”سائين! اسين پاڻيءَ جا جانور، ڪڏهن هن ڪان خبر پڌنداسين، ڪڏهن هُن ڪان خبر پڌنداسين.“ چيائينس:-”اڙي! تنهنجو ٻيو ڪيون حصو به اجايو ويو. جيون جا ٻه حصا تو اجايا وڃايا. باقي هڪ حصو اٿيئي.“ اِتي چون ٿا، اچي طوفان لڳو. ڪڪر ڪارا اچي ويا، اونده ڇانئجي ويئي. تڏهن ملاح پروفيسر ڪان پڇيو:- ”سائين! توهان ڪي ترڻ ايندو آهي؟“ پروفيسر چيو:-”ترڻ ته ڪين ايندو اٿم.“ ملاح چيس:- ”پوءِ تو ته سڄي جيون اجائي وڃائي.“ ترڻ، تير هٽڻ، گهوڙيسواري.

شاهوڪار گهوڙي تي پئي ويو. وڻ هيٺ ڏٺائين هڪ فقير ويٺو آهي. ڪپڙا ميرا، ڦاٽل، پيرن تي مٽي، پر سندس منهن ۾ تجلو هو. گهوڙي تان هيٺ لهي پيو. اچي فقير جي چرنن ۾ ويٺو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ فقير اکيون کوليون. مسافر ڏي نهاريائين. شاهوڪار چيس:-”سائين! سائين!“ فقير چيس:-”چئه پيارا! ڇا کپيئي؟“ مسافر چيو:-”سائين! توهان جيڪو ديدار ڪيو آهي، اِها جوت مونکي کپي. ٻيو سيڪجھ مونکي آهي. پئسو پدارٿ، گهوڙا گاڏيون سيڪجھ اٿم. پر مونکي جوت کپي!“ فقير چيس:- ”جي جوت کپيئي ته مله (دام) ڏيڻو پوندءِ.“ شاهوڪار چيو:- ”سائين! مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هزار کپيوَ، ڏهه هزار کپنوَ، لک کپنوَ؟ (تن ڏينهن ۾ لک وڏي ڳالهه هوندي هئي.) سائين! مان ڪروڙپتي آهيان. لک سولائيءَ سان ڏيئي سگهندس؟“تڏهن فقير چيس:-”تنهنجو هزار، ٻه هزار، لک مان ڇا ڪندس؟ ڪٿي رکندس؟ مونکي هيءَ لنگوٽي پيئي آهي، رکندس ته ڪو ماري ڪٽي ويندو. وري سنڀال لاءِ ڪير رکڻو پوندو. مان پنهنجي ئي سرير جي پوري سنڀال نٿو ڪري سگهان ته وري ٻيو سرير ڇا ڪندس. اُن جو پالن پوشڻ ڪيئن ڪندس.“ شاهوڪار چيو:- ”سائين! توهان کي ڇا کپي؟ جيڪي توهان کي کپي، مان ڏيان.“ فقير چيس:-”پيارا! جي چئين ٿو اِئين ته مان به توکي ٻڌايان ٿو ته مونکي کپي تنهنجي دل! پنهنجي دل مونکي ڏي!“ شاهوڪار چيو:-”سائين! ٻڌايو دل ڏيڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو؟“ تڏهن فقير چيس ته ”اِهو سوال تون ٻيل پاڻ کان وڃي پڇ. سانت ۾ ويهي وڃي پاڻ کان پڇ ته درويش کي دل ڏيڻي اٿم: پوءِ مان ڇا ڪريان، جو دل ڏيان؟“ ڳالهه ڏاڍي وڏي آهي. هي شاهوڪار ڪيترن ئي آزمودن مان لنگهي ٿو. نيٺ ڪيس پروڙ پوي ٿي ته درويش کي دل ڏيڻ ڇا آهي؟ اُن ڏينهن کان وٺي پروڙ پائي ٿو ته هيءَ دل ملهنجي ڪين

هنن آکرن سوارن پياري دادا هيءَ پيغام ڏنو تہ”هڪ هڪ ڪم ۾، هڪ هڪ ڪرتويہ ۾، هڪ هڪ ڳالھ جيڪا تون ڪرين، اُن ۾ پريم جي جوت جڳاءِ!“ توهين ڏسندا تہ هڪ هڪ ستپرڪ جي اِها سکيا آهي:- ”جوت جڳايو! جوت جڳايو!“

هڪڙو ماڻهو اِها سکيا وٺي وڃي سانت ۾ ويٺو. پوءِ ڪيترو وقت گذري ويو. اَلڪل اَلن نون مهنن ڪانپوءِ ستپرڪ وٽ آيو. چيائينس:- ”سائين! اَٺ مهنا، نو مهنا لڳاتار اَڀياس ڪريان پيو، پر اَڃان جوت جو ديدار ڪين مليو آھ. مان اَلائي پوري رستي تي پنڌ ڪريان پيو يا نہ.“ تڏهن ستپرڪ مشڪي چيس:- ”تو تہ اَٺ مهنا، نو مهنا اَڀياس ڪيو آهي، مون چاليھ سال لڳاتار اَڀياس ڪيو، مونکي جوت جو ديدار ڪونہ مليو. چاليهن سالن ڪانپوءِ مليو.“ اِن ڪري پنهنجو اَڀياس نہ ڇڏجو.

نصرالدين جي ڳالھ مون تنهن ڏينهن توهان سان ڪئي. پٽ سان پنهنجو ڪن لڳائي ويٺو هوندو هو تہ مان اَنهد شبد ٻڌان. ”سُنتا نهين ڌُن ڪي خبر، اَنهد ڪا باجا باجتا!“ روز صبوح ڪانوليءِ شام تائين ڪن لڳائي ويٺو هوندو هو. هڪ ڏينهن زال چيس:- ”ڇا ٿو ٻڌين“؟ نصرالدين چويس ٿو:- ”تون لڳائي ڏس.“ ٻئي ڏينهن زال بہ گهوٽ سان گڏ ڪن لڳائي ويٺي. ويچاري صبوح کان شام تائين ويٺي، نيٺ ٿڪجي پيئي. پنهنجي گهوٽ کي چيائين:- ”اَٺ ڪلاڪ گذري ويا آهن. ٻُڌان تہ ڪجھ ڪونہ ٿي.“ نصرالدين چويس ٿو:-”توکي فقط اَٺ ڪلاڪ گذري ويا آهن، مونکي تہ ١٦ سال گذري ويا آهن، مون اَڃا ڪجھ ٻڌو ڪونہ آهي.“ پر ڇڏيائين ڪونہ. توهين بہ ڇڏجو نہ. اِهو پريوءَ جو اَنجام آھ، جوت ضرور جڳندي. پر ڪنهن جا پردا گهڻا ويڙهيل آهن، ڪنهن جا ٿورا. اِنڪري ڪنهن کي وقت گهڻو لڳي ٿو وڃي، پر ضرور جڳندي.

”خادم آهيان تنهنجيءِ درجو، عرض اُناءِ، عرض اُناءِ!
وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!“

اِها جوت ڪيئن جڳايون؟ ڇا ڪريون؟

هڪ شاهوڪار ماڻهو هو. گهوڙي تي پئي ويو. تن ڏينهن ۾ گهوڙا هوندا هئا. موٽرون ڪونہ هونديون هيون. گهوڙن تي سواري ڪندا هئا. تن ڏينهن ۾ گهوڙيسواريءِ ضرور سيکاريندا هئا. مان ٻانيان ٿو سنڌيءَ ۾ پهاڪو اِهو هوندو هو:- ترڻ، تير هڻڻ ۽ گهوڙيسواري، جيستائين اِهي ٽي ڳالهيون ڪنهن ماڻهوءَ کي نئيون اَچن، تيستائين هُو پڙهيل ڪين آهي. چوندا هئا پهرين ترڻ. پروفيسر پئي ٻيڙيءَ ۾ ويو. ٻيڙيءَ واري (ملاح) کي چيائين تہ ”واچ ۾ ٽائيم ڏسڻ اِيندو اَٿيئي؟“ ملاح چيو:- ”سائين! اَسين ٻاٽيءَ جا جانور، اَسين ڇا ڄاڻون واچ ۾

ٿاهيندا آهن. هڪڙو ماڻهو آيو، چيائين، مونکي ڪجهه ب ٽئي ، سڌو وڪيل وٽ وڃان. پوءِ وڪيل سچ کي ڪوڙ بڻائيندو، ڪوڙ کي سچ بڻائيندو
With due apologies to advocates.

جڏهن اَسان جي دل صاف ٿئي ٿي، پوتر، نرمل دل ٿئي ٿي، درويشي دل ٿئي ٿي، جوت اَچي جڳي ٿي!

"خادم آهيان تنهنجي در جو، عرض اُناءِ، عرض اُناءِ!
وهاري پنهنجي قدمن ۾، جوت جڳاءِ، جوت جڳاءِ!"

((پونا: ڏياري : ۱۸-۱۰-۹۰)

※

ستيہ لوڪ جي سونهن، ڪٿي پيارو آيو:
هزارن کي شري رام، ننڊ مان جڳايو!
آهيان آنءُ سُتَل: اَچي تون اُٺار:
هن دل جي اَندر، رام روشني ٻار!
تنهنجو نام ڳايان، اِڪ ٽوڪي ڏيائيان:
پل پل، اَءِ پريتم! توکي ڇاتيءَ چپايان!
بنا نام تنهنجي، ڪيم نا ڪا تياري:
صورت تنهنجي ستگر! آهہ دل کي پياري!
نڪي ڌن دولت، نڪي بهشت چاهيان:
اَتم پياس هڪڙي، ڪمل چرن پايان!
پران پران پريتم! ڪريان توتان قربان:
رهي اَنجلي هميشهہ، اِڪ حيرت ۾ حيران!

آهي. هيءَ دل آهي درويش جي. جي درويش جي دل آهي تہ اُن دل اَندر لوڀ جو ويچار ڪيئن اَچي سگهندو؟ اُن دل اَندر ڪام جو ويچار ڪيئن اَچي سگهندو؟ اُن دل جي اَندر مغروري ڪيئن اَچي سگهندي؟ اُن دل جي اَندر ”مان مان“ جو ويچار ڪيئن اَچي سگهندو؟ دل ڏيڻ جي معنيٰ اِها آئو.

شيخ فريد ننڍو ٻار هو. پنهنجي گروءَ وٽ رهندو هو. گروءَ چيس:- ”مونکي گرم پاڻي آڻي ڏي.“ تڏهن هئي ڏاڍي. سياري جا ڏينهن . چيائينس:- ”مون کي اِشنان لاءِ گرم پاڻي آڻي ڏي.“ ويو اَندر. تن ڏينهن ۾ هونديون هيون چڻگون، ڳانڍا، اُنهن جي مٿان رک پيئي هوندي هئي. هي جو رک پري ڪري تہ ڏسي تہ سڀ ڳانڍا خلاص ٿي ويا هئا. ڪابہ چڻگ بچي ڪانہ هئي. چيائين:- ”هاڻ چڻگ مان ڪٿان آڻيان، جو اُن مان باهہ ٻاري پاڻي گرم ڪريان؟ گروءَ گرم پاڻي گهريو آهي. اُن لاءِ مان ڪجهہ بہ ڪريان.“ پرسان هڪ ٻڍڙي رهندي هئي. اُن کي وڃي چيائين:- ”اَمي! مونکي چڻگ ڏيندين؟ مان پنهنجي گروءَ کي جيڪر پاڻي گرم ڪري ڏيان.“ ٻُڍڙيءَ چيس:- ”چڻگ ڏينديس، پر ملهہ وٺنديس.“ چيائينس:- ”ملهہ ڪهڙو وٺندينءَ؟“ ٻڍڙيءَ چيس:- ”تنهنجون اَکيون وٺنديس. اَکيون ڏيڻ لاءِ تيار آهين؟“ڀرين تہ ڀڄي ويو. چيائين:- ”اَکيون ڏيندس، ڏسي ڪجهہ ڪونہ سگهندس، چڻگ ڪٺي ڪيئن وڃي سگهندس، جو اُتي وڃي پاڻي گرم ڪري سگهان.“ چيائين:- ”گروءَ کي ڪيئن بہ گرم پاڻي ڪري ڏيڻو آهي. اَکيون وٺي تہ اَکيون بہ ڏينداسين.“ دل ڀڃي ٻڍڙيءَ کي چيائين:- ”اَمي، مان اَکين ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ڪيئي ڏيانءِ؟“ ٻُڍڙيءَ چيس:- ”نہ، نہ، منهنجو مطلب اِهو ڪونہ هو تہ مونکي اَکيون ڪيئي ڏي. پر ياد رکجانءِ تہ اَڄ کانوٺي اِهي اَکيون تنهنجون ڪونهن، منهنجون آهن. اِنهن اَکين سان ڪڏهين بہ ناپاڪ نظر سين ڪنهن ڏي نہ نهارجانءِ!“ بابا فريد چوي ٿو:- ”اُن ڏينهن کان مونکي اِها سکيا ملي ۽ مون ڪڏهن ڪنهن ڏي ناپاڪ نظر سين ڪونہ نهاريو.“ آهي ڪو اَسان مان جو سچ سان چئي سگهي تہ مون ڪڏهن هنن اَکين سان ناپاڪ نظر سان نہ نهاريو آهي؟ بابا فريد کي هن چيو:- ”هي تنهنجون اَکيون ڪونہ آهن، منهنجون اَکيون آهن.“ هيءَ دل تنهنجي ڪين آهي، درويش جي دل آهي. جڏهن اِها دل جي اَوستا ٿئي ٿي، تڏهن جوت جڳي ٿي.

جوت جڳايو! جوت جڳايو! دل جي اَندر ڪيڏا نہ وڪار اُٿن ٿا، ڪوڙ جا ويچار اَچن ٿا. شاهوڪار سولائيءَ سان شاهوڪار ڪونہ ٿا ٿين، اَلائي ڪيڏا پاپ ڪن ٿا. اَلائي ڪيڏن ڪوڙن ۾ ڪِرن ٿا. پوءِ اُنهن کي وڪيل هوندا آهن. سڏو لنگهي ويندا آهن وڪيلن وٽ. پوءِ اُهي هيئن هوئڻ ڪري مڙيئي ڳالهہ کي

دادا جشن جا پيا پستڪ



دادا جشن واسواڻي

نيڻهن ۾ جي مينهن وَسيا،
تِن مان ڪلو ٿيو آبُ آ :
سِڪَ ۾ سَلو سائينءَ اُڀايو،
ٿيو ڪمَلَ گُلُ ٻِروار آ !

هر طرف هُٻڪار اِڪَ جي،
پُر نُور اُن جي نِهارَ آ :
مُنهن تي پيئي مُشڪي خُدائي،
آئي فضا ۾ نهار آ !

جان نهاريان، تان خماري،
ٿيو رُوح تي تاثير آ :
ڪُلُ ڪَرِشما، تنهنجي قدرتَ،
ٿيدي تنهنجو ديدار آ !